

نينهن جا نعرا

ڊاڪٽر عطا محمد ”حامي“

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/ حيدرآباد
١٤١٢ھ/١٩٩٢ع

سچل سرمست جي ١٧٠ هين ورسي جي موقعي تي
شايع ڪيو ويو.

نينهن جا نعرا

سچل سرمست جي ساقي نامي ۽ فارسي مثنوين
جو منظوم سنڌي ترجمو

پروفيسر ڊاڪٽر عطا محمد حامي (مرحوم)

سهيڙيندڙ ۽ سموهيندڙ
ڊاڪٽر نواز علي شوق

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو/حيدرآباد سنڌ
١٤١٢ھ/١٩٩٢ع

(حق ۽ واسطا محفوظ)

چاپو پهريون: مارچ ١٩٨٣ع
چاپو ٻيو: مارچ ١٩٩٢ع
تعداد: ٻہ هزار
ڇاپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچي.
ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو.

ملھ: ٦٠ روپيا

ملڻ جو هنڌ
سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.

فهرست

ناشر جو نوٽ	٥
ٻہ اکر	٧
ديباچو	١٣
مقدمو	١٥
حسب نسب	١٥
خاندان	١٥
درزا، درگاہ جو سلسلو	١٦
ميان عبدالحق	٢٠
سخي قبول محمد اول	٢١
زندگيءَ جو احوال	٢٢
پيشن گوئي، ننڍپڻ جي تعليم	٢٣
بيعت، شادي	٢٤
حليو ۽ لباس	٢٥
سير سفر، طالب، تصنيفات	٢٦
بيماري ۽ وصال	٢٧
سچل سائين جو زمانو	٣٠
سياسي حالتون	٣٠
مذهبي حالتون، فقراهي خانقاهون	٣١
ادبي ماحول	٣٢
ٻيا فاروقي شاعر	٣٣
صاحب ڏنو	٣٥
ميان عبدالحق	٣٦
سخي قبول محمد اول، محمد حيات 'حاتم	٣٧

گل محمد ٣٨
عبدالهادي ٣٩
محمد صالح، باغي علي ۴٠
محمد نشان، ٻيا شاعر ۴١
عالمن جا رايا ۴٢
اصناف سخن ۴۴
موضوع سخن ۴٦
ساقي نامو ۽ مثنوين جو مختصر تعارف ۵٨
ساقي نامو ٦٧
تار نامو ٧١
راز نامو ٨٧
گداز نامو ١۵١
عشق نامو ١٧۵
درد نامو ١٩١
رهبر نامو ٢٠١

پبلشر پاران

سنڌ جي صوفي بزرگن جو ڪلام ڪٺو ڪري شايع ڪرڻ سنڌي ادبي بورڊ جي پروگرام جو هڪ حصو رهيو آهي. هن سلسلي ۾ بورڊ پاران ڪجهه ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن. خاص طور سچل سرمست تي هن وقت تائين ٽي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. سچل سرمست جو سنڌي ڪلام، سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام ۽ سچل جو سنيهو.

سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين قبله سائين مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ صاحب جن جي هدايتن ۽ ارشاد موجب اسين هيءُ ڪتاب "نينهن جا نعرا" شايع ڪري رهيا آهيون. جيڪو مرحوم عطا محمد جو لکيل آهي. حامي مرحوم جي قبله سائين طالب المولیٰ صاحب جن سان نيازمندي هئي ۽ سائين کين گهڻو پيارو گهرندا هئا. کين حامي مرحوم جو هيءُ ڪتاب پسند آيو ۽ ارشاد فرمايائون ته ڪتاب ميلي جي موقعي تي شايع ڪيو وڃي.

اپريل ۱۹۹۲ع ع ۾ سچل بين الاقوامي سيمينار جي موقعي تي سچل سرمست جو سنڌي ڪلام ڇپائي پڌرو ڪنداسون.

سچل سائين جون مثنويون اڻ لڀ آهن. پر جيڪڏهن اهي ڳولي تحقيق ڪري ڇپرايون وڃن، تڏهن به فقط فارسي ڄاڻڻ وارا ان مان فيض حاصل ڪري سگهندا. تنهن ڪري اهو ضروري هو ته انهن مثنوين جو منظوم ترجمو ڪرائي اهي سنڌي ۾ ڇپرايون وڃن. وڏي خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته اهو تمام ڏکيو ڪم ڊاڪٽر عطا محمد حامي مرحوم تمام سهڻي نموني سرانجام ڏنو.

مثنوين جي منظوم ترجمي وارو ڪتاب پهريون ڀيرو سنڌ جي سڄاڻ اديب ڊاڪٽر نواز علي شوق پنهنجي اداري ڪافي پبليڪيشن پاران ڇپائي پڌرو ڪيو هو. هنيئر ان جو ٻيو ڇاپو سندن اجازت ۽ ٿورن سان شايع ڪري رهيا آهيون. هنن مثنوين ۾ تصوف جا باريڪ نڪتا بيان ڪيل آهن. مرحوم حامي مثنوين جو اهڙو ته سهڻو ترجمو ڪيو آهي، جو اهي ترجمو نه پر اصل معلوم ٿين ٿيون اميد ته پڙهندڙ هن ڪتاب مان فيض حاصل ڪندا.

محبوب سروري

سيڪريٽري

پيش لفظ

اها هڪ حقيقت آهي ته سنڌ جي صوفي شاعرن تي خاطر خواه ڪم ڪونه ٿيو آهي. پر شاه ثقافتي مرڪز ڀارران، شاه لطيف تي جيڪو ڪم ٿيو آهي، سو هر لحاظ کان تعريف جي لائق آهي. باقي ٻين صوفي شاعرن خاص طور سچل سرمست جهڙي عظيم شاعر تي هن وقت تائين جيڪو ڪم ٿيو آهي، تنهن کي خاطر خواهه سڏي نه ٿو سگهجي. هن سلسلي ۾ سنڌي ادبي بورڊ، سچل سرمست يادگار ڪميٽي ۽ قاضي علي اڪبر درازي (مرحوم) جون خدمتون ساراهه جوڳيون آهن. جڏهن کان شاه لطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ سچل چيئر قائم ٿي آهي ۽ سنڌي زبان جو مهان شاعر اديب عالم ۽ محقق ڊاڪٽر تنوير عباسي ان جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيو آهي، تڏهن کان ٿوري ئي عرصي اندر هن چيئر هڪ مثالي ڪم ڪيو آهي. پر اڃا گهڻي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

منهنجو مهربان استاد سائين ڊاڪٽر عطا محمد حامي، جنهن کي مرحوم لکندي هٿ ڏڪن ٿا، قلم ڪنبي ٿو ۽ دل مان دانهن نڪري ٿي. جيڪو نه فقط هڪ وڏو اديب، عالم، شاعر، نقاد ۽ محقق هو، پر هڪ اعليٰ انسان واريون سڀ خوبيون منجهس موجود هيون. جنهن نه صرف بنده راقم تي مهربانيون ڪيون، پر هن هر ڪنهن سان ڀلائيءَ جا پيرا ڪيا سنڌ جي عظيم دانشور سائين راشدي مرحوم جي رحلت وارن ڏٿن اڃان ڪرنديون ئي نه ٻڌيون هيون، ته وري هن وڇوڙي ويل ڪري ڇڏيو!

سورن سانگهارو، ڪڏهن تان ڪونہ ڪيو،
آيل اوپارو، پائڙ پڌو پوڙ وهي! (شاه)

استاد سائين ڊاڪٽر عطا محمد حامي مرحوم جون سڀ ادبي خدمتون ساراهہ جوڳيون آهن. سندس ڪلام فڪر توڙي فن جي لحاظ کان افضل ۽ اعليٰ آهي، سندس تحقيقي مضمون ۽ مقالا پڻ سنڌي ادب ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. خاص طور سچل سرمست تي سندس مطالعو تمام وسيع هو. اهوئي سبب آهي جو سچل سائين جي فڪر جي ڪين وڏي ڄاڻ هئي. بنده ڪيترائي ڀيرا کين گذارش ڪئي، تہ پنهنجو ڪو ڪتاب ڏيو، تہ ڪافي پبليڪيشن پاران ڇپرائي پڌرو ڪيو وڃي. پر هر دفعي ائين چئي منهنجي ڳالهہ ٽاري ڇڏيندا هئا تہ "الله بس، باقي هوس" پر مان کين مجڏ تي منٿون ڪندو آيس.

هڪ ڀيري کين گذارش ڪيم تہ، "جو نہ اوهان جو هڪ اهڙو ڪتاب ڇپرايو وڃي جنهن ۾ سچل سرمست جي فارسي مثنوين جي منظوم ترجمي سان گڏ هر هڪ مثنوي جو مختصر تعارف بہ هجڻ گهرجي ۽ پاڪستان پبليڪيشن پاران ڇپرايل اوهان جي ڪتاب منصور ثاني حضرت سچل سرمست وارو مقدمو پڻ ان ڪتاب ۾ شامل ڪيو وڃي" بنده راقم جي اها گذارش قبول ڪيائون. سچل سرمست جي هڪ مثنوي "رهبر نامہ" جو منظوم ترجمو ۽ ان سان گڏ مثنوين جو مختصر تعارف پهرين فيبروري ١٩٨٢ع تي موڪلي ڏنائون. اڳ ۾ ڇپيل مثنوين ۽ مقدمي جي فوٽو ڪاپي محترم محمد علي حداد مهرباني ڪري موڪلي ڏني.

مارچ ١٩٨٢ع ۾ سچل نيشنل سيمينار جي موقعي تي مون ساڻن واعدو ڪيو تہ انشاءَ الله سندن ڪتاب سچل سرمست جي ميڙي جي موقعي تي پڙهندڙن آڏو پيش ڪيو ويندو. الاجي ڇو ڏکويل انداز ۾ چيائون تہ "ظالم جلدي ڪر، ساهہ تي ويساهہ ناهي، ڪتاب منهنجي حياتيءَ ۾ ڇپجي، تہ جيئن مان پاڻ اهو ڏسي سگهان." مون کين چيو تہ، "سائين الله اوهان کي وڏي حياتي ڏيندو. اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿا ڪريو؟ انشاءَالله ڪتاب اوهان پاڻ ڏسندؤ، پڙهندؤ، بس ميڙي جي

موقعي تائين مهلت گهران ٿو.“

هڪ ڏينهن اوچتو اطلاع مليو ته: سائيجن جي طبيعت ٺيڪ نه آهي، جناح اسپتال ۾ داخل آهن. اهو ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو اسپتال ۾ ٻه اڪثر ڪتاب جي باري ۾ پڇندا رهندا هئا. هڪ ڀيري وري ڏکويل لهجي ۾ اهائي ساڳي ڳالهه ڪيائون، جيڪا سچل نيشنل سيمينار جي موقعي تي ڪئي هئائون. مون اهي ئي ساڳيا الفاظ دهرايا ته ”سائين ڪتاب اوهان جي حياتي ۾ ڇپجي ويندو، اوهان پاڻ ڏسندؤ ۽ خوش ٿيندؤ.“ پر شايد ڪين ان ڳالهه جي پڪ نه هئي، نيٺ هڪ ڏينهن (٣ جون ١٩٨٢ع) اسان سڀني کي رئندو ڇڏي، پاڻ مرڪندي وڃي پنهنجي مالڪ حقيقي سان مليا.

سندن ٻاجهاري طبيعت ۽ پيار ڀريون ڳالهيون هر هر ياد اچن ٿيون. مرحوم ڪيڏو نه صحيح فرمايو آهي ته:

ياد ڪندين هن حامي کي اي يار مرڻ کان پوءِ گهڻو،
قرب جا گفتا جيڪو توکي ڪلجگ ۾ ٻه ٻڌائي ٿو.

ٻيو ته ڪجهه منهنجي وس ۾ نه آهي، بس سندن هن يادگار ڪتاب کي عقيدت طور سڀني سان لائي، دردن ڀري دل کي آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته اڄ استاد حامي اسان جي نظرن کان دور آهي، پر هو هزارن دوستن، عزيزن، مٽن مائٽن ۽ شاگردن جي دلين ۾ آباد آهي. جيئن پاڻ فرمايو اٿس ته:

حامي ٿياسون دور نظر کان ته ڇا ٿيو،
دل کان اسان کي دور رکي ڪير ٿو سگهي؟

فارسي ۾ سچل سائين جون ڪُل اٺ مثنويون موجود آهن. جن مان ستن مثنوين جو منظوم ترجمو ڏنو ويو آهي. افسوس جو حامي مرحوم کي موت مهلت نه ڏني، تنهنڪري مثنوي ”وصلت نامه“ جو ترجمو ٿي نه سگهيو.(١) ڪن مثوين جو منظوم سنڌي ترجمو

(١) هيءَ مثنوي سڀني مثنوين کان ڊگهي آهي. هن ۾ ڪُل ٩٠٥ شعر آهن. منڍ ۾ حمد، بعد ۾ منقبت ۽ پوءِ اهلِ بيت جي شان ۾ شعر ڏنل آهن، هن مثنوي جو اهم عنوان تخليق آدم آهي. گهڻي ۾ گهڻا شعر هن موضوع تي چيل آهن. (ن- ش)

فقير هادي بخش ولد نذر محمد شڪارپوري ڪيو هو. جن مان فقط رازنامو بنده جي مطالعي هيٺ آئي. جيڪا محمد شريف ويٺل مڏ نزديڪ اميرپير سن ١٩١٤ع ۾ نقل ڪئي هئي. حامي مرحوم واري ترجمي ۾ جيڪا سلاست ۽ رواني آهي، سا هادي بخش واري ترجمي ۾ نظر نہ ٿي اچي. هادي بخش وارو ترجمو پنهنجي جاءِ تي هڪ سهڻي ڪوشش آهي، پر حامي مرحوم واري ترجمي جو مَٽُ ٿي نہ ٿو سگهي. ممڪن آهي تہ سچل سائين جي ڪنهن پئي عاشقن مثنوين جو منظوم ترجمو ڪيو هجي پر اهو بنده راقم جي نظرن مان ڪونہ گذريو آهي.

سچل سائين جي دور ۾ سندن چاچو ۽ مرشد ميان عبدالحق هڪ وڏو صوفي بزرگ هو. تصوف جي رازن ۽ رمزن کان واقف هو. ڪيترائي ماڻهو سندن خدمت ۾ حاضر ٿي. تصوف جا نُڪتا سکڻ ۽ سمجهڻ لاءِ وٽن ايندا رهندا هئا. جيئن سچل سائين فرمايو آهي:

پير عبدالحق اسان جو رهنما،
جنهن اڳيان هڪ شخص آيو پارسا.
با ادب ٿي ان چيو اي شاهِ دين!
مون کي سمجهايو اوهان عين اليقين.

سچل سائين پنهنجي مثنوي ۾ ٻڌائي ٿو تہ پير عبدالحق ان شخص کي علم اليقين، عين اليقين ۽ حق اليقين ٽيئي مرحلا سهڻي نموني سمجهايا. سچل سرمست کي بہ پنهنجي چاچي عبدالحق وٽان ئي فيض مليو. اهو ئي سبب آهي جو ڪيترن ئي هنڌن تي پنهنجي چاچي (مُرشد) جي تمام گهڻي ساراهہ ڪئي اٿن.

اهو عام دستور آهي تہ پير فقير ورد وظيفن تي گهڻو زور ڏيندا آهن. جيڪو ڪنهن پير جو مريد ٿيندو آهي تہ ان کي ڪونہ ڪو وظيفو ڏسيو ويندو آهي. اڪثر پير طِب جفر ۽ رمل جي فن جا ڄاڻو هوندا هئا. پر اهي عشق واري علم کان اڻ ڄاڻ هوندا هئا. اهوئي سبب آهي جو سچل سائين فرمايو آهي:

علم يوناني سڄو مڪر ۽ فساد،
عاشقي جي علم ۾ ڪر اِجتهاد.
عاشقي جو علم آندو مصطفيٰ صه،
پر ڪيو ظاهر زبانِ مرتضيٰ
فلسفو، جادو، طبابت يا رمل،
آهي هر ڪو علم شيطاني عمل.

سچل سرمست پنهنجي مثنوين ذريعي تصوف جا اونها اسرار چٽيءَ ريت کولي بيان ڪيا آهن ته جيئن ماڻهو ورد وظيفا ڇڏي، صوفياڻي تعليم حاصل ڪري. عشق جي فضيلت مانَ ۽ مرتبي کان واقف ٿئي. ڇاڪاڻ ته عشق جو درجو تمام مٿاهون آهي. سلطان باهُو رح فرمايو آهي:

ايمان سلامت هر ڪوئي منگي، عشق سلامت ڪوئي هُو،
جهڙي منزل عشق پڄاوي، ايمان خبر نہ ڪائي هو.

ايران يا هندستان جي شاعرن فارسي زبان ۾ جيڪي مثنويون چيون آهن، تن ۾ اڪثر بادشاهن جا قصا بيان ڪيا ويا آهن. پر سچل سرمست اها پراڻي وات ڇڏي، هڪ نئين راهه روشن ڪئي، اهڙيءَ ريت مثنوين ۾ هڪ نواڻ پيدا ڪئي. بادشاهن جا ڊگها قصا ڇڏي، ڪن مشهور شخصيتن جا مختصر مثال ڏيئي، ڪي حقيقتون ظاهر ڪيون آهن ۽ اها ئي نصيحت ڪئي آهي ته پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ گهرجي. پاڻ سڃاڻڻ کان پوءِ ئي پنهنجو رب سڃاڻي سگهبو. فرمائي ٿو:

هن ۾ ناهن بادشاهن جا قصا،
معرفت وارا تا سمجهن ماجرا.
جيڪڏهن پنهنجي حقيقت ڄاڻندين،
غير کان هر حال ۾ پاسو ڪندين.

بيشڪ سچل سرمست جون سموريون مثنويون اسان سنڌ واسين لاءِ فردوسي ۽ نظامي جي مثنوين کان مٿاهون درجو رکن ٿيون. ڇاڪاڻ ته اُنهن ۾ بادشاهن جا قصا ۽ قصيدا بيان ڪيل آهن. پر هِنن ۾ تصوف جا نڪتا نروار ڪيا ويا آهن، تنهنڪري هي مثنويون

محض شاعري نہ آهن، پر اهي آيتون آهن، جيڪي پڙهڻ، هيئين سان هنڊائڻ ۽ عمل ڪرڻ جي لائق آهن: جيئن پاڻ ئي فرمايو اٿن:

ناهي فردوسي نظامي جو جواب،
دُر يگانو آهي منهنجو هيءُ ڪتاب
هن سُخن کي شعر گوئي تون نہ ڄاڻ
آيتن وانگر مٿس ايمان آڻ

– نواز علي شوق

ديباچو

ديوان آشڪار ڪان سواءِ سچل سائين جو سمورو فارسي ڪلام ظني آهي، ڇو جو اهو ڪنهن بہ مستند نسخي تان حاصل نہ ڪيو ويو آهي. ڪجهہ سالن کان محترمي علي اڪبر درازي ڪجهہ فارسي ڪلام شايع ڪرايو آهي. پر اُن تي تنقيدي نگاھ وجهڻ سان معلوم ٿيندو تہ اهو ڪلام ڪنهن تحقيق کان سواءِ ڇاپرايو ويو آهي. ڇو جو ان ۾ علم عروض ۽ زبان جون ڪافي غلطيون آهن. سچل سائين جهڙو عظيم شاعر اهڙيون ۽ ايتريون غلطيون ڪري نٿو سگهي. مان سمجهان ٿو تہ اهو ڪلام اهڙن ڪاتبن لکيو آهي، جيڪي فارسي زبان جا ڄاڻو نہ هئا ۽ اهڙن ڪاتبن جي هٿان اُتارحي اُتارجي موجوده حالت تي پهتو آهي.

١٩٥۴ع ڌاري مون بہ سچل سائين جي مثنوين جو منظوم ترجمو ڪيو هو. انهن مان ڪجهہ مثنويون ماهنامہ "نئين زندگي" ۾ مختلف وقتن تي شايع ٿيون هيون. وري ١٩٦۴ع ۾ پاڪستان پبليڪيشن جي شايع ڪرايل منهنجي ڪتاب "سچل سرمست" ۾ "رهبر نامي" کان سواءِ سموريون مثنويون ڏنيون ويون آهن. مثنوي "رهبر نامو" منهنجي ڪتابن ۾ هيٺ مٿي ٿي وئي هئي، جيڪا هينئر هٿ آئي آهي ۽ نقل ڪري محترمي ڊاڪٽر نوازعلي شوق جي اصرار تي سندس حوالي ڪري رهيو آهيان.

مون انهن مثنوين جا بہ نسخا ڏٺا هئا: هڪ مرحوم محبوب علي چنا صاحب جو. جيڪو محترمي قاضي علي اڪبر صاحب جي نسخي سان پيٽل هو، ۽ ٻيو ڪرم علي فقير جو، جيڪو مرحوم محمد پناھ سومري راٽيپور واري جي نسخي (١٢٦٠ هجري ۾ لکيل)

تان اُتاريل هو. انهن ٻنهي نسخن ۾ گهڻي ڦيرقار ٿيل هئي. مون ڪرم علي فقير واري نسخي تي گهڻو اعتبار ڪيو هو، ڇو جو اهو تيرهين صدي هجري جي پراڻي ۽ مستند نسخي تان نقل ٿيل هو. ان هوندي بہ مان پنهنجي ترجمي ڪيل مثنوين کي ايترو مستند نٿو سمجهان، جيترو سمجهڻ گهرجي. انهن سڀني نسخن جي ادبي ۽ تحقيقي ڇنڊڇاڻ جي سخت ضرورت آهي.

- عطا محمد حامي

ڀورين فيبروري ١٩٨٢ع

مقدمو

حسب نسب

خاندان

سچل سرمست عرب جي مشهور و معروف فاروقي خاندان سان تعلق رکي ٿو. سندس مورث اعليٰ شهاب الدين اوّل بن عبدالعزيز بن عبدالله بن عمر سن۹۳ هجري ۾ سنڌ جي فاتح محمد بن قاسم سان گڏجي سنڌ ۾ آيو. ان وقت سپه سالاري جا فرائض محمد بن قاسم انجام تي ڏنا، ته عباسي خاندان مان شيخ محمود بن محمد بن علي بن عبدالله بن عباس تي خطبي پڙهڻ جي ڊيوٽي هئي ۽ پيش امامي جو ڪم شيخ شهاب الدين کي سونپيل هو. سنڌ فتح ڪرڻ بعد محمد بن قاسم شيخ شهاب الدين فاروقي کي سيوهڻ جو حاڪم مقرر ڪيو. هي سنڌ جو پهريون مسلمان حاڪم هيو. هن کان پوءِ سندس ڇهه پيڙهيون لڳاتار ديني خواه دنيوي حڪومت جون واڳون سنڀاليندڙ رهيون. آخرڪار سن ۲۱۷ هجري ۾ سلطان محمود غزنوي سنڌ فتح ڪري ان وقت جي فاروقي حاڪم محمد کي پينشن مقرر ڪري ڏني. جيڪا هو سال بسال وٺندو رهيو ۽ تاريخ ۲ رمضان ۲۲۱ هجري ۾ وفات ڪيائين. ان کان پوءِ زماني جي انقلاب سبب هن خاندان جي ٻانهن خداآباد جي پرسان نوريجن جو ڳوٺ ٻڌو، جتي ڪيترا فاروقي ٻه لڏي اچي ويٺا. آخرڪار محمد فاروقي

جي اولاد مان اٺويهين پيڙهي مخدوم نورالدين بن وحيدالدين جا ٻہ فرزند مخدوم ابوسعيد ۽ مخدوم بدرالدين سنہ ٦٦٥ هجري ۾ غوث بهاءُالدين جي خليفي مخدوم شاه جمار جا مريد بڻجي صاحب ڪماليت ٿيا. ۽ مرشد جي قرب حاصل ڪرڻ لاءِ سيوهڻ ۽ نوريجن کي خيرباد چئي، گاگن واري پرڳڻي (گاگڙي) ۾ اچي سڪونت پذير ٿيا. مخدوم شاه جمار جو مقبرو گمبٽ تعلقي جي شهر گڏيجي جي پرسان آهي ۽ مخدوم ابوسعيد جو مقبرو ديهہ راٽي پور مڪان مرسيجي ۾ آهي.

مخدوم ابوسعيد ۽ مخدوم بدزالدين مرشد کان فيض حاصل ڪرڻ بعد ڪافي رياضتون ۽ مجاهدا ڪيا، ايتريقدر جو جهنگ ۾ گاهہ ۽ ڏڏ کائي پيٽ جو پورائو ڪندا هئا. شيخ بهاءُالدين ذڪريا ملتاني جڏهن سنڌ ۾ آيو، تڏهن ٻنهين ڀائرن کي ڏوٿيئڙن جي لقب سان ياد ڪيائين. انهي مخدوم ابوسعيد جي نائين پيڙهي خواجہ محمد حافظ عرف ميان صاحبڏنو درازن جي موجوده درگاه جو باني ٿيو.

درازا

درازن جي شهر تي اهو نالو فاروقين جي هڪ نوڪر جي نالي پٺيان پيو. اهو هئن جو فاروقين مان هڪ شخص ميان احمد نالي سرڪاري ملازمت ۾ هو، جنهن جي ايمانداري سان نوڪري ڏيڻ جي عيوض گمبٽ ۽ راٽي پور جي وچواري زمين فاروقين کي جاگير طور ملي هئي. فاروقين اها زمين پنهنجي ٻن نمڪ حلال نوڪرن دراز وندير ۽ ڪاجن وندير کي آبادي لاءِ ڏني، جتي هو پنهنجا ڳوٺ ٻڌي ويٺا، ۽ سندن نالن پٺيان دراز ۽ ڪاجن جا ڳوٺ مشهور ٿي ويا. انهن مان ڪاجن جو ڳوٺ ڦٽي ويو آهي. باقي دراز جي عمر هميشه دراز آهي.

درگاه جو سلسلو

درازن جي درگاه سچل سائين جي نالي کان مشهور آهي. پر انهي کي قائم ڪندڙ سچل سائين جو ڏاڏو خواجہ محمد حافظ ولد ميان

عبدالوهاب آهي، جيڪو سنہ ١١٠١هجري ۾ متي جي ملڪ تي آيو. ڪيس صاحبڏنو موراڳي ۽ سوائي جي نالي سان بہ سڏيندا هئا. ان وقت جي رواج موجب عربي ۽ فارسي علوم ۾ تحصيل ڪري سرڪاري ملازمت ۾ داخل ٿيو. موره جي ديهہ ۾ ڪلهوڙن طرفان فصلي ضابط جو ممتاز عهدو ماڻيائين. هڪ دفعي جيئن گهوڙي تي سوار ٿي نوڪري تي وڃي رهيو هو، تيئن ڪوٽڙي ڪبير ۽ ڏيوٽي جي وچ تي هڪ مجذوبہ عورت گهوڙي جي واڳ جهلي، سندس رستو روڪي بيهي رهي ۽ ڪجهہ بيت ڏيئي چوڻ لڳي: "خدا توکي تو ڳولي، تون ڪنهن جي ڳولا ۾ آهين." مجذوبہ جي گفتگو ٻڌي خواجہ صاحب تي حال پئجي ويو ۽ نوڪري وغيره ڦٽي ڪري، جهنگل وسائي چلہ ڪشي ڪيائين. چاليهن چلن ڪڍڻ بعد شاه عبيدالله جيلاني اچي ڪيس مريد ڪيو. اهو قصو سچل سرمست پنهنجي مشهور تصنيف "راز نامہ" ۾ هن ريت منظوم ڪيو آهي:

نام جدم مشتهر صاحبدنہ
هم محمد حافظ است در سلسلہ
روز يک مي رفت بيرون از شهر
بود خواجہ بر تماشائي دگر
درميانِ ڪوتري و ديونہ
ديد يک ديوانہ زن بُـد برهنہ
بيبي بصري بود ظاهر نام او
ڪس نمي دانست او را تارمو
ناگهان ديوانہ زن پيشش رسيد
گفت با آن خواجہ و آهي ڪشيد
بشنو از من راز اي مردِخدا
آن خدا در ڪار تو تو تا ڪجا
بيتها سندي بگفتا از زبان
آن به بيش تو همي سازم عيان.

١- چري ڪري بصري، ڪري تان ڪرنانهن،
وئي پرائي، وهانءِ تنهنجو هينئڙو تا هئين ٿيو.
٢- جئان گهٽو جڳ ۾، پر جم نه جيئڻ ڏئي،
باب نه پڙهج بي، هج آلوده الف سان.
٣- ور سان وجهيو ڪاڻ، ڪر سان ڪليو سمهين،
آيل هي اهڃاڻ، جو ڪڻ ڇڏي ته ابهين.

از شنيدن خواجه آن بيخود شده
باز پس گرديد عاشق خود شده
پارچه عمامه را از سر ڪشيد
جرعه از مي خانهءِ الفت چشيد
آمده بشگافت جنگل گوشه يافت
جز محبت هرچه بُد روئي بتافت
چهل چله اندر آن بيشه ڪشيد
بعد مدت شه. عبيدالله رسيد
دستِ بيعت خواجه را داد آن زمان
ڪشف بخشيد از مڪان تا لامڪان.

شاه عبيدالله شيخ عبدالقادر جيلاني جي اولاد مان هيو ۽ پنهنجي ڀن ڀائرن هر هڪ شاه ڪليم الله ۽ شاه عبدالملڪ سان گڏجي سنڌ ۾ آيو هو. شاه ڪريم بلڙي واري شاه ڪليم الله کان باطني فيض حاصل ڪيو هو ۽ شاه عنايت الله صوفي جهوڪ واري شاه عبدالملڪ جي مريدي اختيار ڪئي. شاه عبيدالله خواجه محمد حافظ سان روح رچنديون ڪري اجمير شريف هليو ويو. سندس مزار به اتي خواجه معين الدين چشتي جي درگاه عاليه ۾ آهي.

خواجه محمد حافظ جي چله ڪشي واري وقت ۾ شاه عبداللطيف ڀٽائيؒ به سائس ملاقاتي ٿيو هو. اهو مخدوم محمدي جو زمانو هيو ۽ نه مخدوم احمدي جو، جيئن مرحوم مولانا محمد صادق

راٽيپورائي سچل سرمست جي سرائڪي ڪلام ۾ لکيو آهي. انهيءَ ملاقات جو ذڪر تذڪره مخاديم ڪهڙا ۾ هن ريت آيل آهي: ”شاه صاحب سير و سفر ڪندي اتفاقاً ڪهڙن جي ٻاهران چنيهه فقير جي کوهه تي اچي منزل انداز ٿيو ۽ مخدوم صاحب وٽس دعوت لاءِ ماڻهو موڪليو. شاه صاحب مخدوم صاحب ڏانهن هيٺيون بيت چورائي موڪليو.

”اڄ نہ آيس آءٌ، صبح ايندس سپرين،
توتي جنهنجو نانءُ، ڪٽي بار ڪهين جو.“

صبح سان شاه صاحب مخدوم صاحب جو مهمان ٿيو ۽ پورو هفتو مخدومن سان رهاڻيون ڪري درازن ۾ اچي خواجہ محمد حافظ سان ملاقات ڪيائين. چون ٿا تہ شاه صاحب جي اچڻ وقت خواجہ صاحب هڪ غار ۾ معتڪف هو. شاه صاحب غار جي مٿان ويهي چيو: ”هتي پڪل گدري جي بوءِ ٿي اچي.“ پوءِ اندر وڃي خواجہ صاحب سان مليو ۽ چيائين، ”يار ڪي لڪائڻ نہ گهرجي،“ ساڻس روح رچنديون ڪري ٻاهر لوڙهي ۾ آندائين. تذڪره مخاديم ۾ اهو بہ لکيل آهي تہ شاه صاحب خواجہ صاحب کي امانت جي صاحب ٿيڻ جي نشاني ڏني ۽ اتي ساڻس گڏجي ڪوهي بہ کوٽيائين. والله اعلم بالصواب.

درحقيقت هي اها کوهي هئي جنهن متعلق متواتر روايتون آهن تہ جڏهن شاه صاحب ۽ خواجہ صاحب اندر هئا تڏهن ڪنهن کي بہ اندر اچڻ جي اجازت ڪانہ هئي. مگر چنيهه فقير اچڻ شرط اچي ٽپو ڏنو. جنهن تي شاه صاحب کيس چيو: ”تنهنجي ’ڇ‘ ڪڏي نسورو ئي ”نينهن“ ٻڌائي ٿا ڇڏيون. فقيري جو ويس اسان ٿا ڏيون ۽ طلب صاحبڏني ڪان وٺ.“ انهي وقت کان وٺي چنيهه فقير ۽ سندس خاندان جو ويس نيرو هلندو ٿو اچي. اهو چنيهه فقير مخدوم عبدالرحمان شهيد جي دعا سان ڄائو هو ۽ مخدوم صاحب نندپڻ ۾ ئي فرمايو هو: ”هن ڇوڪر کي طريقت جي امانت فاروقي خاندان مان

حاصل ٿيندي.“

خواجہ محمد حافظ کي شاه عبيدالله جي نظر فيض اثر ذري مان آفتاب بڻائي ڇڏيو. ثوري صحبت ۾ ئي طريقت جا سمورا مرحلا طئي ڪري حقيقت ۽ معرفت جو صاحب بڻجي پيو. مرشد کان خلافت جو خرقو حاصل ڪري درگاه جو سلسلو جاري رکيائين.

شاه عبيدالله موڪلائڻ وقت خواجہ صاحب کي فرمايو تہ: درگاه جو سجاده نشين لوڙهي ۾ رهي خاندان جو هر فرد سجاده نشين جي بيعت ڪري ۽ ٻيو ڪوبہ بيعت نہ وٺي. انهي حڪم تي تعميل اڄ تائين ٿيندي رهي ٿي. ڪتاب ”دولهہ درازي“ ۾ قاضي علي اڪبر صاحب لکيو آهي تہ: گمبٽ ۽ راڻي پور ۾ اڳ ۾ ئي جيلاني بادشاهن جون ٻہ مشهور گاديون هيون. ٻئي بادشاه (خواجہ محمد حافظ جي) ايتري رجوعات ڏسي تعجب ۾ پيا تہ هي ڪير فقير آهي، جنهن اسان جي وچ ۾ اچي ديرو دمايو آهي. اها روايت بلڪل غلط آهي ڇو تہ خواجہ محمد حافظ جي درگاه جو بنياد مخدوم محمدي جي ڏينهن ۾ پيو، جڏهن سائنس شاه عبداللطيف جي ملاقات بہ ٿي هئي. گمبٽ ۽ راڻيپور جون ٻئي درگاهون مخدوم احمدي جي وقت سنہ ١١٧١ هجري کان پوءِ محمد شاه ۽ احمد شاه جيلانين اچي قائم ڪيون. صاحبڏنہ سائين جي درگاه انهن جي اچڻ کان اڳ ۾ ئي قائم دائم هئي.

خواجہ صاحب ٩١ سال ناسوتي ملڪ جو سير ڪري ١١٩٢ هجري ۾ ابدي وصال ماڻيو. ڪيس ٻہ فرزند هيا: ١- ميان صلاح الدين ٢- ميان عبدالحق- ملفوظات پير محمد راشد ۾ ذڪر آهي تہ پاڳارن جي درگاه جو باني پير محمد بقا شاه مخدوم محمد اسماعيل جي وفات بعد ميان صاحبڏني وٽ روحاني فيض جي اضافي لاءِ آيو هيو.

ميان عبدالحق

ميان عبدالحق خواجہ محمد حافظ جو ننڍو فرزند هو. مگر شاه

عبيدالله مسند نشيني جي سلسلي ۾ وڏي فرزند ميان صلاح الدين جي بدران سندس ئي نالو لکيو هو. تنهن ڪري خواجه عبدالحق مسند نشين ٿيو. مرزا علي قلي بيگ جي اها روايت غلط آهي ته جڏهن ميان صاحبڏنه وفات ڪئي، تڏهن سندس وڏي پٽ خوشيءَ سان ننڍي ڀاءُ کي هٿن سان گاديءَ تي ويهاريو. ڇو ته ميان عبدالحق جي گادي نشين ٿيڻ کان گهڻو اڳ ميان صلاح الدين وفات ڪري ويو هو.

ميان عبدالحق ۱۱۲۰هجري ۾ هن مٽي جي ملڪ تي آيو ۽ پنهنجي والد بزرگوار جي وفات بعد خلافت تي ويٺو. هو پنهنجي زماني جو هڪ وڏو عارف ۽ جيد عالم ٿي گذريو آهي. سندس ديني فتويٰ کي حرف آخر ڪري ڄاتو ويندو هو. ڪيترائي روحانيت جي فيض جا پياسي ڏورانهن ڏيهن تان پنڌ ڪري وٽس اچي پنهنجي پياس پوري ڪندا هئا. سچل سرمست وٽ جيڪڏهن ڪوبه ماڻهو مريد ٿيڻ ايندو هو ته کيس پنهنجي مرشد ميان عبدالحق ڏانهن رجوع ڪندو هو ۽ سندس گهڻي عزت رکندو هو. رازنامه ۾ سندس تعريف ڪندي آخر ۾ چئي ٿو ڏئي:

مدح او از مانمي گردد تمام
هرچه گفتم آن بود بس والسلام.

ميان عبدالحق دنيا کان بي نياز رهي حقيقت ۽ معرفت جو ملڪ وسائي آخرڪار سن ۱۲۱۳هجري ۾ برقعو مٽايو. کيس پنج پٽ هئا، جي پڻ وڏا عارف ٿي گذريا آهن. سندن نالا مبارڪ هي آهن: ۱ـ قبول محمد ۲ـ زين العابدين ۳ـ دين محمد ۴ـ ولي محمد ۵ـ خدا داد.

سخي قبول محمد اول

ميان عبدالحق کان پوءِ سندس وڏو فرزند سخي قبول محمد اول مسند نشين ٿيو. هو سن ۱۱۸۱هجري ۾ ڄائو ۽ ۱۲۴۵ هجري ۾ وفات ڪيائين. انهي سخي قبول محمد جي وصال کان ٽي سال اڳ سچل سرمست برقعو مٽايو. هو هڪ وڏو پرهيزگار متقي ۽ متوڪل

درويش ٿي گذريو آهي. جيڪي هٿ ايندو هوس اهو في سبيل الله ڏئي ڇڏيندو هو. تنهن ڪري کيس هرڪو سخي جي نالي سان پڪاريندو هو. کيس ڇهه فرزند هئا:

١- خواجہ نظرمحمد ٢- خواجہ محمدحافظ ٣- خواجہ محمدسعيد
٤- خواجہ سرورعلي ٥- خواجہ موجودعلي ٦- خواجہ محمد غوث.

سخي قبول محمد اوّل کان پوءِ هينيان بزرگ فقيري جي خلافت کي رونق بخشيندا رهيا آهن.

خواجہ نظرمحمد	ولادت ١٢٠١ هجري	وصال ١٢٥٢ هجري
خواجہ نجم الدين	ولادت ١٢٣٩ هجري	وصال ١٢٧٢ هجري
سخي قبول محمد ثاني	ولادت ١٢٦١ هجري	وصال ١٣٤٣ هجري
خواجہ صاحبڏنو ثاني	ولادت ١٣٠٧ هجري	وصال ١٣٥٠ هجري
خواجہ قبول محمد ثالث	ولادت ١٣٣٢ هجري	وصال ١٣٧١ هجري

هن وقت خواجہ عبدالحق ثاني مسند نشين آهي. سندس تاجپوشي ٢٥ جنوري ١٩٥٢ع تي ٿي هئي.×

زندگيءَ جو احوال

ولادت ۽ نالو

سچل سائين جي ولادت باسعادت سن ١١٥٢ هجري مطابق ١٧٣٩ع ۾ ٿي. هو خواجہ محمد حافظ جي وڏي فرزند ميان صلاح الدين جو هڪڙو ئي پٽ هو. سندس نالو پڙڏاڏي جي نالي تي عبدالوهاب رکيائون. مگر هو سچل، سچيڏنو ۽ سچو جي نالي سان مشهور آهي. سندس چاچو ۽ مرشد ميان عبدالحق کيس پيار مان انهن نالن سان پڪاريندو هيو. پاڻ به سنڌي سرائڪي خواه اردو ڪلام ۾ تخلص طور اهي ئي نالا ڪم آڻيندو هيو. باقي فارسي ۾ سندس تخلص آشڪار ۽ خدائي آهي.

×استاد حامي هيءُ مقدمو ڳهڻو اڳ ۾ لکيو هو. خواجہ عبدالحق ثاني وصال ڪري ويو آهي. هينئر قبول محمد سائين گادي نشينن آهن. (ن.ش)

پيشن گوئي

سچل سائين جي ٻالپڻ وقت ئي شاھ عبداللطيف خواجہ محمد حافظ سان ملاقات ڪئي ھئي. ان وقت سچل سائين جي پيشاني ۾ ولايت جا آثار ڏسي خواجہ صاحب کي چيو ھئائين: ”اسان جيڪا عشق جي ديڳ چاڙھي آھي، ان جو ڍڪ ھي ٻار لاھيندو.“ اھا اڳڪٿي حرف بحرف صحيح نڪتي. مرزا علي قلي بيگ ۽ مولانا محمد صادق راڻيپوري پنھنجي ڪتابن ۾ لکيو آھي تہ: شاھ صاحب اھا پيشنگوئي ان وقت ڪئي ھئي جڏھن ميان عبدالحق جي پنجن پٽن سان گڏ سچل سائين ڏنو ھئائين. مگر حقيقت ان جي برعڪس آھي، ڇو تہ ميان عبدالحق جي مسند نشين ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي شاھ صاحب رحلت ڪري چڪو ھو ۽ ميان عبدالحق جو وڏو فرزند ميان قبول محمد ئي شاھ صاحب جي وفات کان پوءِ سن ١١٨١ ھجري ۾ ڄائو ھو. شاھ صاحب صرف خواجہ محمدحافظ جي وقت ۾ درازن ۾ آيو ھو ۽ سچل سائين سان گڏ ميان عبدالحق کي ڏٺو ھوندائين، جنھن جي عمر سچل سائين جي ولادت وقت ٻٽيھہ سال ھئي.

نندپڻ ۽ تعليم

سچل سائين اڃا ڇھن سالن جو مس ھيو تہ سندس والد بزرگوار برقعو مٽائي ويو ۽ ھن در يتيم جي سنڀال خواجہ محمدحافظ ۽ ميان عبدالحق ڪئي.

سچل سائين انھيءَ ماحول ۾ پرورش پاتي جيڪو ديني خواہ دنيوي لحاظ سان اُتم ھو. خواجہ محمد حافظ خواہ سندس جاءِ نشين ميان عبدالحق پنھنجي وقت جا وڏا ولي ۽ جيّد عالم ھئا. وٽن رات ڏينھن ظاھري خواہ باطني علوم جي محفل گرم ھوندي ھئي. انھي ئي فيض جي چشمي مان سيراب ٿيل حافظ عبدالله قريشي صديقي کي سچل سائين جي پڙھائڻ جو ڪم سونپيو ويو. ڪامل استاد وٽ فھيم طبع واري ذھين شاگرد ڪافي پرايو ۽ ٿوري عرصي ۾ ئي قرآن ڪريم حفظ ڪري ورتائين. عربي ۽ فارسي علوم جي تڪميل ميان

عبدالحق وٽ ڪيائين. قرآن، حديث، فقہ، منطق، فلسفہ ۽ تصوف جون رمزون بہ پنهنجي چاچي وٽان سکيو.

ڪتاب "دولھہ درازي" ۾ قاضي علي اڪبر صاحب هڪ عجيب روايت پيش ڪئي آهي تہ سچل سائين کي سندس استاد عبدالله قريشيءَ نہ پڙهڻ ڪري چماٽ هنئي، جنهن ڪري سندس ٻانهن سڪي پئي، جيڪا بعد ۾ سچل سائين جي هٿ گهمائڻ سان ٺيڪ ٿي وئي. اوّل تہ حافظ عبدالله قريشي جهڙو فاضل ۽ ڪامل استاد، جيڪو ميان عبدالحق جهڙي عارف وٽان ظاهري خواہ باطني فيض حاصل ڪري چڪو هو، سو سندس ڀائٽي کي چماٽ ڪيئن هڻندو، پر جيڪڏهن خدا نخواستہ هن چماٽ هنئي بہ هجي تہ بہ انهيءَ ۾ سندس نيت نيڪ هوندي. اهڙي نيڪ نيتي جي ڪري ٻانهن جو سڪڻ عجيب ڳالهہ آهي.

ازانسواءِ انهيءَ عبدالله قريشي لاءِ سچل سائين جي تصنيف ڪيل قطع تاريخ موجود آهي. جنهن ۾ سرمست سائين کيس محرمِ راز، عارف بالله ۽ واصل بحر ذات الاالله تسليم ڪيو آهي. اها روايت ڪنهن بہ تذڪره ۾ آيل ڪانہ آهي. پتو ناهي تہ قاضي صاحب ڪنهن وٽان ٻڌي پنهنجي ڪتاب ۾ آندي آهي.

بيعت

سچل سائين فقيري جي سلسلي ۾ ميان عبدالحق جو دست بيعت مريد هيو. هن وٽان ئي طريعت جا مرحلا طئي ڪري حقيقت ۽ معرفت جو صاحب ٿيو. پنهنجي مرشد سان بيحد عقيدت هيس، ايتري قدر جو سندس آڏو ٻڙڪ بہ نہ ٻوليندو هو ۽ هميشه غلامي ۾ گذاريندو رهيو. مرشد جي اولاد جي بہ حد کان وڌيڪ عزت رکندو هو. ميان عبدالحق جي وفات کان پوءِ سخي قبول محمد اوّل جو خاص خليفو ٿي رهيو.

شادي

سچل سائين کي شادي بہ سندس چاچي ۽ مرشد ميان عبدالحق

پاڻ وٽان ڪرائي. بيبي صاحبہ بہ سال حيات هئي، مگر ڪوبہ اولاد ڪونہ ٿيو.

حليو ۽ لباس

مرحوم عثمان علي انصاري جي تحقيق موجب سچل سائين جو قد وچولو، رنگ صفا، پيشاني ڪليل ۽ ٻهڪندڙ ۽ وار ڊگها هيس. مٿي تي سائي رنگ جو تاج پائيندو هو ۽ بدن تي اڇو چولو.

سچل سائين ننڍپڻ کان وٺي نهايت بردبار ۽ ماٺيٽي طبيعت وارو انسان هو. گهڻو ڪري صبر سانت ۽ فڪر ۾ گذاريندو هو. عيش ۽ آرام جو خيال دل ۾ ڪين ايندو هيس. ايتريقدر جو حياتي ۾ ڪڏهن کٽ تي نہ سمهيو. ڪاٺ جي صندل تي يا هيٺ ڌرتيءَ تي سمهندو هو. گهڻو ڪري بيراڳڻ جي ٽيڪ تي ذڪر فڪر ۾ رات گذاريندو هو. عمر ڀر نہ ڪنهن شڪار جي ويجهو ويو ۽ نہ ڪنهن جانور کي ذبح ڪيائين. نشيدار شين کان دور رهندو هو.

شيخ محي الدين، ابن عربي، فريدالدين عطار، احمد جام ۽ ٻين صوفي بزرگن جي تصنيفات جو مطالعو سندس خاص وندر هئي. راڳ ۽ ويراڳ جو ايترو شوق هيس جو ڪنهن ساز تي هٿ لڳڻ سان بيخود ۽ سرشار ٿي ويندو هو.

مٿين سڀني ڳالهين جي باوجود درگاه جو انتظام سندس هٿ ۾ هو. سمورو ڪاروبار پنهنجن ٻالڪن جي معرفت پاڻ سنڀاليندو هو. پنهنجي چاچي ميان عبدالحق خواه سندس پٽ سخي قبول محمد ٻنهين جو خليفو ٿي رهندو هو. ۽ سندن پاران شادي غمي خواه ٻين ڪمن لاءِ پاڻ ويندو هو. وقت جي حاڪمن خاص ڪري مير سهراب خان ۽ مير رستم خان سان سٺا تعلقات هيس. راٽيپور، گمبٽ، کهڙا، پيرڳوٺ ۽ ٻين درگاهن سان چڱا لاڳاپا هيس. ڪن سڄڻن لکيو آهي تہ: کهڙن جا مخدوم برخلاف هيا. پر اها ڳالهہ حقيقت جي برعڪس آهي. ان لاءِ تذڪره مخاديم جو هي حوالو ڪافي آهي تہ: هڪ دفعي مخدوم محمدعاقل اوّل سان سندس ڀاءُ مخدوم محمد جو

جاگيرن جي سوال تي تڪرار ٿي پيو ۽ هو مير سهراب خان وٽ پڪاري پڪاري ٿڪجي پيو. پر سندس ڪجهه بہ نہ وريو. آخرڪار هو سخي قبول محمد ۽ سچل سائين وٽ دانهن ڪٺي ويو. سچل سائين مخدوم محمد عاقل وٽ سفارش لاءِ آيو. تہ مخدوم صاحب پنهنجي مهر ڪٺي سچل سائين جي حوالي ڪئي. جنهن فيصلو ڪري ملڪيت جو مناسب حصو مخدوم صاحب جي ياءَ کي ڏياري ٻنهين کي ڪير ڪنڌ ٻٽائي ڇڏيو. اهو مخدوم محمد عاقل مخدوم محمد اسماعيل پرياوءِ واري جو داماد هو.

سير سفر

سچل سائين درگاه جي خلافت سبب دور دراز ملڪن جو سير ڪونہ ڪيو. البت مرشدن جي ڪم ڪار سان سکر، روهڙي شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي تائين ڪڏهن ڪڏهن ويندو هو.

طالب

سچل سائين ڪنهن بہ طالب کي پنهنجو دست بيعت مريد نہ ڪندو هو. جيڪو وٽس طلب وٺڻ ايندو هو، ان کي پنهنجي مرشد ڏانهن رجوع ڪندو هيو. سندس مرشد وري اهڙن طالبن کي ذڪر ڏئي سچل سائين جي صحبت ۾ رهڻ جو حڪم ڪندو هيو. سندس اهڙن طالبن مان هيٺيان مشهور آهن.

١ـ فقير نانڪ يوسف اگڙن وارو ٢ـ فقير محمد صالح قادري لاڙڪاڻي وارو ٣ـ فقير محمد صلاح دونهين وارو ۴ـ فقير گهرام جتوئي ٥ـ فقير شير خان ٻنيرو ٦ـ جانو فقير شڪارپوري ٧ـ سيد خير شاه ٨ـ سيد پير شاه ٩ـ حاجي عثمان چاڪي ١٠ـ سيد حسن شاه ١١ـ فقير محمد صديق ١٢ـ فقير شير علي ١٣ـ حيدر شاه.

تصنيفات

سچل سائين وڏو پرگو ۽ بلند پرواز شاعر ٿي گذريو آهي. سنڌ

جو ٻيو ڪوبہ شاعر ڪونهي جنهن مختلف ٻولين ۾ ايترو ڪلام چيو هجي. عام روايت آهي تہ سچل سائين پنهنجي آخري عمر ۾ پنهنجو اهو ڪلام ضايع ڪري ڇڏيو، جيڪو شطحيات تي مبني هيو. مرزا علي قلي بيگ جي تحقيق موجب هو پنهنجي انتقال وقت جيڪو ڪلام ڇڏي ويو ان جو تعداد نو لک ڇٽيهہ هزار ڇهہ سو ڇهہ بيت هيو. هن وقت سندس مطبوعہ ۽ غير مطبوعہ ڪلام جو تفصيل هي آهي:

١- سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون ۽ دوهڙا
٢- اردو غزل
٣- مرغ نامہ سنڌي
۴- وحدت نامہ سنڌي
۵- قتل نامہ سنڌي
٦- جهولڻا ۽ گهڙوليون
٧- سنڌي مرثيا
٨- ديوان آشڪار فارسي
٩- رازنامو فارسي
١٠- وحدت نامو فارسي
١١- رهبرنامو فارسي
١٢- عشق نامو فارسي
١٣- گدازنامو فارسي
١۴- وصلت نامو فارسي
١۵- تارنامہ فارسي
١٦- ساقي نامو فارسي
١٧- بحرطويل فارسي

بيماري ۽ وصال

سچل سائين جي صحت هميشہ سالم رهندي هئي. مگر پڇاڙي ۾ خوني اسهال سبب بيمار ٿي پيو. ڪيترن ئي پرت جي

پانديئڙن کي معرفت جي منزل تي پهچائي تاريخ ۱۴- رمضان ۱۲۴۲ هجري مطابق ۱۸۲۹ع ۾ انتقال فرمايائين. بيدل فقير سندس وفات جون تاريخون هڪ سنڌي ۽ ٻـه فارسي ۾ چيون آهن. جي تـيئي هت ڏجن ٿـيون.

سنڌي

عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار هو
مست سالڪ شهه سچل عاشق اتي اظهار هو
برهه جي برسات جو تنهن وير تي وسڪار هو
ظاهر ۽ باطن تنهين وٽ درد جو ڏڏڪار هو
وجد وحدت جو سدا خاصو تنهين خمّار هو
مرد سو منصور وانگر عشق جو اوتار هو
منجهه سخن ان جي الوهيّت سندو آثار هو
جنگ جذبه جوش مستي ۾ مثل عطار هو
پانهنجي رائي پرين نوي ورهيه نروار هو
پوءِ وصل جي موج ماڻي ذوق کان ذخّار هو
سن ٻارهن سو ٻائيتاليهه ۾ تيّار هو
چوڏهين رمضان جي هادي اهو هسوار هو
قربدارن جي ڪٽڪ ۾ مرد منصبدار هو
در تهين داتا جي "بيدل" پرت جو پينار هو.

قطعه تاريخ فارسي

در بيعنائي ازل ترکيد شد مخروج عشق
کف ز دريائي محبت کرد بيرون موج عشق
از خدا بودي صديق و پيش احمد شد سچو
از علي صادق يقين و پيشوا مخروج عشق

سال اورا مَنشيءِ بر لوحِ تقدير اين نوشت
بود بر برج هدا و آفتاب اوج عشق.
١٢۴٢

قطعہ تاريخ فارسي

چون سالک سچو زين طلسم مجاز
سوي آشيان رفت چون شاهباز
زهي صاحب وجد منصور وقت
کہ بي مثل بوده بہ سوز و گداز
بہ هنگام سرجوشيءِ حالتش
نگاهش همي بود طالب نواز
بہ نيم التفاتي کزو يافتند
بہ يک لحظہ طي گشتہ راه دراز
ز هر دو جهان دست شست آن کسي
کہ شد محرمِ راز آن عشق باز
چون شد جان او عازم وصلِ اصل
شنيد ارجعي با هزار عزّ و ناز
دلم جست سالِ وصالش ز جان
بگفتا: کہ درياي ذخّار راز.
١٢۴٢

سچل سائين جو زمانو

سياسي حالتون

سچل سائين انهي زماني ۾ پرورش پاتي جيڪو سياسي لحاظ کان پرآشوب هيو. سياست ساندي وانگر ستئي رنگ ظاهر ڪري رهي هئي. شاه عنايت جهوڪ واري ۽ مخدوم عبدالرحمان کهڙن واري جي شهادت جي ياد پراڻي نہ ٿي هئي. ڪيترا ماڻهو جيئرا هيا، جيڪي مٿين واقعن وقت موجود هئا. ميان غلام شاه ڪلهوڙي ۽ سندس ياءُ عطر خان جي ويڙهہ، مير بهرام خان جو پنهنجي پٽ مير صوبدار خان سميت بي دردي سان قتل ٿيڻ، ميان سرفراز خان جو شهيد ٿيڻ، ۽ مير بجار خان جو دغا سان قتل ٿيڻ وغيره سمورا واقعا سچل سائين جي وقت ٿيا. انهن کان سواءِ ڪلهوڙن جي ڪمال جو سج لهڻ ۽ ٽالپرن جي اقبال جو آفتاب ايرڻ سچل سائين پنهنجي اکين سان ڏٺا. هي اهو زمانو هيو، جڏهن مدد خان پٺاڻ سنڌ ۾ اچي پنهنجي قهر جو طوفان ڪڙو ڪيو هو. مير سهراب خان جو ياءُ مير غلام محمد خان عمرڪوٽ جي قلعي وٽ راجپوتن هٿان مارجي چڪو هو. مير صاحبان راجپوتن، سکن ۽ دائودپوٽن جي بچاءُ کان حربي قلعن

ٺهرائڻ ۾ مصروف هئا. مطلب ته ملڪ ۾ جابجا خوف و هراس جي باه ڀڙڪا کائي رهي هئي. هوڏانهن فرنگي سياست جو ڄار هندستان مان هلي سنڌ ۾ شيطان جي آنڊي وانگر ور وڪڙ کائي رهيو هو.

مذهبي حالتون

سياسي بي اعتدالين سان گڏ مذهبي حالتون به نراليون هيون. ڪهڙن جي مخدومن جو ايڏو زور هو، جو ٿوري گهٽي ڳالهه تي هندن کي زوري مسلمان ڪندا هئا. ان وقت جا حاڪم خواه پير ۽ عالم انهن جو ساٿ ڏيندا هئا. مخدومن جي فتويٰ حاڪمن خواه رعايا وٽ حرف آخر جي حيثيت رکندي هئي. انهن ڳالهين جي ڪري اقليت وارا هميشه حڪومت ۽ مخدومن جي خلاف سازشون سٽيندا رهندا هئا. اهوئي سبب آهي جو هو انگريزن جي اچڻ وقت سنڌن ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا.

فقراهي خانقاهون

سچل سائين جي وقت ۾ سياسي خواه مذهبي ماحول اطمينان جوڳو نه هو. تڏهن به فيض وارن فقيرن جون خانقاهون امن ۽ آرام سان طريقت جي طالبن کي معرفت جي مئي سان مست ڪري رهيون هيون. گمبٽ ۽ راڻيپور ۾ ابراهيم شاهه ۽ صالح شاه قادري وڪر وهائي رهيا هئا ته کهڙن ۾ محمد ذاڪر ۽ رازقڏنه فقير درازن جي درگاه کان ورتل نينهن جو نعرو هنيون وينا هئا. هنگورجن ۾ سيد محمد عطا ولد سڪيل شاه حسيني فيض ٿي ڏنو ته دونهين (ٻبرلوءِ) ۾ سيد ابراهيم شاه الاهي درد جو دونهون دکايون ويٺو هو. تجل ۾ شاهه عنايت شهيد جي فرزند مخدوم سلام الله ٺرڊٺي جي گادي مخدوم سلطان علي شاه وسايو ويٺو هو ته ڪنڊڙيءَ ۾ وري روحل فقير جا فرزند بر ۾ بره جي بازار لڳايو ويٺا هئا. روهڙي ۾ سيد جان الله شاه ثاني ۽ بيدل بادشاه عشق جو آڪاڙو لاتو هو ته نوشهري ۾ پير شهاب الدين ۽ پير عبدالحي نقشبندي نالو نروار ڪري رهيا هئا. پيرڳوٺ ۾ وري پير محمد راشد روزه ڌڻي ۽ سندس فرزند پير

صبغت الله شاه تجرڏٽي قادري ۽ نقشبندي ٻنهين سلسلن جو ميثاق ڪري وينا هئا. ان وقت درازن ۾ ميان عبدالحق سجاده نشين هو ۽ سندس خليفو سچل سرمست الاهي موج ۽ مستي سان شعر و شاعري ذريعي وحدة الوجود جو پرچار ڪري رهيو هو. مٿين سيني درگاهن جو پاڻ ۾ سهڻو سلوڪ هو ۽ وقت جا حاڪم خواه عالم ۽ عام ماڻهو سندن گهڻو خيال رکندا هئا.

ادبي ماحول

سچل سائين وارو زمانو ادبي لحاظ کان سونهري زمانو هو. اڳ ۾ ڪلهوڙن ۽ پوءِ مير سهراب خان ۽ رستم خان جي حڪومت هئي. انهن درٻارين ۾ علم و ادب جو چرچو لڳو پيو هوندو هو. حاڪم پاڻ شاعر ۽ شاعر نواز هئا. تنهنڪري ٻري ٻري جا اديب اچي پنهنجا جواهر پارا پيش ڪري خراج تحسين حاصل ڪندا هئا. مير رستم خان جا بيت ۽ ڪافيون سوز ۽ گداز جي ساک ڀريندا هئا. ازانسواءِ مير عالي خان ۽ مير مبارڪ خان ٻئي سٺا شاعر ۽ سخندان هئا. انهن سيني وٽ بيتٻازيون ۽ ادبي معرڪا ٿيندا رهندا هئا. آخوند محمد حيات حاتم، محمد نشان فاروقي، قاضي محمد ڪامل لقماني ۽ خان محمد پيرزادو گڏيجي وارو فارسي جا قادرالڪلام اديب ۽ شاعر هئا. پيرڳوٺ ۾ پير محمدراشد ۽ پير صبغت الله شاه جي ادبي محفل پنهنجو مٽ پاڻ هئي. خليفو محمود نظاماڻي، آئل فقير، ابوبڪر ۽ عبدالله ڪاتيار سندن درگاه سان منسلڪ هئا. گمبٽ ۽ راڻي پور جا پير ابراهيم شاه جيتوڻيڪ پاڻ شاعر نه هئا تڏهن به وڏا فيض وارا ۽ ادب نواز بادشاه هئا. پير غلام محي الدين شاه جو استاد آخوند چنو جامڙو، شير خان ميساوو ۽ پير محمد شاه ثاني انهن درگاهن سان واسطو رکندڙ شاعر ۽ اديب هئا. کهڙن ۾ مخدوم احمدي، مقيم مولودي، محمد ذاڪر اجڻ ۽ رازقڏنه اجڻ وڏا مداح، مولود خوان ۽ اهل دل شاعر هئا. سگهڙن مان صادق شاه گامبٽو، خير شاه پنجابي، الهرکيو مير بحر ۽ بچو فقير پنهنجو مٽ پاڻ هئا. ازانسواءِ صوفي

شاعرن مان محمد شريف فاروقي، عبدالرحيم گروهڙي، پير عبدالحق خاڪي، جان الله شاه عاشق، مراد فقير، غلام علي فقير، دريا خان ۽ ٻيا ڪيترا درويش درد جا دفتر کولي رهيا هئا. مطلب ته شعر و شاعري جو ميدان تمام وسيع هو ۽ جتي ڪٿي علم ادب جو چرچو هوندو هو.

ٻيا فاروقي شاعر

ادبي دنيا ۾ سنڌ جو فاروقي خاندان فقط ميان صاحبڏني، پير عبدالحق ۽ سچل سائين جي ڪري مشهور آهي. مگر جيڪڏهن ڳوڙهي نظر سان تاريخ جي ورق گرداني ڪبي ته معلوم ٿيندو ته هن خاندان ۾ ٻيا ڪيترائي عالم فاضل اديب ۽ شاعر ٿي گذريا آهن، جن تي سنڌ جيترو فخر ڪري اوترو بجا ٿيندو. ڪلهوڙن خواه ٽالپرن جي ڏينهن ۾ وقت جا امير پنهنجا خواه پنهنجي ٻارن جا اتاليق گهڻو ڪري هن خاندان جي ماڻهن مان مقرر ڪندا هيا، جو ته هن خاندان ۾ علم فضل ٻين جي نسبت ۾ گهڻو هوندو هو. هن خاندان مان جيڪي شاعر ٿي گذريا آهن، تن مان پهريان ذوقي ۽ حقيري فاروقين جا نالا اچن ٿا. افسوس آهي جو فقط سندن تخلص ۽ ذات جو پتو پوي ٿو. باقي سندن نالن ۽ زندگي جي احوال جي ڪا خبر ڪانهي. سندن ڪلام قلمي بياض عرف ديوان عجائب مؤلف محمد ابراهيم عشق باز مان ڪافي انداز ۾ ملي ٿو. سچل سائين خود پنهنجي مشهور تصنيف ديوان آشڪار ۾ ڪين ياد ڪيو آهي: "بسي شاعر نهان شد آشڪارا، ڪجا ذوقي ڪجا رفته حقيري." هتي ذوقي ۽ حقيري جو هڪ هڪ غزل نموني طور پيش ڪجي ٿو.

غزل ذوقي

نڪتهٔ اسرار حق يا ساغر صهبا است اين
يا دهانِ دلستان يا گوهر يڪتا است اين

پرتو خورشید و مه یا شمع بزم افروز دل
لالۀ گل یاسمن یا عارض زیبا است این
سنبل گلزار حسن و سلسلۀ مستان عشق
زلف زنجیر حزن یا رهزن دلها است این
خازن گنجینۀ گل یا دانۀ دام مراد
زنگيءِ در گلستان یا خال پر سودا است این
عقد پروین است یا گوهر خوش آب پرتگال
یا در دندان او یا لؤلؤي لالہ است این
بلبل دستان سرا یا مست مجنون صفا
عندلیب دلکشا ذوقيءِ لیلیٰ است این

غزل حقيري

از ازل دل درخم ابروي جانان بستہ ام
تا ابد بر خاک راه یار خود بنشستہ ام
غمزه مشرگان او تاجان من بر بوده است
خاکساري حاصلم شد از خودي وارستہ ام
خال رخسارش بسي موزون و دلکش شد ولي
زلف مشکینش چنین بیتاب کرد آهستہ ام
نیم جاني خود بہ شب میخواستم قربان کنم
تا بپرسد گویم اینک هر دو دستت بستہ ام
مصرع خسرو حقيري دل ز دستم برده است
گر بپرسد کیستي گو هیچ اینجا سستہ ام

ذوقي ۽ حقيري کان پوءِ آخوند عبدالقوي جو نالو اچي ٿو. سندس تخلص طالع ۽ قويطالع هئا. هو ميان نورمحمد ڪلهوڙي جو درباري شاعر هو ۽ ميان نورمحمد جي وفات تي هڪ وڏو مرثيو لکيائين، جنهنجو ذڪر صاحب تڪملہ مقالات الشعراءِ بہ ڪيو آهي. آخوند عبدالقوي ميان صاحبڏنہ جي سلسلي ۾ ستين ڪڙي مخدوم

شهاب الدين جي ناني جي اولاد مان شيخ علاءُ الدين جو فرزند هو. ڪيس ڇهه پٽ هئا. ١- مير گوله ٢- صبغت الله ٣- محمد زاهد ٤- فيض محمد ٥- محمد حيات ٦- محمد تقي. سندس ڪلام مان هڪ غزل پيش ڪجي ٿو.

دل ز من رنجيد چون آن دلستان رنجيد رفت
طفل را مڪتب بود ماتم چو روز عيد رفت
هر ڪه سر افراخت بر درياي دوران چون حباب
از طلاطم شور شر گرداب وش پيچيد رفت
خوش نفس آن ڪس ڪه بهر رنگ و بوي اين جهان
دل نه بسته در چمن مانند گل خنديد رفت
گر رهِ ليليٰ روي مجنون صفت بگذر ز هوش
گرچه اين صحراي چون ريگ روان غلطيد رفت
اي ”قويطالع“ به پيش هر ڪه گفتم درد دل
گوش خود را ڪرد ڪرو حال ما نشنيد رفت

صاحبڏنو

قويطالع ڪان پوءِ درازن جي درگاه جي باني خواجه محمد حافظ عرف صاحبڏنه سائين جو نالو ٿو اچي. هو هڪ بيظير عالم ۽ باڪمال بزرگ هجڻ سان گڏ پنهنجي زماني جو هڪ وڏو شاعر به هيو. شعر ۾ ڪٿي صاحبڏنه ڪٿي حافظ نالو آندو اٿس. سندس ڪلام اسلامي اخوت ۽ مساوات جو آئينه دار آهي. جنهن ۾ ذات پات جي ڀيد ۽ فرقه پرستي جي بوءِ به ڪانهي. سنڌ جي هڪ وڏي عارف پير محمد راشد روزه ڌڻي جي ملفوظات ۽ بيدل فقير روهڙي واري جي سندالموحدين ۾ سندس ڪلام ڪي سند طور ڪم آندو ويو آهي. ڪتاب دولهه درازي ۾ قاضي علي اڪبر صاحب جيڪو ڪلام ڏنو آهي تنهن مان اڌ ڪان گهڻو صاحبڏني شاه بلڙي واري جو آهي. ڪلام جو انتخاب هيٺ ڏجي ٿو.

۱- آدم آهي چوڻ ۾، پر آهي پاڻ الله،
سريرئون ساه، صاحبڏني صحيح ڪيو.
۲- الله سڄاڻڻ سترو، پاڻ سڄاڻڻ ڏک،
تيتر ياڻءِ م سک، جيتر سر سڄاڻين نہ پنهنجو.
۳- ڪنين جو نينهن نهر سان، ڪنين ڊپايا درياه،
صاحبڏني جي ساه، سارو سمند سمائيو.

۴- ڪي ٻدڻ سان ٻتجي ويا، ڪي چريا منجهہ چاه،
صاحبڏنہ جي ساه، سارا ورق ورائيا.
۵- پاڻ پنهنجو پاڻ ۾، جن پسيون پيهي،
صاحبڏنا صورت جي، ڪل تنين ڪيهي
تن وهامي ويئي، چپ چتيندي راتڙي.

ميان عبدالحق

صاحبڏنہ سائين ڪان پوءِ ميان عبدالحق پنهنجي زماني جو چڱو شاعر ٿي گذريو آهي. شعر ۾ ڪٿي پنهنجو سچو نالو ۽ ڪٿي پنهنجو تخلص "خاڪي" آندو اٿس. سنڌي ۽ فارسي ۾ ڪافي مداحون چيون اٿس. ڪڏهن ڪڏهن غزل جي زمين ۾ بہ طبع آزمائي ڪري هم اوست جو سر آلاپيو اٿس ۽ بين الاقوامي برادري جي دعوت ڏني اٿس. انتخاب طور سندس فارسي مدح مان ڪجهہ شعر هت ڏجن ٿا:

اي سرور دو عالم
يا مصطفيٰ مدد شو.
اي برگزيده آدم
يا مصطفيٰ مدد شو.
بر عرش حق رسيدي
حق را پديد ديدي
قولِ خدا شنيدي

يا مصطفيٰ مدد شو.
روشن جهان ز رويت
خوشتر ز خلد كويت
ظلمت شبي ز مويت
يا مصطفيٰ مدد شو.
دل از فراق ريشم
بردار پرده پيشم
بنما لقائي خويشم
يا مصطفيٰ مدد شو.
در گور در قيامت
خواهم ز تو شفاعت
مارا توئي حمايت
يا مصطفيٰ مدد شو.

سخي قبول محمد اول

ميان عبدالحق کان پوءِ سندس وڏو فرزند ميان سخي قبول محمد اول ڪڏهن ڪڏهن سالڪن کي سلوڪ جا سبق سمجهائيندي في البديهه شعر بہ چئي ويندو هيو.

سندس ڪلام ناياب آهي. بيدل فقير پنهنجي ڪتاب "سندالموحدين" ۾ هينيون شعر ڏنو اهي، جو پيش ڪجي ٿو:

جامن تي جامان، "پرين" پهري آئيو،
ڪامان ڙي ڪامان، ڪيڏو لِڪ ڪريم ڪيو.

محمد حيات "حاتم"

قوي طالع جو پڙ پوٽو محمد حيات ولد محمد واسع هڪ وڏو اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. سندس تخلص حاتم هيو. هو مخدوم نورمحمد بوبڪائي جو همعصر هو. هڪ دفعي مير ڪرم علي خان جي دربار ۾ ويٺو هو تہ مخدوم نورمحمد بہ آيو. ادبي محفل گرم

هئي. مخدوم صاحب فارسي شاعر هلالي جي شهادت جو واقعو بيان ڪيو، جنهن تي مير صاحب ڪيس هڪ لونگي عطا ڪئي. وري جڏهن محمدحيات جو وارو آيو ته مخدوم صاحب جي ذڪر ڪيل بيان مان ڪجهه غلطيون ڪڍي صحيح واقعو پيش ڪيو. جنهن تي سڄي دربار ۾ واه واه جو شور برپا ٿي ويو ۽ ڪيس خلعت سان گڏ ٻه لونگيون مليون. مخدوم صاحب پڻ پنهنجي لونگي ڪيس ڏئي ڇڏي. اهو ذڪر محمد ابراهيم فاروقي جي قلمي بياض تان نقل ڪيو ويو آهي.

آخوند محمدحيات ان وقت عالم خان نظاماڻي جي فرزندن جو اتاليق هيو. ان کان پوءِ هو مير سهراب خان اول جي فرزند مير مبارڪ خان جو استاد ۽ درباري شاعر ٿي رهيو. هو ميان عبدالحق جو مريد هيو ۽ سن ١٢٥٥ هجري ۾ وفات ڪيائين. سندس هڪ غزل انتخاب طور ڏجي ٿو.

تار محبت است ڪہ بسيار نازڪ است
از تار جان نزاڪت اين تار نازڪ است
ساقي بہ جام جم چہ مئي ناب مي دهي
مل را بگل فگن ڪہ لب يار نازڪ است
ور تار مويءِ رشتۂ جان بس نزاڪت است
ليڪن از اين ميان ڪمر يار نازڪ است
دلهاي خلق جمع بہ طاق دو زلف تست
هشدار بار شيشہ بہ اين تار نازڪ است
مشڪن دل رقيب خدا را بڪوي دوست
فهميده پاگذار ڪہ اين خار نازڪ است
آخر سوال ما بہ جوابي نمي رسد
با تندخو مناظره بسيار نازڪ است

گل محمد

آخوند محمد حيات جو وڏو پاءُ گل محمد ٻه هڪ وڏو اهل دل

۽ درويش صفت شاعر ٿي گذريو آهي. سندس شعر ۾ جا بجا تصوف جو رنگ نظر ايندو. فارسي مدح ۽ غزل ۾ طبع آزمائي ڪئي اٿس. سن ١٢٦٨ هجري ۾ وفات ڪيائين. سندس هڪ غزل پيش خدمت آهي.

يار من آمد با نقش نگاري عجبي
سرمه سا نرگس سرمست خماري عجبي
برخ آويخته ازان زلف بلند آغشته
هر سر تار سيه مار قطاري عجبي
تاخته آورد به صد ناز تجمل جولان
اشهب شوخ عجب شاهه سواري عجبي
ڪرد يغما دل من آن به نگاهي ناگاهه
چشمه سالاس نما شعبده ڪاري عجبي
گل محمد همه تن ڪاسه شد اندر عشقت
سر خود ڪرد فدا در ره ياري عجبي

عبدالهادي

گل محمد کان پوءِ عبدالهادي ولد صادق علي فاروقي جو نالو اچي ٿو. هو سچل سائين جي وفات جو صدمو سهي نه سگهيو ۽ ٻئي ڏينهن تاريخ ١٦ رمضان ١٢٤٢ هجري ۾ وفات ڪري ويو. سندس هڪ غزل هيٺ ڏجي ٿو.

در وصف نگنجد ڪه چه سيمين ذقن است آن
بگذشت ز گلبرگ ڪه نازڪ بدن است آن
رويش همه نور است چون روشن مه تابان
مويش همه مشڪ است ويا آهو ختن است آن
آن زلف ڪه آراست خم اندر خم جانان
ماريست سيه يا ز ڪمند رسن است آن
يا من به مقالات بجز تلخ نه گويد

با مردم بیگانہ چو شیرین دهن است آن
آن تلخ جوابي ز زبانش کہ بر آید
راحت دل و جان است کہ بس خوش سخن است آن
هادي بہ در خدمت تو سیر شد اکنون
دورش مکن از خویش کہ یار کهن است آن

محمد صالح

عبدالهادي جو سؤٽي سئوٽ محمد صالح ولد محمد اسماعيل بہ هڪ چڱو شاعر هيو. سندس هڪ غزل هت ڏجي ٿو.

گر دورم از تو باتو سوال و جواب چیست
ور با توام همیشہ مرا اضطراب چیست
گر دورم از تو جان مرا راحت از کجا است
ور با تو ام در آتش هجر و عذاب چیست
از راه معنيٰ ار آمده درمیان جان
و از راه ظاهرت سبب اجتناب چیست
گفتي کہ صالح از الم عشق فارغ است
از سینئہ پر آتش چشم پر آب چیست

باغ علي

عبدالهادي سان گڏ سندس هڪ عزيز باغ علي فاروقي جو نالو شاعرن جي قطار ۾ اچي ٿو. سندس ناصحانہ ڪلام مان هڪ غزل پيش ڪجي ٿو.

هر کسي صاحب نظر دیدم
بهر لقمہ اي در بدر دیدم
مرد دل هلاک بهر سیز
کیسہ نادان پر از گهر دیدم

مسخره هم دروغ گوئي سخن
نزد شاهد عزيز تر ديدم
جهلا را به سيم زر دستاز
عالمان را برهنه سر ديدم
هر کسي هوشمند با دانش
او به غم سوخته جگر ديدم

محمد نشان

ان کان پوءِ محمد نشان ولد گل محمد فاروقي پنهنجي زماني جو وڏو عالم اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. سن ١٢٦٩ هجري ۾ وفات ڪيائين. سندس ڪلام ناياب آهي. فقط ٻه قطع تاريخون ملن ٿيون. جيڪي هن مير سهراب خان ۽ مرثيه گو شاعر محمد عالم اوّل جي وفات تي لکيون هيون. سندس تصنيفات مان هڪ فارسي لغات (قلمي) راقم الحروف وٽ محفوظ آهي.

ٻيا شاعر

اِنهن کان سواءِ هيٺين فاروقي شاعرن جون تصنيف ڪيل قطع تاريخون ملن ٿيون.

١ـ خوش محمد ولد محمد ذاڪر وفات ١٢٣٦ هجري.
٢ـ آخوند خان محمد ولد محمد ضياءُ الدين وفات ١٢٥٨ هجري.
٣ـ نورعلي ولد مسعودعلي وفات ١٢٧٦ هجري.

جيڪڏهن ڪوشش ڪري سندن ڪلام هٿ ڪيو وڃي ته جيڪر ادب جو وڏو خال پرجي وڃي.

عالمن جا رايا

١ـ منجهہ سخن تنهنجي الوهيت سندو آثار هو
جنگ جذبي جوش مستي ۾ مثل عطار هو.
(بيدل)

٢ـ سچل سائين تي هميشه الاهي عشق جو غلبو هوندو هو ۽ حال ۾ اچي ڪلام چوندو هو.

ـ مخدوم الله بخش عباسي، مؤلف تذڪره مخاديم ڪهڙا

٣ـ سندس ڪلام تصوف جي متن تي آهي ۽ مضمون رڳو معرفت ۽ حقيقت بابت آهي.

ـ مرزا علي قلي بيگ

۴ـ شاهہ درازي جي شعر ۾ گهڻو ڪري سندس عشق جا اوچتا آلاپ ۽ الفت جا الست امنگ آهن.

ـ آغا غلام نبي صوفي مؤلف سچل سرمست

٥ـ سچل جي ڪلام ۾ واڪا ڪري سوليءَ کي سڏيو ويو آهي.

ـ جيٺمل پرسرام، مؤلف سنڌ ۽ صوفي

٦ـ جهڙو جوش ۽ جلال، جواني ۽ جمال سندس باڪمال هستيءَ ۾ هميشه نمايان هو. اهوئي جوش جذبو، جمال ۽ جلال سندس شعر ۾ ظاهر آهي.

ـ عبدالرزاق ميمڻ رفعت، مؤلف گلزار نظم

٧ـ سچل جي ڪلام ۾ عرفان، حق ۽ تصوف کان سواءِ واردات

عشق، هجر و وصال جو ذڪر ۽ عاشقانہ پيار الفت جون ڳالهيون
بہ ملن ٿيون.

- اردو شاعر نسيم امروهوي

۸- سچل سرمست دين ۽ بي ديني، ڪفر ۽ اسلام جي وچ وارا پردا عشق حقيقي جي آتش ۾ ڦنا ڪري ڇڏي ٿو.

- محمد صديق ميمڻ، مؤلف سنڌي ادبي تاريخ

۹- سچل جو ڪلام معرفت جو شراب آهي، جنهن سان دل مست ٿيو پوي.

- رحيم داد خان مولائي شيدائي

۱۰- سنڌس ڪلام عين بي باڪي جو آئينو آهي ۽ منجهانس رندي ۽ مستي پيئي بکي. ائين پيو پائنجي تہ گويا وجد ۾ اچي نچندي شعر چيو اٿس ۽ ذوق مان پڙهندڙن جي دل تي بہ اهڙي ئي ڪيفيت طاري ٿئي ٿي.

- ڊاڪٽر دائود پوٽو

۱۱- ڪلام چوڻ وقت فقير صاحب حق جي سير ۾ مشغول هوندو هو، جتي فقط مستي ۽ محويت آهي.

- نماڻو فقير هندستاني

۱۲- سچل جو ڪلام توحيد ۽ معرفت الاهي جو وسيع ۽ بي نظير خزانو آهي.

- رحيم بخش ميمڻ

۱۳- سچل جي ڪلام ۾ بي ڊپائي بي ڌڙڪي موجود آهي.

- سنڌي ادبي سنگت، ڪراچي

۱۴- سنڌس شعر اعليٰ خيال ۽ جذبي وارو آهي.

- ميران محمد شاه، مؤلف گلزارخيال

۱۵- سچو ڪلام عشق و محبت جي سرمستين ۽ تصوف جي باريڪين سان معمور آهي.

- رشيد احمد لاشاري

١٦ـ (سچل سائين) مدهوشي ۾ هوش جون ڳالهيون ڪندو ٿو رهي ۽ هوش ۾ مدهوشي جا راڳ الاپيندو ٿو رهي.

ـ عثمان علي انصاري

١٧ـ ڪٿي ڪٿي شطحيات بہ آهن، ورنہ سموري ٻي تصنيفات سوز گداز، درد ۽ غم سان ڀرپور آهي.

ـ مولوي محمد صادق راڻيپوري

١٨ـ سندس ڪلام جي خاص خوبي اها آهي جو نهايت آساني سان هر خاص و عام جي فهم ۾ جلد اچي سگهي ٿو.

ـ قاضي علي اڪبر، مؤلف دولهہ درازي

اصناف سخن

سچل سائين کان اڳ سنڌي شاعري اوائلي ڪبت- دوهڙي ۽ ڪافي يا وائي تي مبني هئي. ڪبت ۾ فقط فقهہ جا مسئلا، معجزا ۽ مداحون وغيره چيا ويندا هئا جي اڄ ڪلهہ متروڪ ٿي چڪا آهن. وايون يا ڪافيون گهڻو ڪري بہ ٽيپون هونديون هيون جن ۾ مولود، مناجات يا محبوب جي سراپا وغيره جو بيان ٿيندو هيو. انهن جو مضمون هن وقت جي شاعري جي لحاظ کان اڻپورو هيو. باقي دوهڙو پنهنجي ترقي جا ڪافي مرحلا طئي ڪري چڪو هيو. سچل سائين مٿين سيني صنفن ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. ڪبت ۾ سندس وحدت نامو مخدوم محمد هاشم جي زادالفقير، مخدوم عبدالله جي ڪنزالعبرت خواهہ مخدوم عبدالرحيم گروهڙي جي حقيقت محمدي يا تفسير وغيره کان گهڻو اڳيرو آهي ڇو تہ ان جي زبان وڌيڪ سليس سلوڻي ۽ صاف آهي. ازانسواءِ منجهس روزمره جو بہ گهڻو خيال رکيو ويو آهي. ساڳي ريت قتلنامو ۽ جهولڻا وغيره سنڌي شاعري ۾ پهرين ڪوشش هجڻ جي باوجود اڄ ڏينهن تائين پنهنجو مٽ پاڻ آهن. انهيءَ طرز ۾ ڪوبہ شاعر اجا ايترو ڪامياب ڪونہ ٿيو آهي.

مرثيہ جي ميدان ۾ سچل سائين سنڌ جو پهريون شاعر آهي. هن کان اڳ دوهڙن ۽ بيتن جي زمين ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، احسان

فقير ۽ ٻين ڪن شاعرن سر ڪيڏارو الاپيو آهي. مگر مرثيہ جي صنف سخن جو موجد اسان جو سچل سائين آهي، جنهن کان پوءِ ثابت علي شاه، عالم ڪربلائي ۽ ٻين شاعرن هن فن ۾ پنهنجي قلم جا جوهر ڏيکاريا آهن. سنڌي دوهڙي جي زمين شاهہ عبداللطيف اڳ ۾ ئي هموار ڪري ڇڏي هئي، باقي ان جي آبياري ۽ گلڪاري جو ڪم سچل سائين اچي پورو ڪيو. هيررانجهو ۽ روجهن جا داستان جيڪي اڳ ۾ ڪنهن بہ سنڌي شاعر بيان نہ ڪيا هيا، تن کي سچل جي زبان حق ترجمان بيان ڪري سنڌي ادب ۾ اضافو آندو. ازانسواءِ سنڌي خواه سرائڪي دوهڙن ۽ بيتن ۾ حسن و عشق جي راز و نياز جون اهي موشگافيون ڪيائين، جن جي تقليد مولوي لطف علي ۽ خواجہ غلام فريد جهڙن شاعرن کي ڪرڻي پئي. بيدل، حمل ۽ ٻيا ڪيترا سنڌي شاعر سچل سائين جي ڪلام کان متاثر ٿي شعر چوڻ لڳا.

سنڌي ڪافي ۾ سچل سائين جو مقام سنڌ جي سيني شاعرن کان مٿي آهي. هن صنف ۾ سچل سائين ساخت خواه مضمون ۽ معنيٰ جي لحاظ کان جيڪي ايجادون ڪيون تن ۾ اڄ ڏينهن تائين ڪوبہ اضافو ڪري نہ سگهيو آهي.

سنڌي موزون ڪلام ۾ اوليت جو سهرو هالن جي شاعر مخدوم عبدالرؤف ڀٽي جي سر تي آهي، مگر سندس ڪلام صرف قديم مولودن ۽ مداحن تائين محدود آهي. سچل سائين جون ڪيتريون ڪافيون ۽ غزل بہ علم عروض جي قاعدن موجب آهن. ازانسواءِ زبان جي صفائي، خيال جي گهرائي خواهہ مضمون آفريني ۾ سچل سائين جي ڪلام جو درجو بلند آهي.

سچل سائين اردو ۾ بہ ڪجهہ غزل چيا آهن جي ان وقت جي لحاظ کان هڪ معجزي جي حيثيت رکن ٿا. ڇو تہ ان وقت اردو شاعري پنهنجون ابتدائي منزلون طئي ڪري رهي هئي. سراج الدين خان آرزو جي وفات وقت سندس عمر سترهن سال هئي. اردو زبان جو هڪ وڏو عالم ۽ شاعر نسيم امروهوي پنهنجي رسالي ۾ سچل سائين

جي ڪلام تي تبصرو ڪندي لکي ٿو تہ: سچل سائين ان وقت بہ اردو غزل ۾ اهڙا صوفيانہ ۽ اخلاقي مضمون نظم ڪيا، جيڪي اڄ بہ انقلابِ ذهنيت جي باوجود هر طبقي ۾ مقبول آهن.

فارسي ۾ سچل سائين غزل، مستزاد، قطع ۽ مثنوي ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. انهن سيني صنفن ۾ مثالن ذريعي وحدت الوجود جي وضاحت ٿيل آهي. خيال جي بلندي ۽ معنيٰ جي گهرائي سان گڏ صنايع ۽ بدايع بہ چڱا استعمال ٿيل آهن، مگر زبان جي بندش ۽ صفائي اهڙي نہ آهي جهڙي هڪ اهل زبان شاعر جي ڪلام ۾ هئڻ گهرجي. ممڪن آهي راوين ۽ ڪاتبن جي غلطين سبب ڪلام جي اصلي صورت سالم نہ رهي هجي. بهرحال سندس قادرالڪلامي ۾ ڪوبہ شڪ ناهي.

موضوع سخن

سچل سائين پنهنجي زماني جو هڪ بي نظير شاعر ٿي گذريو آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين ڪائونس پوءِ سنڌ سندس درجي جو شاعر پيدا نہ ڪري سگهي آهي. هو هڪ مجذوب سالڪ ۽ الاهي اسرار جو عارف هيو. تصوف جو ڪو اهڙو نڪتو ڪونهي جو سچل سرمست نروار نہ ڪيو هجي.

هو ٻڌائي ٿو تہ هي جهان اصل عدم جي اوڙاهہ ۾ هيو، مگر جڏهن ذات الاهي پنهنجي صفات جي مظهر کي ظاهر ڪرڻ چاهيو تڏهن "ڪن" جي اشاري سان ڪائنات جو ڪتاب جڙي راس ٿي پيو ۽ هي سموري هنگامہ آرائي نيستي مان نڪري نروار ٿيل هستي واري نئين چيز مان پيدا ٿي پئي. سچل اهو سمورو مضمون هينين ٻن سٽن ۾ هن طرح ادا ٿو ڪري:

ز ناچيز شده يک چيز پيدا
کہ او در هر دو عالم شد هويدا.

وري جڏهن وحدت جي وادي ۾ اها ڪثرت جي ڪچهري

لڳي، تڏهن هن ساري ڪچهري جو مير مجلس ۽ روح روان حضرت انسان کي ئي قرار ڏنو ويو ۽ تخليق جو سمورو راز ان جي سيني ۾ سمايو ويو.

ندیدم سر از انسان بیرون
هم ملک خدا گر دیده ام.

صورت سڀ انسان جي، اتي عشق اصل،
خلق الله آدم عليٰ صورته، جزو تهڙو ڪل،
الانسان سري و اناسره، سچ سچا پيو سل،
ٻول نہ ٻي تون ٻل، هتي هتي هڪ تي.

انسان کي ڪائنات جو جوهر ۽ اشرف المخلوقات بڻائي ساري خدائي جون واڳون سونپيون ويون، مگر انسان وري ٻي مخلوق تي حڪم هلائڻ بدران انسانن تي حڪومت هلائڻ شروع ڪري ڏني. ذات پات جو ڀيد، نند وڏائي جا درجات ۽ دوئي جا طلسمات ان کي ويڙهي حقيقت جي نقطي تان هٽائي ويا. سچل سائين اها حالت ڏسي هڪ همدرد ناصح جي صورت ۾ هن طرح هدايت ٿو ڪري:

آءُ سالڪ ڪر صحيح تون هن طلسمات کي،
ڀڃ دوئي تان ڪل ٻوڙي دور ڪر درجات کي.

دوئي جا بند ڀڃي ڪثرت جي طلسم ٽوڙڻ بعد وري ساڳيءَ وحدت جي وادي ۾ قدم ٿو پوي ۽ هيڪڙائي جو عالم نظر ٿو اچي. سچل اها هيڪڙائي واري هستي پنهنجو پاڻ ۾ ٿو پسي ۽ سڀ ڪجهه پنهنجو ئي مظهر تصور ڪري ٻانگ دهل پڪاري ٿو:

پاڻ پنهنجو پاڻهي، صورت منجهه سڄاڻ،
الله چو چوين، پاڻ ئي الله ڄاڻ،
ناهي شڪ گمان، سچو سائين هيڪڙو.

انهيءَ مٿئين منزل ماڻڻ لاءِ ڪيس ڪنهن بہ اڪتسابي علم ۽ هنر جي ضرورت نٿي پوي. اها شيءِ شيخن مشائخن وٽان نٿي ملي

چو تہ اها امانت فقط الاهي عشق جي عطا آهي جنهن لاءِ ڪوبہ ٿڳي جو ٺاهہ ڪارگر نٿو ٿي سگهي.

بزرگ شيخ مشائخ يارو، نا مخدوم ٿياسي،
نڪي قاضي، نڪي ملا، معلم پير ٻڌاسي،
نڪي ٺاهہ ٺڳي جا ٺاهي، رنگ رساءَ رڪياسي،
سچا ٻاجهئون عشق الله جي، ڪوئي هنر نہ سڪياسي.

سچي ۽ الاهي عشق لاءِ عقل ۽ اختيار جو ڪم ناهي. اتي محبت جي ميخاني مان بيخودي جي شراب جي ضرورت آهي، جنهن جي پيئڻ سان خدائي خمار چڙهي ٿو ۽ ان مدامي مستي سان ئي الستي عشق حاصل ڪري الاهي اسرار جو راز حاصل ڪري ٿو سگهجي.

مست رهي ميخاني اندر، منگ وتي سي مستي،
مستي سان نا سر سجاڻي، تنهن جو ڪم ڪم بختي،
پيون سي ڪوڙيون ڳالهيون، سچا! سچو عشق الستي.

الاهي عشق حاصل ڪرڻ سان سالڪ کي پنهنجي هستي جي سموري حقيقت معلوم ٿي وڃي ٿي. هو عبديت جي اولي کان ٻاهر اچي خدائي رنگ ۾ رنڱجي ٿو وڃي. اهڙي حال حاصل ڪرڻ بعد ئي سچل سائين پنهنجي وقت جي غلامانہ ذهنيت خلاف صداءِ احتجاج بلند ڪئي هئي ۽ علامہ اقبال کان هڪ سؤ سال اڳ خودي جو نعرو بلند ڪيو هيو. سندس ڪلام ۾ اها هڪ اهم خصوصيت آهي جو هو تقليدي رسم و رواج جا بند ڀڃي تحقيقي مرحلن طئي ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو.

تون ئي مالڪ ملڪ جو، ٻانهو ٻانءِ م ٻاڻ،
لا خير في عبيدي، اهو اٿئي اهڃاڻ،
صورت منجهہ سڃاڻ، ٻاڻ پنهنجو پاڻهئي.

◉

تـوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئين مردانو،
پاڻ بيگانو مول نہ ڄاڻين، آهين يار يگانو،
ونفخت فيه من روحي، بلڪل ڇڏ بهانو،
وهمہ سچل ڪدي پانهپ وارو، شملو پـڌ شهانو.

◉

طبل وڄائج وحدت وارو، غازي ڇڏ گدائي،
هيڏي هوڏي تون ئي آهين، ڪانهي جاءِ جدائي،
الانسان سري و انا سره، آهين خاص خدائي،
بر بحر ۾ تنهنجو، سچا آهي سير سدائي.

◉

ڇـوڙ گمان گدائي والا شملا پـڌ چا شاهي دا.

هو وحدت جو طبل وڄائيندي انساني برادري جي وسيع پيماني تي دعوت تـو ڏئي. خواه مذهب جي فروعي ۽ منجهيل مسئلن کان سندس منزل مٿي آهي. ڪابہ گروه بندي ڪانہ آهي، هو هرڪنهن جي صورت ۾ پنهنجي محبوب جو مشاهدو تو ماڻي:

نہ بي ديني بندي ۾، نہ اسمہ اسلامي،
هندي سنڌي ناهي، هو شاهہ نا شامي،
نڪا حرڪت هن ڪي، نڪي آهي آرامي،
خواجہ خدامي، پنهنجي ڪري پاڻ تـو.

ايتري فراخ دل ۽ بين الاقوامي برادري جي مبلغ هجڻ جي باوجود سچل سائين ائين ڪڏهن بہ نہ تـي چاهيو تہ ڪا هڪ قومہ دغا ۽ دولاب سان ٻـي تي غالبو حاصل ڪري وڃي. سندس زماني ۾ جڏهن فرنگي سياست جو ڄار سڄي هندستان ۾ پکڙجي چڪو هيو، جابجا سندس عياري ۽ مڪاري پنهنجو ڪمہ ڪري رهي هئي ۽ خود ملڪ کي حريص نگاهون پنهنجي آماجگاهہ بڻائڻ لاءِ سوچي رهيون هيون،

تڏهن فقط هن شاعر جي دوربين ۽ موقع شناس نظر پنهنجي وطن واسين کي ايندڙ خطري کان خبردار ڪري رهي هئي ۽ هو وقت جي تقاضا موجب هندو- مسلم اتحاد تي زور ڏئي بار بار پڪاري رهيو هو:

وقت اها تي ويل، دوئي دور ڪرڻ جي،
ڪڍ مذاهب من مان، ساجهر ساڻ سويل،
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
متان تئي اويل، اولهه سج نه الهي.

◉

اولهه سج نه الهي، متان تئي اوير،
ميڙي ويندءِ مغربي، تاريڪيءَ ۾ تير،
ڇڏي ويندئي ڇپرين، ڍوندين سدا ڍير،
مرد ڏين تا مام ۾، ماتيڪي متير،
وَجهه اتي وِجهه پاڻ ۾، هيڪڙائي جي هير،
ناسودي ناخير، نپٽ پوءِ نابود ڪر.

نه فقط ايترو مگر فرنگين جي دريائي تماشي ۽ هنرمندي ۾ خلوص نه ڏسي متن اکيون ٻوٽي ويساهه رکڻ جي خطرناڪ نتيجن کان به قوم کي کولي کولي واقف ڪري ويو آهي.

مکڙي ڏنم موج ۾، تنهن ۾ مير ملاح،
مچيون مارن اوچتي، بانڪا بيپرواهه،
لهر بحر جا حاڪم ڄاڻي، شوريا وتن شاهه،
وائڙا رکن تن متان، ويچارا ويساهه،
آسرا اڙين جا، آهن منجهه الله،
ڏئي پاند پناهه، رکي ونندو راڄ کي.

متين بحث مان معلوم ٿيندو ته هو هڪ بي نظير قومي ۽ بين الاقومي شاعر آهي ۽ قدم قدم تي انساني برادري ۽ مساوات جي تبليغ ڪندو ٿو رهي.

ان ڪانسواءِ حسن و عشق جون سموريون ڪيفيتون سندس ڪلام جو حصو آهن. مجاز ۽ حقيقت جون اهي موشگافيون ڪيون اٿس، جتي ڪنهن عام شاعر جي رسائي مشڪل ۽ محال ٿيندي. حسن جي حملي جو منظر ڏسو.

چالي چشم چٽڪ، ماريو محبوبن جي،
قاتل فوج حسن جي، آئي ڪاهون ڪاه ڪٽڪ،
اچي وڏائون اوچتي، سيني سيف سٽڪ،
عاشق ٿپي آئيا، اٽڪجي اٽڪ،
جهٽ پٽ سان جهٽڪ، سر سٽيائون سٽ ۾.

ساڳي نموني مجازي محبوب جي سراپا بيان ڪندي ان جي ڪنڊن جي وصفن جي تصوير ٺو ڪڍي. سندس منهن کي مصحف سمجهي تلاوت ٺو ڪري ۽ برهه جا سمورا باب ختم ڪري ٿو ڇڏي.

ابرو ڪنديا قرب جا، وار ڪنديا ڪارا،
اکين ڪنديون عجيب جون، ماٽڪ موچارا.

◉

محرابي مرغول، ڪنديا پيشاني پارا،
مٺا موچارا، سدا منهنجا سپرين.

◉

ڪجا ڪج محراب، منهن تي محبوبن جي،
ڏنگا ونگا ورهه، مصحف جا اعراب،
سٺون سيپارن جون، پڙهڻ ٿيون ثواب،
برهه سندا باب، سچل سڀ ختم ڪيا.

اهو ساڳيو مضمون ٻئي هنڌ ٻئي پيرائي سان بيان ٿو ڪري.

مصحف پاڻ چوان، منهڙو محبوبن جو
آيتون منجهه عشق جون، مطالع ڪيان،

قاري اچي کو پڙهي، هجي هي روان،
حرف سڀ سنوان، ڏنگو ڏسان کونه کو.

محبوب جي ابروءِ خمدار کي قوس قزح سان تشبيهه ڏئي نيهن جي نظاري کي ڪيئن نه خوش اسلوبي سان بيان ٿو ڪري.

قوس قزح ڪمان، ابرو عجيبن جا،
ضرب ظلم جي زور سان، اچلن الامان،
سل هٽن ٿا سيني ۾، پنبڙين جا پيڪان،
نيزا نيهن نشان، سچل سر سهائيا.

محبوب جي منهن تي پگهر جي پاڻي جي تصوير ڪڍڻ لاءِ ڪهڙا نه رنگين لفظ استعمال ٿو ڪري.

قطرا آب عرق، سونهن سڄڻ منهن تي،
جرڪن جهلڪن ٿا ائين، جئن پني ماڪ مرڪ،
داڻا ڪن درڪ، دل ۾ دردين جي.

وري محبوب جي منهن تي زلفن جي پکڙجڻ جون تشبيهون ملاحظ ڪيو.

مو پکيڙيا منهن تي، چپيلن چلا،
سنبل چڻ ڪي سلا، صبح ڪڍيا ساجهري.
مو پکيڙيا منهن تي، چپيلن چلا،
واسينگن ولا، ورهه وارن تي ڏنا.

◉

چپيلن چلا، مو پکيڙيا منهن تي،
نيم شبي مهتاب جان، منهن ٻرن مشعلا،
تاريڪي ۾ تيجارا، تڪا ڏين تجلا،
عاشق ات اجهلا، سر ڏين ٿا ست ۾.

يار جي رخسار تي ڪاري تر جو منظر جيئن سچل سائين ڏيکاريو آهي تيئن سڀ ڪو شاعر ڏيکاري نٿو سگهي. سندس حسن بيان ۾ حسن تشبيهه جو انداز لڳايو.

حبين حبشي، پهرو رکيو پاڻ تي،
اندر اچڻ ڪان اڳي، ڪاتي تنهن ڪشي،
رخ انهيءَ رشي، ڪروڙين قتل ڪيا.

مجازي محبوب جي سراپا بيان ڪرڻ ڪان پوءِ هن جي مرغنامي ۾ عاشقانه خط و ڪتابت جا راز ونياز به عجيب نموني سان آيل آهن جن ۾ زبان جي سلاست سان گڏوگڏ نازڪ خيالي ۽ بلند پرواز جا اهڙا مثال ملن ٿا، جي سڀ ڪنهن جي ڪلام ۾ نه ليندا. سندس پرت جي پني جون تمثيلون ڏسو.

پني ۾ پيغام، لکي مڪا سڄڻين،
سي نه سمجهن عام، جي آهن منجهه اشارتين.

◉

الوهيڙو عشق جو، ساٿي ساڻ نيو،
ڪامي پاڻ پيو، خوني خط پرينءَ جو.

◉

منجان ڪئين لکي، ڪتابت قريب ڏي،
ساٿي وات سکي، بدائي نه بين کي.

◉

اجا عبارت، لکڻ لڳس پرينءَ ڏي،
روئندي پريون رتِ، اوتڻ بئي اکيون.

◉

جارون لکيم جو، ڪاغذ قريب ڏي،
حقيقت جا حال جي، واچڻ وينو ڪو،

پڙهندي پنو سوءِ، تنهن کي آنديون آئيون.

◉

پينر ڪئين پنو، هي جو نامو نيهن جو،
خط خمار ڏنو، جيڪس پڙهندي پرينءَ کي.

سوز و گداز سچل سائين جي رڳ رڳ ۾ سمايل هيو. سندس عقيدي موجب بي درد نامرد آهي ۽ محبت جي مرحلن طئي ڪرڻ لاءِ درد کان سواءِ ٻيو ڪو به رهبر ڪونهي.

درد در دل هر ڪه باشد مرد اوست
حرف بيدردان موثر نيست نيست.

◉

ورتم ڏک درد جو، تنهن سڀ ڪا وات وساري،
چندڙ ايري آئيو، وئي سڀ انڌاري.

◉

گوندر جن گذاريو، آءُ تنين گولي،
هينئڙي ۾ هولي، هوندي ڏکن وارئين.

سچل سائين هڪ عارف ۽ عاشق شاعر هجڻ سان گڏ فطرت جو به وڏو نقاش آهي. هو قدرت جي نظارن کي اهڙي نموني سان چٽي ٿو وجي جو اهي نظارا جڻ اسان جي اکين جي سامهون اچي ٿا بيهن. سر سارنگ ۾ سندس مندائتي مينهن جو منظر ڏسو-

ٻهه ٻهه ڪندا آئيا، ٻيهر ٻڪروال،
ڪکرن جي ڪڙڪاٽ کان وٺا ٿهي مال،
آهُن ۾ اچي پئي، چونگن سني چال،
مندائتي مندل ڪيا، جر اٿا جال،
پلر سان پُسي پيا، پنهوارن پلال،
جهري پيون جهوپيون، جهانگيئڙن اجهال،

ننگو ڪج نہ ندر ڪي، نماڻن ننگ پال،
جن جا ھھڙا حال، تن پرور پت رکيج تون،

◉

ھڪ وسڻ ٻيو وچڻ، تيون لھي پيو سيءُ،
جھوري وڏئين جھوپيون، چن وڏائين چيءُ،
رنن جو رڻ ۾ والي وسيلو تيءُ،
حال جنين جو ھيءُ، تن پرور رک پناہ ۾.

مٿين ٻن بيتن ۾ مينھن وسڻ وقت ھڪ واھڻ ۾ جيڪو ماحول پيدا ٿئي ٿو ان جي ھوبھو تصوير اسان جي سامھون آھي ۽ اھا تصوير اھڙن دلڪش مناسب ۽ موزون لفظن ۾ ڪڍي وئي آھي جيڪي سندس نيچرل شاعري جي ساک ٿا ڀرن. ازانسواءِ سندس روجھن جو داستان پڙھبو تہ سندس مضمون آفريني ۽ جدت جو اندازو لڳائي سگھبو. مثال طور ٻن بيتن تي اڪتفا ٿي ڪجي.

ڦوڙائي جون ڦتيون، ڦتيون تيون ڦولھين،
ابر سندي آسري، تڪر تيون تولين،
ڳوليو تيون ڳولين، ترايون تر ڀريون.

◉

پانڊوڙيون پھاڙ جون، رٽين ڪوھ رھن،
لوچي سي لھن، جن سچو ٻڌو سندرو.

سچل سائين جي ڪلام جو گھري نظر سان مطالعو ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ ڪيس زبان تي وڏي دسترس ۽ عبور حاصل آھي. الفاظ جي نشست، بندش جي چستي، بيان جو جوش ۽ زبان جو زور سندس قادرالڪلامي جو ڪلمو پڙھندا نظر ايندا. الفاظ سندس حڪم موجب زبان جي صفائي سان فرمانبردار نوڪرن وانگر پنھنجي پنھنجي مناسب جڳھ تي ازخود ايندا ويندا، محاورا، ضرب المثل ۽ اصطلاح بلڪل روزمره جي مطابق ھوندا. مجال آھي جو ھڪ حرف بي مھل استعمال

ٿيل هجي. مطلب ته هر شيءِ منديءَ جي تڪ وانگر پنهنجي جاءِ تي جڙيل نظر ايندي. ڪمال اهو آهي جو زبان جي صفائي سان گڏ صنايع بدايع جي سرخي به شامل هوندي آهي ۽ ان ۾ ڪونه ڪو ناصحانه پهلو به موجود هوندو، مثال طور سندس محبت جي باغ من به چار عقيدت جا گل پيش ڪجن ٿا.

مون ۾ آهين تون، تو ۾ آهيان مان،
بجلي بادل سان، آهي جيئن سپرين.

◉

هڪ جوءِ ٻي جوءِ، ڇڏي ڪين جوان،
اهي سي انسان، ننگن تان نثار ٿيا.

◉

سر سنواريو سر ڪي، سر سنواريون سر،
جو آهي سورٺ ور، سو ڏيڻ ڪان ڪٿي ڏري.

◉

مور نه محبت ڪان مڙان، هتي اچي هاڻ،
ڪاڻ ڪني جي ڪاڻ، ڳئون چاريندس ڳوٺ جون.

◉

ڪچو سچو ڪين ٿئي، توڙي اچي رنگ،
سچي سندي سنگ، ڪچا سچا ٿي ويا.

◉

حرف حلال هيڪڙو، ٻيا سڀ حرف حرام،
عاشقن انجام، اهو آهي عجيب سان.

◉

ڪاتي ريءَ ڪهي ڇڏيو، راٽا تنهنجي رنج،
سڪون سڀ سهنج، سوڍو ساڻ ڪٿي ويو.

◉

سوڍا هن سڙيءَ جوءِ لهي وڃ سماءُ،
ويرين وڏو وڇ ۾، آهي وير وڏاءُ،
مون تي لڳندو ڪونہ ڪوءِ پيارا پاڻي پاءُ،
هيڪر هيڏي آءُ، تہ پير لوي پڌري ٿئي.

مطلب تہ سچل سائين جي ڪلام ۾ فصاحت ۽ بلاغت جو درياهہ چوليون ماريندو نظر ايندو. خيال جي گهرائي، فڪر جي بلندي، ٻولي جي سلاست ۽ بيان جي خوش اسلوبي سندس ڪلام جون اهم خصوصيتون آهن. حاصل ڪلام شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح کان سواءِ سنڌ جو ڪوبہ شاعر ڪنهن بہ لحاظ کان سندس مد مقابل ٿي نہ سگهندو.

ـ حامي

ساقي نامي ۽ مثنوين جو مختصر تعارف

ساقي نامو

هن ۾ ڪل ايڪويهه قطعا بحر رمل جي ٻن وزنن تي آهن. پهريان ٻارهن فاعلاتن مفاعلن فعلن تي ۽ باقي نَوَ فاعلاتن فاعلن (يا فاعلات) تي آهن. انهن قطعن ۾ ازل جي ساقي کان معرفت جي شراب ۽ حقيقي عشق جي درد حاصل ڪرڻ جي صدا ڪئي وئي آهي. شاعر وڏي واڪئين انگوري شراب کان عاري ٿو بڻجي ۽ عرض ٿو ڪري، ته اهو شراب مئل دل کي زندگي بخشي نه سگهندو، تنهن ڪري سندس التماس آهي ته کيس اهڙو شراب عطا ڪيو وڃي، جيڪو هن کي مٽيءَ جي هيٺان به هميشه لاءِ زنده رکي.

راز نامو

هيءَ هڪ ڊگهي مثنوي آهي، جيڪا بحر رمل مسدس محذوف تي چيل آهي. هن ۾ ڪل اٺ سؤ اٺونجاهه شعر آهن. هن مثنوي متعلق شاعر جو پنهنجو قول آهي ته:

ناهي فردوسي نظامي جو جواب،
دُر يگانو آهي منهنجو هي ڪتاب
هن ۾ ناهن بادشاهن جا قصا،
معرفت وارا ٿا سمجهن ماجرا،
ڪين آهي هي مسائل جو ڪتاب،
منهنجي مرشد جي اڳيان ٿيو مستجاب.

تار نامو

هيءَ هڪ سؤ ڇائيتاليهه شعرن جي مثنوي آهي جيڪا بحر رمل مسدس محذوف (فاعلاتن فاعلاتن فاعلن) تي چيل اهي. هن ۾ هڪ طنبوري جي تار جي زباني معرفت جون رمزون بيان ڪيون ويون آهن. تار پنهنجي حقيقت بيان ڪندي ٻڌائي ٿي ته: ڪيس ڪاٺ مان ڪڍي، ڪوري ۾ پچائي، وڏاٽن ۽ متر ڪن جون مارون ڏنيون ويون آهن. ۽ موجوده صورت ۾ آٽي ڪاٺ جي طنبوري سان ملايو ويو آهي. طنبوري واري ڪاٺ کي به ڪوري، تڪليفون ڏئي، موجوده صورت ۾ آندو ويو آهي. طنبورو ۽ تار وڄائڻ واري آڱر جا محتاج آهن، ۽ ان جي اشاري سان وڇوڙي جا ورلاپ ڪري درد وارن کي سوايو سوز بخشين ٿا. آخر ۾ مرشد شاعر کي سمجهائي ٿو:

جسم طنبورو ته تار آهي زبان،
ٿي ڪري اسرار موليٰ جا عيان.
قلب طنبورو ٿيو ۽ تار جان،
آهي ڪاريگر جي آڱر جو بيان.
درد دل جي سان لکيم هي ماجرا،
خود قلم کي حڪم فرمايو خدا.
رازنامو آهي منهنجو هي ڪتاب،
جو به پڙهندو سوئي ٿيندو ڪامياب.
عشق جي غم جو منجهس آهي بيان،
جو زبان مان ناهي آهي دل منجهان.

هن مثنوي ۾ خدا تعاليٰ ۽ رسول مقبول صه جي تعريف کان پوءِ سڪندر ۽ نوشابه جي تمثيل ۾ ابن عربي جي مشهور وحدة الوجود واري فلسفي جي اپٽار ڪئي وئي آهي. ۽ چيو ويو آهي، ته حقيقي محبوب احد مان احمد جي اوٽ ۾ سفير بڻجي آيو آهي، اهو آقا عبد بڻجي، پنهنجي صفتن جا مختلف روپ ظاهر ڪري رهيو آهي. انهيءَ حقيقت جي خبر عشق جي درد کان سواءِ ڪنهن کي نٿي پوي. تنهن

ڪري سالڪ لاءِ ضروري آهي ته هو قيل ۽ قال وارا مسئلا ڇڏي، عشق جي جذب ۽ حال واري منزل ۾ اچي ۽ لامڪاني سير ڪري.

ان ڪان پوءِ مختلف تشبيهن جي ذريعي همہ اوست جو سبق سمجهايو ويو آهي. اهو سبق سمجهائيندي ننڍيون ننڍيون حڪايتون بيان ڪيون ويون آهن، ۽ اناالحق جي رازن ۽ رمزن جي اُپٽار ڪري، منصوري ۽ فرعوني دم جو فرق ٻڌايو ويو آهي.

آخر ۾ معرفت جا نڪتا بيان ڪندي، درازن جي درگاه ۾ فقيري سلسلي جو احوال قلمبند ڪيو ويو آهي.

گداز نامو

هيءَ مثنوي بحررمل مسدس محذوف تي چيل آهي. هن ۾ ٻہ سؤ چوويهہ شعر آهن. هن مثنوي ۾ ٻہ وحدة الوجود جي تبليغ ڪئي وئي آهي. شاعر چوي ٿو ته: "پنهنجي هستي کي فنا ڪري، حق جي هستيءَ ۾ قائم رکڻ گهرجي." هو برف جي تمثيل ۾ سمجهائي ٿو ته: جڏهن برف ڳري ويندي، تڏهن پاڻي ٿي ويندي، جنهن مان نرالا ڪم پيدا ٿيندا ۽ گل ڦل ٽڙي گلزار ٻڻجي پوندا. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن سالڪ پنهنجي جسماني هستي کي فنا ڪندو، تڏهن ئي حقيقي بقا ماڻي سگهندو. جڏهن عبد، معبود سان گڏبو، تڏهن غير فاني ٿي ويندو ۽ معبود جي هستي وڃي بچندي.

هو ٻڌائي ٿو ته: هن جسماني ڪائي ۾ روح جو نوراني ڏيو وشن ٿو رهي. مگر انهيءَ ڪائي جي ڪري اُن جي روشني ظاهر ني ٿئي. اهو ڪائو ڀڄندو، ته روحاني ڏئي جي روشني ظاهر ٿي ٻوندي.

اڳتي هلي شاعر چوي ٿو ته: حقيقي محبوب پاڻ کي عبد سڏائي پانهپ جي ٻولي ٿو ٻڌائي. اها سندس پنهنجي مرضي آهي ته ڀلي پاڻ عبد سڏرائي، پر اسان سندس شان کي سڃاڻون ٿا. اسان کي ڪيس پانهي سڏڻ جي ڪا مجال ناهي. وري ڪڪڙ جي آني جي تمثيل ۾ ٻڌائي ٿو ته لاهوتي پکي آني ۾ لڪل آهي، پرواز ڪري نٿو سگهي.

ڪيس اهو جسماني ڪوٽ ڀجي ٻاهر وڃڻو ۽ اُڏامڻو آهي.

آخر ۾ پنهنجي مرشد جي مهرباني ميجيندي ٻڌائي ٿو ته: سندس فيض واري نظر سان "مان ۽ اسان" وارا سمورا حجاب دور ٿي ويا ۽ هر طرف حق ئي حق نظر اچڻ لڳو.

مون کي مرشد راهه ڏيکاري ڇڏي،
دل وئي سيني خيالن تان کڇي.
هي خدائي دم غلامي جو پڙي،
اُن جي در جي خاڪ سرمو ٿو ڪري.

عشقنامو

هيءَ مثنوي بحر رمل مسدس محذوف تي آهي. هن ۾ هڪ سؤ ايڪونجاهه شعر آهن. هن مثنوي ۾ انسان جي عظمت جو بيان ڪيو ويو آهي. عارف سچل سائين ٻڌائي ٿو ته: ڪيس پنهنجي پير عبدالحق وٽان ان حقيقت جي پتو پيو آهي، ته در اصل آدم جو گهر حق جي گهر آهي. هو جو ڪجهه ٻولي يا ٻڌي ٿو. اهو حقيقت ۾ حق آهي. ظلم ۽ جهل ٻيئي سندس ئي فعل آهن. ظلم مان سندس مراد پنهنجو نفس ڪهڻ ۽ جهل مان مراد پنهنجو پاڻ ڪان پاسي ٿيڻ آهي. هو الستي عهد ۽ قالوابليٰ ٻنهي کي عشق جا گفتا ٿو سمجهي. حق جي ذات انسان ۾ لامڪان جا راز ۽ رمزون رکي عشق آڳ لائي ڇڏي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هو لامڪان جو شهباز بڻجي پيو آهي. پوءِ انسان کي جنت جا سير ڪرائي، زندگيءَ جون نعمتون عطا ڪيون ويون. ان ڪان پوءِ هن کي مٽيءَ جي ملڪ تي آندو ويو، جتي ڪيس محنت ۽ محبت جي مڪان ۾ رهڻو پيو.

مٿي ذڪر ڪيل حقيقت بيان ڪرڻ ڪان پوءِ عشق ۽ عقل جو بحث ڇيڙي، عقل کي عشق جو دربان ثابت ڪيو ويو آهي. پڇاڙيءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته:

عقل اٽڪيل ٿو رهي تقليد ۾،

عشق هردم ٿو رهي توحيد ۾.
عقل سان دنيا جو درشن ٿو ڪجي،
عشق سان پسجي ٿو حق جي ذات کي.

درد نامو

هيءَ مثنوي بحر رمل مسدس محذوف ۾ چيل آهي، هن ۾ ڪل ڇهاسي شعر آهن. هن ۾ پنهنجي مرشد وٽان ورتل درد جو سبق دهرايو ويو آهي ۽ عارف سچل جي قول موجب درد کان سواءِ ماڻهو ڪنهن به ڪم جو ناهي. جيڪڏهن هو درد واري بيخوديءَ ۾ رهندو، ته فنا جو ماڳ ماڻي بقا جو حال حاصل ڪندو، اهوئي وحدت جو سچو رستو آهي. اصل ۾ ساري ڪائنات وهم ۽ خيال کان وڌيڪ ڪا هستي نٿي رکي. هستي هڪڙي حق جي هستي آهي، جنهن ۾ "مان اسان" وارا ٻيائي جا ٻول ختم ٿي وڃن ٿا.

رهبر نامو

هن مثنوي ۾ شاعر شرح غوثيه ۽ منطق الطير تان مثال وٺي 'وحدت الوجود' جي اپٽار ٿو ڪري ۽ همه اوست جو نعرو هڻي ٿو. هو ٻڌائي ٿو ته: جهڙي طرح چنڊ گرهڻ وقت چنڊ آسمان جي برج ۾ اچي پردي ۾ ٿو رهي، تهڙيءَ طرح انسان به پنهنجي هستيءَ جي ڪکر ۾ گم ٿي ٿو وڃي ۽ نظر نٿو اچي. سندس عقيدي موجب روحاني نور ڪجهه وقت لاءِ جسماني ڪوٽ ۾ گم ٿي ٿو وڃي. ان کي انهيءَ خاڪي پڃري کان ٻاهر ڪبو، ته ڪثرت جا سمورا ڪوٽ ڊهي ويندا ۽ وحدت وارو هڪ وجود باقي وڃي بچندو. اهڙي منزل تي پهچڻ لاءِ عشق جي درد جي ضرورت آهي. انهيءَ درد سان معرفت جو در کلي ويندو ۽ عشق جو اعليٰ مرتبو حاصل ٿيندو. انهيءَ درد جي دولت سان طالب ذري مان آفتاب بڻجي ويندو. هن مرتبي حاصل ڪرڻ لاءِ دنيا جا سمورا واسطا ٽوڙي، جسماني ناتن کان منهن موڙڻو پوندو، ۽ اهڙو درجو حاصل ڪري سگهبو، جو هر شيءِ حق بڻجي ويندي. حق کان سوا ٻي ڪابه شيءِ نظر نه ايندي. ٻيو ته

ڇڏيو پر آدم ع، جبرائيل ع، ابليس ۽ حوا ٻہ انهيءَ ذات جا مختلف روپ نظر ايندا.

جيڪي آهي سو فقط الله آه،
هر جڳهہ تي پاڻ بيپرواهہ آه.

هن مثنوي ۾ لطيفا بيان ڪري، توحيد جي تبليغ ڪئي وئي آهي. جنهن موجب وحدت ۽ ڪثرت جي ٻيائي کي ٻوڙي، حقيقي وحدانيت ثابت ڪئي وئي آهي، ۽ ڏيکاريو ويو آهي تہ ذات ۽ صفات ۾ ڪو فرق ڪونهي. خالق ۽ مخلوق جو بہ هڪڙوئي وجود آهي. دنيا ۽ ان ۾ جو ڪجهہ آهي، سو فقط الاهي ذات جو عڪس آهي. مثال طور انسان سان ان جو پاڇو هلي ٿو، تہ اهو سندس تابع آهي. ان پاڇي کي ٻيو ڪوبہ وجود ڪونهي.

هن مثنوي ۾ 'قدري' ۽ 'جبري' فرقي جو ذڪر پڻ ڪيو ويو آهي ۽ ڏيکاريو ويو آهي، تہ قدري پنهنجي مختياري واري عقيدي ۾ خوار ۽ خراب آهي، تہ جبري کي وري پاڻ تي ڪوبہ اختيار ڪونهي، ان هوندي بہ 'جبري' کي 'قدري' تي ترجيح ڏني وئي آهي، ڇو جو 'قدري' پنهنجي پاڻ ڀروسو ٿو رکي، ۽ 'جبري' پاڻ کان بيزار ٿي خدا ۾ اعتقاد ٿو رکي، ان لاءِ پاڻيءَ تي ڪک جي ترڻ جو مثال ڏنو ويو آهي، ۽ سمجهايو ويو آهي تہ ڪک کي ترڻ جي ڪا بہ طاقت ڪانهي. هو پاڻيءَ جي زور تي ئي تري رهيو آهي. ان کان پوءِ ٻڌايو ويو آهي تہ اڳي پوءِ قدري ۽ جبري ٻنهي فرقن کي هڪڙي ڳالهہ جاڻڻ گهرجي ۽ سمجهڻ کپي تہ:

تنهنجي هستي ناهي سڀ ڪجهہ يار آهہ،
تون نہ آهين جا بجا دلدار آهہ.

—عطا محمد حامي
١- آگسٽ ١٩٨١ع
خيرپور ميرس

مثنوين جو وچور

ساقي نامو
تار نامو
راز نامو
گداز نامو
عشق نامو
درد نامو
رهبر نامو

ساقي نامو

ساقيا، ڏي پـري کو جامِ شراب
ميـنجي جيئن وڃن گناه ثـواب
اهڙي مئي ڏي هن زماني ۾
دل ڳري ۽ هجي اکين ۾ آب.

معرفت جو شراب ڏي ساقي،
منهنجي "مان مان" وڃي رهان باقي.
ان طرح پاڻ کان ڏي آزادي،
جو فنا مان ملي بقا باقي.

ساقيا، ڏي شراب وحدت مان،
جي ڏسان ڪنهن ڏي مان ته عبرت سان،
سير مون کي ڪرائي ڪثرت جو،
بيخودي بخش بحرِ حيرت کان.

ساقيا، هي شراب ڪين کپي
تنهنجي وحدت جي مئي ملي مون کي،
ذوق ۽ شوق جو پيالو پـر،
پنهنجي درگاه جي ڪتي کي ڏي.

ساقيا، تـوڙ قيدِ هستيءَ کي،
آڻ شب و روز مون ڏي مستيءَ کي.

بيخبر ڪر پنهي جهانن کان،
ڪڏ بلنديءَ کي توڙي پستيءَ کي.

زندگي ٿي خراب، اي ساقي،
ٿيو نه حاصل شراب، اي ساقي،
عشق جي مئي بغير جا گذري،
هئي حياتي عذاب اي ساقي.

بيخوديءَ جو شراب ڏي ساقي،
خود نمائي کي ڪر پري ساقي،
نيڪ يا بد ٻڌاءِ جيئن چاهين،
پنهنجي در جي غلام کي ساقي.

جام مئي جو پيار اي جاني،
دور ڪر دل جي هي پريشاني،
عمر گذري ٻڏو ٽيس ساقي،
رات ڏينهن آهي بس پشيماني.

ڏي نه ساقي شراب انگوري،
آهي ان کان اسان کي صد دوري،
لازوال آهي جام وحدت جو،
جنهن جي پيتي وڃي ٿي مهجوري.

ڏي ڪو مستي جو حال اي ساقي،
دور ٿئي قيل و قال اي ساقي،
هي وظيفا ۽ ورد ڪين ڪپن،
گهرجي تنهنجو خيال اي ساقي.

مون کي شيشي جي جام ۾ مئي ڏي،

دمر ۾ ساقي هي درد چڏ لاهي،
پـل "براين جي ماءُ" چئي زاهد،
سج نظر ڪين ايندو انڌي کي.

ساقيا، کول پنهنجو مئخانو،
ڏي پـري مون کي منهنجو پئمانو،
مست بيخود ٿيان شراب چکي
هوڏ هٺ کان وجان ٿـي بيگانو.

ساقيا، مون کي ٻڌائي راز دار
ڪر خدا را خود نمائي کان ٻه ڌار،
سڀ ڪو پـل بيدين ۽ ملحد سڏي،
آهي دو عالم ۾ عاشق آشڪار،

ساقيا! اڄ عيد ڪئي آهي اسان،
پنهنجو نالو پيش ٿـيو ان جي اڳيان،
حاضري ٿـي جنهن جي سا دل ٿـي قبول،
عارفن مون کي ٻـڌايو هي بيان.

ساقيا، ڏي ان جي رمزن جو پتو،
جيڪو واتـهڙو فنا جڳ مان ٿـيو،
هڪ ۾ هڪ ٻڄي هميشه هو رهيو،
ڄاڻندڙ هڪ جي عيوض ڄاتو نہ ٻيو.

ساقيا هن عشق کان آگاهہ ڪر،
سور سان ۽ سوز سان همراهہ ڪر،
بيڪس آهيان تنهنجي آڏو حال ڏس،
درد ۽ الفت جي مون کي شاه ڪر.

ساقيا، ڪر مات منهنجو ننگ نام،
مهر مان مون ڪيءُ ڀري ڏي مئي جو جام،
ٻن جهانن ۾ رهان جيئن مست ٿي،
غرق ڪر وحدت جي وادي ۾ مدام.

ساقيا، ڏي جام مئي جو پُر ڪري،
جنهن جي خوشبو سان طبيعت تر ٿئي،
يار جي دوري جو درد آهي گهڻو،
شمع جهڙي ديد سان دلبر ملي.

اڄ هينئر محفلِ ۾ هل ساقي سڌو،
گل جي موسم آهي چڏ سستي سگهو،
هڪ مٽان ٻيو جام مئي گلفام جو،
ڪيترو هن مند ۾ ڏئي ٿو مزو.

ٿي نه. ساقي محتسب کان خوفناڪ،
مئي مئل دل کي ڪندي چا نيڪ ناڪ،
ڏي پيالو زندگي جي آب مان،
جيئن رهان زنده هميشه زيرِ خاڪ.

جام مئي جو ساقيا پڊرو پيار،
زاهدن واري ريا کان آهي عار،
ڪوڙ يا ٻئي جي پچر کان مئي ڀلي،
پنهنجو منهن مئخاني ڏي ڪر اشڪار.

تارنامو

مان ٻڌايان ٿو ٻيو هڪ داستان،
محو ٿين جنهن جي ٻڌڻ سان جسم جان.

يار فرمائي ٿو ڇئو هڪ مثنوي،
راز وارا بيت ٿورا معنوي.

پاڻ اشارو ٿو ڪري هو پاڻ کي،
ان جي ڳجهه جي ڳالهه ڪر سستي ڇڏي.

پاڻ ٿو ٻولي نتا ٻوليون اسان،
پاڻ ٿو ڳولي نتا ڳوليون اسان.

جيئن ويس هڪ رات جو مئخاني ڏي،
اوچتو پئي ديد هڪ ديواني تي.

هئي هٿن ۾ ڪيس هڪ سهٽي ستار،
جنهن جي نغمن ۾ هيو هو مست يار.

مست هو مدهوش هو رقصان هيو،
بيخوديءَ جي ماڳ تي بيجان هيو.

پئجي ويو گردش ۾ ميخانو سڄو،
مون ڪي هن "هئي هئي" ڪري ياڪر وڌ،

ويجهڙو جيئن جو ڪيائين پاڻ سان،
محو ٿيا ان وقت منهنجا جسم و جان.

جان و دل کي اهڙي مستي ٿي عطا،
دين دنيا جا سڀئي ڀولا لٿا.

پنهنجي آڱر سان وڄايائين ستار،
راڳ سان مون کي ڪيائين بيقرار.

ڏوڙ منهن کي مون ملي دستار وئي،
ٿيو گريبان چاڪ ۽ سڌ سار وئي.

مون کي ان حالت ۾ آندو هن صدا،
جو گهڙي ڪن حوصلا ٿي ويا خطا.

بعد مدت جيئن جو آيس هوش ۾،
اوچتو ڀيهر ٻه آيس جوش ۾.

تار کان هي حال ورتم سربسر:
"ڪيئن سياڻن کي ڪرين ٿي بي خبر.

هيترو هي درد ڪنهن کان تو وٺيو،
يا ته ڪنهن آڱر هٽي توکي ڦٽيو.

مون کي بيخود ٿي ڪري تنهنجي صدا،
دل کي سؤ موجون ٿي بخشي برملا.

تنهنجو هر آواز مستي ٿو ڏئي،
ڪنهن کي تنهنجو ڳجهه نٿو حاصل ٿئي.

رقص ۾ آواز آئي تو ڪڏهن،
لامڪان تائين اماڻي تو ڪڏهن.

تنهنجي رڙ ماتم مچائي تي ڪڏهن،
دانهن ديوانو بنائي تي ڪڏهن.

ساري محفل کي چريو چٽ تي ڪرين،
دور دانائي کي جهٽ پٽ تي ڪرين.

دل ۾ درد و غم وڌائي تي ڇڏين،
هٿ قلم جو سر ڪٽائي تي ڇڏين.

ڪاش توسان ڪم پيو آخر اچي،
جابجا مون سان رکين شل دوستي.

اڳ ۾ ئي جيئن تنهنجو واڄو تو وڄي،
غير جو هر وهم دل تان تو ڪڄي.

ننگ ۽ ناموس واري تي ڇڏين،
جام مئي مان جيئن پياري تي ڇڏين.

جس هجيئي تون تي وڌائين حال کي،
مرحبا تون تي مٿائين قال کي.

ڦيءَ صدا تنهنجي پريشان تي ڪري،
ڇا پريشان بلڪ بي جان تي ڪري.

ڏي تي دل جي ديگ کي جولان جوش،
تي کٽي صبر و قرار آرام هوش.

منهنجي دل ورد و وظائف کان پڳي،
جيئن وٽس تنهنجو ترانو ويو رسي.

ڪنهن وٽان مون لاءِ آندئي ورد ڪي،
تنهنجي رڙ تي جان و تن ٻاري ڇڏي.

دوستي هاڻي تي توسان ڏينهن رات،
منهنجي دل مان دور تي غيرن جي تات.

هن جڳهه تي تنهنجي آمد تي ڪٿان،
آئي آهين ڪنهن مٿاهين ملڪ تان؟

ماجرا ماضيءَ جي سڀ مون کي ٻڌاءِ،
صاف ڏس اگ ۾ ڪٿي هئي تنهنجي جاءِ؟

ڪهڙي حالت توتي نازل تي وئي،
تنهنجي رڙ مون لاءِ قاتل تي وئي.

تون هلي آئين غمن جي ملڪ تان
يا وري عشاق جي مجلس منجهان؟

ڪنهن پريشان حال ماٺوءَ کي ڏنئي،
يا ڪو گفتو عارفن وارو ٻڌئي؟

تن جي حالت کي ڏسي پر درد ٿئن،
درد ان جي ۾ برابر فرد ٿئن؟"

تار تنهن دم رڙ ڪري ڪئي قيل و قال:
"ٻڌ تہ مان توکي ٻڌايان پنهنجو حال.

کاڻ اگ ۾ مان هبس پٽرن ۾ پال،
ڪٽ چڙهيل بي رنگ ڌاتوءَ جي مثال.

پيرسن استاد آخر اوچتو،
مون کي پٽرن مان ڪڍي ٻاهر ڪيو.

پاڻ پالڻ لئي جبل جي پاڙ مان،
مون کي هٿ آندائين منهنجي ملڪ تان.

پوءِ ڪوري ۾ وڌائين اي جوان،
غير جيڪي هو ڪڍيائين مون منجهان.

اُت رجي ۽ خشڪ تيس آڙاهہ ۾،
شڪل ڪرسيءَ جهڙي ورتم ٻاهہ ۾.

لوهرن جي هٿ ۾ آيس هڪ ڄڻي،
آگ ۾ اڇليو تي جن هرهر ڪٽي.

پئي جليس ڪيئي ڏهاڙا ٻاهہ ۾،
مار ڪاڏي مون گهٽي آڙاهہ ۾.

ڏک ڏکن تي صبر سان مون پئي سنا،
موچڙا اهڙا نہ ڪنهن پئي کي لڳا.

اگ جبل ۾ ٿولهہ مون کي هئي گهٽي،
هٿ اچي هيٺي تيس جاٽي ڏٽي.

گوشمالين ۽ ڏکن ۾ دائما،
حال ڪان نڪتس هزارين ڦٽ ٿيا.

پوءِ پرندڙ باھ مان ٻاھر ڪڍي،
اڻ ڳڻيا ڏک مون کي ماريائون وري.

ڪيترن ماڳن تي تيو منهنجو مڪان،
پر نہ ڪا ٻولي ٻڌي ڪنهن مون وٽان.

پوءِ ھر پاڪيزه تن ڏوٽي ڏکي،
نيٺ ھن صورت ۾ آندائون چڪي.

ھاءِ ھن ڪان اڳ ۾ سؤ صدمان سنم،
زخم ڪاڏم، ڏک جھليم ۽ غم ڏنم.

ٻار غم جا پئي سنا مون ٻار ٻار،
جيستائين پنهنجي ھٿ ۾ آندو يار.

مون ھزارين ڏک ڏٺا آھن جڏھن،
يار جي ھٿ ۾ پڳي آھيان تڏھن.

يار جي ھٿ ۾ رسڻ جو تيو سبب،
جيڪو مون کي تو وڄائي روز شب.

ھٿ ۾ آندائين حياتي تي عطا،
منهنجي جان آھي سندس ھٿ ۾ سدا.

در حقيقت مون ۾ ھئي سختي گھڻي،
ھن جي ھٿ، اي مهربان، نرمي ڏني.

ھو تو ڳائي ۽ وڄائي، مان ڪٿي!
ھو تو چوري ۽ چوائي، مان ڪٿي!

حال کان بي حال تي آهيان جڏهن،
ٻين کي بيخود تي ٻڌايان مان تڏهن.

هڪ ڏهاڙي پور پيو استاد کي،
درد پهچايان کو هن بي درد کي.

جڳ ۾ هرهڪ جنس جو نر ماد آ،
هيءَ اڪيلي چو سدا ناشاد آ.

کيس ساٿي ڏيان ته هم صحبت ٿين،
پاڻ ۾ گڏجي غم ۽ راحت وٺن.

حال محرم پاڻ ۾ هردم هجن،
يڪ تن و يڪ جان ۽ همدم هجن.

مون به ويچاريو ته راحت ناهه ڪا،
ويو پڪڙجي درد مون کان جا بجا.

هاءِ جن کان رنج و غم مون کي رسيو،
عيش ۽ آرام جن مون کان کسيو.

هڪ سڪل وڻ مان انهن ڪاٺي ڪپي،
جنهن کي چلجڻ ۾ گهٽي زحمت رسي.

اگ ۾ سا چيري ڪيائون چاڪ چاڪ،
پوءِ وري ويهي ڳنڍيائون ڦاڪ ڦاڪ.

پيٽ ڦاڙيائونس تي سالم صفا،
غير کان تي وئي سندس رڳ رڳ رها.

سل ڪدي ميخون هنيائون ان ۾ ڪوڙ،
قرب سان قابو ڪيائون جوڙ جوڙ.

ان جي رڳ رڳ جي مٿان ميخون هٽي،
رنج و غم وارو قدم وينا ڪٽي.

هڪ ٻه چا ان ڪي مليون سؤ زندگيون،
حال جاڻن تيون دليون عشاق جون.

ان جي خالي پيٽ اندر پيو شراب،
ويجهڙي تي يار وٽ ڪائي عذاب.

ان ۾ اوتي عشق واري مئي گهٽي،
منهنجي خاطر جاءِ جوڙيائون ڪٽي.

منهنجي غم سان هن جو غم همراز هو،
ٻن دلين جي درد جو آغاز ٿيو.

هاءِ هن ڪان اڳ ۾ ڪاڏم غم هزار،
مون تي هر ڪنهن ڪئي تي هئي بار بار.

پوءِ هڪ غمناڪ سان گڏجي رهيس،
درد جي درياهه ۾ داخل ٿيس.

هم وطن ٻنجي ٿياسون هم ڪنار،
پاڻ ۾ گڏجي رهياسون رازدار.

منهنجي هن جي دوستي تي وئي گهٽي،
مان ٿيس مجنون ته هوءَ ليليٰ ٻٽي.

مان ۾ هو گڏجي رهيون سين آس پاس،
پئي نه ميلي ۾ وڇوڙي جي شناس.

منهنجو توڙي هن جو نالو گم ٿيو،
مان ڪٿي ۾ هو ڪٿي هرڪو ويو.

ٻئي گڏيون سين پاڻ ۾ آرام ويو،
ڪاٺ ۾ فولاد وارو نام ويو.

هرڪو طنبوري جو نالو ٿو وٺي،
ٻن منجهان هڪ، هڪ منجهان ٿو هل ٿئي،

اڳ هو ٻاتو پوءِ ٻوليندڙ ٿيو،
هر ڪو عاشق ٿيو سندس آواز جو.

گڏ رهياسون غمزده ٻئي غمگسار،
پاڻ ۾ هڪ ٿي وياسون آشڪار.

هو ڪٿي هئي ۾ ڪٿي منهنجو مڪان،
مان جبل جي پاڙ مان هوءَ جهنگ مان.

مان ۾ هوءَ آيونسين ڪهڙيءَ جاءِ تان،
هت پتو ناهي پڳيون آهيون ڪٿان.

پاڻ ۾ الفت رکيسون دم بدم،
نينهن جي ناتي ڪيو پنهنجو هي ڪم.

ٻن منجهان هڪ تن ٿيو ويراڳ ۾،
وحدہ واحد ٿو ٻولي راڳ ۾.

ڇا خبر آواز هي آيو ڪٿان،
مون وٽان آهي يا ان ڪاٺي وٽان؟

پيو پتو آخر ته ان ۾ راز آهه،
منهنجو يا ڪاٺيءَ جو هي آواز ناهه.

منهنجو ناهي يار جو آواز آهه،
هو وڄائي ٿو هي سڪٺو ساز آهه.

يار جي هٿ ۾ اچان ٿي بار بار،
سؤ صدائون ٿي ڪيان اي آشڪار.“

تار طنبوري جي بخشيو هي فراق،
دل ۾ يارن لئي وڌي ويو اشتياق.

سچ ته مون سان تار اهڙي ڪار ڪئي،
ڪفر ۽ اسلام ۾ سڌ سار وئي.

تار جو اهڙو اثر ٿيو مون مٿان،
جيڪو ٻڌندو دل وڃائيندو هٿان.

جان و تن ٻاري ڪيائين دل ڪباب،
تار آندو شوق وارو اک ۾ آب.

تار ڪان دل ۾ سوين موجون چڙهيون،
سر تي سورن جون سوين فوجون چڙهيون.

تار سان دل ميڻ وانگر نرم ٿي،
جان و تن ويا سوز ۾ سرگرم ٿي.

تار دل کي ميڻ جيئن ماري ڇڏيو،
جسم توڙي جان کي ڳاري ڇڏيو.

تار چانديءَ مثل دل کئي پاڪ صاف،
روز شب پئي تي ڪري پنهنجو طواف.

تار سان غم جون سوين موجون چڙهيون،
دل تي غمزن جون سوين فوجون چڙهيون.

ديڳ دل واري تپائي تار وئي،
عقل و دانش کي گهٽائي تار وئي.

تار منهنجي تن جي قاتل تي پئي،
ان جي دانهن تي چري دل تي پئي.

تار آندو مون تي بي حاليءَ جو حال،
بعضي ليليٰ بعضي مجنون جي مثال.

ڪل نتي پئي ڪنهن جو هي آواز آ،
ڪجهه ته سوچ ۽ سمجهه، ڪهڙو راز آ.

مست و بيخود تي بنائي هيءَ صدا،
هوڏ هستي تي هٽائي هيءَ صدا.

هيءَ صدا ڪيئن تي ڪري بي اختيار،
ٻن اکين مان تا وهن ڳوڙهن جا نار.

هن صدا ۾ سوز سا‍ڙو سور آ،
سربسر منصور جو مذڪور آ.

عارفن لئي هيءَ صدا بهتر بڻي،
جيڪي سوريءَ تي وڃن ٿا سر ڪٽي.

هيءَ صدا سوري چڙهائي ٿي ڇڏي،
دم اناالحق جو هٽائي ٿي ڇڏي.

هيءَ صدا ڳالهيون ڪري ٿي عشق جون،
عاشقن تي جي اچن ٿيون آفتون.

تار جي رڳ جوش ۽ جولان ڏنو،
پڻ اکين ۾ موجزن طوفان ڏنو.

تار جي رڳ درد لائي ٿي ڇڏي،
دربدر ناچو بڻائي ٿي ڇڏي.

تار جي هي رڳ رسائي ٿي اتي،
جسم سان گڏ جان ٿئي ٿي گم جتي.

تار جي رڳ کان مليا غم بيشمار،
رنج ڪائي گنج ورتم باربار.

تار جي رڳ کان ملن ٿا غم هزار،
رمز چاٽيندڙ ئي ٿيندو رازدار.

تار جي رڳ سان هليو آرام ويو،
ڪفر ويو ۽ دين ويو، اسلام ويو.

تار جي رڳ آهه دردن جي دوا،
ڪنهن يگاني کي ئي پوندي ڪل اها.

تار جي رڙ سان ٿو اوريان پنهنجو حال،
زهر غم جو ٿو پيان شربت مثال.

تار جي رڙ کان عطا ٿي بيخودي،
هي خودي گم ٿي ته آئي هو خودي.

جو خودي کان مرد زنده ٿو رهي،
توڙي بندو آهه شاهي ٿو ڪري.

تار چئي ٿي مون ته ڪجهه ناهي ڏنو،
ڪو پتو ناهي انهي آواز جو.

هي وڄائيندڙ جي هٿ جي آهه ڪار،
يار کي پيغام ڏئي ٿو پاڻ يار.

جيئن وڄائيندڙ چوي ٿو مون کي چئو،
تيئن چوان ٿي من چڱو توڙي مٺو.

ڪير آهي جيڪو دانهون ٿو ڪري،
هجر ۽ غم کان جو آهون ٿو ڪري.

ڪو پتو ناهي اچي ٿي رڙ ڪٿان،
مون کي حيرت ٿي اچي مان ڇا چوان.

هن سبب مون کي تعجب ۾ وڌو،
منهنجو ڪو آهي وڄائيندڙ ٻيو.

مان هجان جيڪر ته ٻئي کي پڻ ڏسان،
جيڪو ڳائي ٿو اهو آهي نه مان.

جيئن متي تي هٿ رکي ٿو منهنجو يار،
سؤ صدائون ٿي وڄن ٿيون آشڪار.

جيستائين يار جو هٿ هو پري،
رڙ نٿي نڪتي رهيس ٿي چپ ڪري.

ڪي ڏهاڙا توڙي ڪوري ۾ رهيس،
ٻڙڪ ٻولڻ کان سواءِ ان ۾ جليس.

حرف مون کان ڪين نڪتو هاءِ هاءِ،
دم ڪڍڻ جي ڪين هئي مون لاءِ جاءِ.

وصل ۾ افسوس ايڏو اشتياق،
حيرت آهي ڪيئن ته آٿي ٿو فراق.

وصل سان ٿئي ٿو وڇوڙو ڪيئن ڪٿو،
حيرت آهي درد هي ڪهڙو ٿيو.

هجر ۾ آواز هرگز ڪين هو،
ڪو ادب ۽ ناز هرگز ڪين هو.

پوءِ ڇا لئي وصل ۾ چيخ و پڪار،
درد جون دانهون ٿين ٿيون بيشمار.

مئي جي منشا ۾ لڪل آهي نشو،
ان جو آواز آهي ناهي ساز جو.

پير پنهنجي کان پڇيم آخر خبر،
جيڪو ڪولي ٿو ٻڌائي دل جو در:

"وصل ۾ چا لئي وڇوڙي جي پُڪار،
جا ٻٽائي تي ڇڏي بي اختيار.

"وصل ٻٽجي ويو وڇوڙو چا سبب،
ڇو وڇوڙو ٿيو وصال آهي عجب؟"

پاڻ فرمايائين، "ظاهر چا ڳجهو،
تون نہ آهين آهي هو ڄاڻين نٿو.

غور ڪر خاموش ٿي مون ڏي نهار،
دل جي ڪن سان ڳالهہ ٻڌ اي اشڪار.

تار مان آواز ڪافي ٿو اچي،
پر نٿو سيکو سڃاڻي راز ڪي.

جسم طنبورو تہ تار آهي زبان،
ٿي ڪري اسرار مولا جا عيان.

قلب طنبورو ٿيو ۽ تار جان،
آهي ڪاريگر جي آڱر جو بيان"

تار جي ساري حقيقت ٿي تمام،
ماٺ ۾ آئي زبان بس والسلام.

راز نامو

مون هينئر پنهنجا غزل پورا ڪيا،
دل ۾ ليڪن راز ڪجهہ رهجي ويا.
تنهن ڪري هڪ مثنوي ٻيهر لکان،
جنهن کي پوئين وقت ۾ ظاهر ڪيان.
حڪم اُن جي سان لکان تازو ڪتاب،
راز رمزن سان ڀريل خاصو ڪتاب.
عزم ناهي منهنجو آهي يار جو،
تنهن ڪري معنيٰ جو دروازو کليو.
هي ڪتاب آخر زماني ۾ لکيم،
پنهنجي مخفي راز کي ظاهر ڪيم.
حال وارو کو ڏسي منهنجو ڪتاب،
جو پئي توحيد جو خاصو شراب.
هن رسالي جي خبر ڇا خام کي،
علم عارف کان سوا ڇا عام کي.
حڪم ٿيو مان رازنامي کي لکان،
پنهنجي پوئين وقت ۾ ڪجهہ ڪم ڪيان.
جو پڙهي سو هٿ کڻي اسلام تان،
دور ٿئي هر مذهب ۽ ايمان کان.
راز رحماني هتي ظاهِر ڪري،
هي "سچو" خود کي "خدائي" ٿو سڏي.
حال واري کان سواءِ منهنجو ڪتاب،
جو بہ پڙهندو سو وڄائيندو رباب

هن رسالي کي سڄڻ ڄاڻي خدا،
ڪير پڙهندو حال واري کان سواءِ.
هر ڪو اهڙو راز مخفي ٿو رکي،
شابس آهي ان کي جو ظاهر ڪري.
عشق سان تمثار آهي هي ڪتاب،
ڏس منجهس معنيٰ جا موتي بي حساب.
جيڪو واقف ٿيندو منهنجي حال کان،
حال کان بيحال ٿيندو بي گمان.
غير واقف ٿي نه پڙهه منهنجو ڪتاب،
پر پڙهڻ سان راز حاصل ڪر شتاب.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

راز رمزن سان پريان ٿو هي ڪتاب،
ڪيئن ڪيان ٿو دل جي شيشي مان شراب.
ڪيئن نه قدرت سان خدا آهي ڪريم،
حي ۽ قيوم، رحمان ۽ رحيم.
پاڻ مولا آهي قادر ڪارساز،
شاهه مالڪ ملڪ جو ۽ بي نياز.
تون زبان سان اڳ ۾ بسم الله ڪر،
پوءِ محمد شاهه جي ساراهه ڪر.
جيئن خدا مان ٿيو عيان نام- رسول،
تيئن رسالت ۾ اچي سو پيو قبول.
ويس بدلائي سڪندر ٿيو سفير،
پاڻ نوشابه اڳيان آيو امير.
خود چيائين، ”موڪليو مون کي امير،
مان سڪندر شاه جو آهيان سفير“.

نيٺ نوشاهہ سچاتو شاهہ کي،
با ادب بيهي رهي ان جاءِ تي
خود چيائين، ”تنهنجي ٻانهي مان ٿيان،
روز و شب تو شاهہ جي خدمت ڪيان
ڇو تو پردي ۾ ڇپائين پاڻ کي،
ڇو تو رنجن ۾ رهائين پاڻ کي“.
در حقيقت پاڪ مرسل ۽ خدا،
جيڪڏهن جاڻين تہ ٻئي آهن ڪنا.
ناهي احمد ۽ احد ۾ ڪوئي فرق،
ميمہ آهي عشق جي مستي ۾ غرق.
جيڪي پيدا ٿيا زمين و آسمان،
يا منجهن سج چنڊ آهن نور سان.
آهي سيني ۾ سدا حق جو حضور،
ظاهر و باطن انهيءَ جو آهي نور.
آهي موجودات ۾ مولا جي ذات،
جو ڏسين ٿو آهي سا ان جي صفات.
هر وڳي ۾ هو رهي موجود ٿو،
پٽ ڪڏهن پهري، ڪڏهن ويڙهي ڪٿو.
مختلف رنگن جو هڪ خيمو هٽي،
شاهہ وينو آهي ماري چانوٽي.
اندران سئو حڪمہ جاري ٿو ڪري،
پاڻ ٿو نعرو اناالحق جو هڻي.
آهي بيرنگي هميشهہ رنگ ۾،
پاڻ آهي صلح ۾ ڇا جنگ ۾.
هو ڪڏهن فرعون يا موسىٰ ٿيو،
هو ڪڏهن مريمہ، ڪڏهن عيسىٰ ٿيو.
پاڻ ئي دنيا تي شاهي ٿو ڪري،
پاڻ ئي خود کي سپاهي ٿو ڪري.

خود سميع آهي سدائين خود بصير،
خود عليم آهي ڪليم آهي قدير.
درد سان پوندي سموري هي خبر،
درد ڌاران بي خبر آهي بشر.
عشق وٽ ڇڏ پاڻ پيريءَ جي پڇر،
درد ريءَ آهي اجايو شور و شر.
عشق ۾ اچ دين ۽ اسلام ڇڏ،
عشق ۾ اچ پنهنجو ننگ ۽ نام ڇڏ.
عشق ۾ اچ سڀ وساري ڇڏ سبق،
تو مٿان روشن ٿي ويندا نو طبق.
عشق ۾ اچ ڇڏ مسائل جي پڇر،
ڇو ٿو ويڳاڻو وتين پڄ بي خبر.
عشق ۾ اچ ڇڏ حڪايت جو حصو،
ڪر نه دارا ۽ سڪندر جو قصو.
پاڻ کي ڇڏ ڪر اميري عشق جي،
آهي شاهي ڇا وزيري عشق جي.
عشق آهي ذات حق جي سربسر،
درد ڌاران ڪين پوندي هي خبر.
عشق وٽ ۽ ترڪ ڪر تدبير کي،
جان و دل سان ڏس انهيءَ تاثير کي.
عشق وٽ ڇڏ پاڻ پيريءَ جي پڇر،
رند ۽ سرمست ٿي رهه بي خطر.
عشق ۾ اچ ڇڏ گناهه ۽ ڇڏ ثواب،
تنهنجي دل ڪاري ڪندا تنهنجا حجاب.
عشق جو شهباز جنهن کي ٿو وڻي،
نيڪ و بد ڪان ان کي واري ٿو ڇڏي.
دور آهي عشق جي منزل ڪٺن،
ڪيترائي بحر وچ تي ٿا وهن.

عشق جي منزل پسائي لامڪان،
عشق واري ڪان پري سود و زيان.
عشق جي سنئين راھ ۾ طالب تي شاد،
آهي بي هر راھ ۾ مڪر و فساد.
دوجهان ۾ عشق شاهي تو ڪري،
لامڪان تائين رسائي تو چڙهي.
درد آڏو عقل جي ڪهڙي مجال،
درد وارو مرد آهي باڪمال.
مرد بڻجي درد سان تي همڪنار،
عشق وارو تي وظيفن کي وسار.
عشق وٺ اي يار اهلِ درد تي،
جي پڇين مون کان تہ ڪامل مرد تي.
عشق وٺ ۽ پنهنجي هستي کي وسار،
يار جي رستي ۾ جان ۽ تن کي ڳار.
عشق وارو بحر آهي بي ڪنار،
دل کي لهرين ۾ تو لوڙهي باربار.
عشق جو هي بحر آهي موجزن،
ان جي موجن جو شمار آهي ڪٿن.
عشق آهي حق جو رستو بي گمان،
"لي مع الله" آهي مرسل جو بيان.
عشق "سبحاني" جي خاصي قيل و قال،
عشق ۾ چوغو جنيدي حق جو حال.
عشق ظاهر ڪئي "انا احمد" جي حد،
"ميم" جو پردو هٽائي تيو احد.
"لوڪشف" جي گفتگو ڪئي مرتضيٰ،
عشق جون رمزون تيون ان کان عطا.
اوّل ۽ آخر اهو موجود آھ،
باطن ۽ ظاهر اهو موجود آھ.

هيءَ حقيقت عشق جي آهي ڪري،
سر ڏئي حاصل ڪري وٺ سروري.
ڪر مصلّي کي ۽ چوغي کي تباهه،
پهلوان تي ڪوٽ هستي جي کي ڍاهه.
خود پرستي ۾ برابر بند ٿئين،
ڪفر جو پاتئي جٽيو خورسند ٿئين.
خاص مردن جو يقين آهي اهو،
ڪفر توڙي دين کي ڪن ٿا قتو.
سپ کي ناهي عشق جي رستي جي ڄاڻ،
جيڪو عاشق آهي سو ڄاڻي تو پاڻ.
عشق جو مهراڻ آهي موجزن،
جنهن ۾ ڪارونيار ڪن ڪڙڪا ٿا ڪن.
جي وڃي مسجد پڇين يا خانقاهه،
عشق ريءَ حاصل نه ٿيندي حق جي راهه.
درد دل سان پڙهه ڪلام ۽ ڪر نه لڄ،
جيڪڏهن بيدرد آهين تون ته ڀڄ.
جيڪڏهن ڪجهه درد آهي تو ۾ يار،
ڪن ملائڪ تو مٿان موتي نثار.
پاڻ سان جي درد کي شامل ڪرين،
من گهرئي محبوب سان محفل ڪرين.
عشق جي دوجڳ ۾ آهي سروري،
عشق سان حاصل ٿئي ٿي برتري.
عشق هرڪنهن کان رهي ٿو بي نياز،
مان ڏسيان ٿو توکي پنهنجي دل جو راز.
انت ناهي عشق جو ڪنهن کي ادا،
ان کي ناهي ابتدا ۽ انتها.
عشق جي نااهل کي ڪهڙي خبر،
ان کي عارف ٿا سڃاڻن سربسر.

بي دليا چا عشق جي غم سان رهن،
عشق وارا سر مٿس قربان ڪن.
هڻ ڪٽي وحدت جي دريا ۾ ٽبي،
"مان ۽ تون" کان جلد وٺ آزادگي.
جي اجايو "مان ۽ تون" ۾ ٿڙڪندين،
عشق جي رمزن کي حاصل ڇا ڪندين.
سئو ڪتابن جا پنا ڇو تو پڙهين،
علم منطق ۾ اجايو تو ڪڙهين.
ڇو رهين تو مست مڪتوبات ۾،
پاڻ کي ڇو تو وجهين آفات ۾.
عشق جي ڪانهي ڪتابن ۾ هوا،
آهي ان جي عشق جو رستو جدا.
هر ڪتابي بحث کي تون باه ڏي،
عشق پهچائيندو تو وٽ يار کي.
پيٽ وارو علم شيطاني ٿيو،
علم منطق جو پريشاني ٿيو.
ظاهري علم آهي سارو قيل و قال،
جنهن ۾ حاصل ڪين ٿيندو حق جو حال.
ظاهري علم آهي يوناني سڄڻ،
ڇو پڙهين تو جنهن ۾ ناهي ڪو لڄڻ.
عاشقيءَ جو علم پڙھ ڪر عاشقي،
ٻيو سمورو علم آهي فاسقي.
عاشقي جو علم پڇ تون سربسر،
پر نہ پڇ مون کان ڪو منطق جو اکر.
جيئن هتان آيس هلي هن جاءِ تي،
جيڪي آندم سو وڃايان تو ڪٽي.
پاڻ مولا عشق جو تحفو ڏنو،
عاشقی جو علم سيني ۾ وڌو.

علم ظاهر جي ذري ظاهر نہ ٿيءِ،
هجر واري باھ ساڙيندي رهي.
عاشقي جو علم آندو هت سچو،
جو بچيو باقي سو شيطاني ٿيو.
علم ظاهر آهي بي حاصل سچو،
عاشق آهين تون تہ ڪر ڪجھ حوصلو.
پاڻ چئين تو عالم آهيان بي مثال،
علم ظاهر سان نہ هٿ ايندءِ ڪمال.
علم جون ڊاڙون هڻين تو بي حساب،
قاف تائين ناهي چڻ تنهنجو جواب.
هي سمورو علم يوناني ٿيو،
سربسر هي علم شيطاني ٿيو.
علم يوناني سچو مڪر ۽ فساد،
عاشقي جي علم ۾ ڪر اجتهاد.
علم اهڙي کان اسان پاسو ڪيو،
گرچہ سارو بوعلي سينا لکيو.
عاشقيءَ جو علم آندو مصطفيٰ،
پر ڪيو ظاهر زبانِ مرتضيٰ.
مڪتب آهي علم يوناني جي جاءِ،
ڇڏ انهيءَ کي وسوسا پنهنجا وڃاءِ.
علم ظاهر ۾ رڳو جهيڙو جهٽو،
علم عشاقيءَ ۾ ناهي ڪو ڦڏو.
فلسفو جادو طبابت يا رمل،
آهي هرڪو علم شيطاني عمل.
عشق تيزيءَ سان اچي تو اوچتو،
علم ان کان تو ڀڄي، ترسي نٿو.
عاشقي جو علم چاتو صادقن،
پيو سڃاتو عاشقن ۽ طالبن.

عشق ان جي ڪانسواءِ سڀ ڪجھ خراب،
فهم رک والله اعلم باالصواب!.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

ناهي فردوسي، نظاميءَ جو جواب،
دُر يگانو آهي منهنجو هي ڪتاب.
هن ۾ ناهن بادشاهن جا قصا،
معرفت وارا ٿا سمجهن ماجرا.
ڪين آهي هي مسائل جو ڪتاب،
منهنجي مرشد جي اڳيان ٿيو مستجاب.
درد دل جي سان لکيم هيءَ ماجرا،
خود قلم کي حڪم فرمايو خدا.
رازنامو آهي منهنجو هي ڪتاب،
جو به پڙهندو سوئي ٿيندو ڪامياب.
عشق جي غم جو منجهس آهي بيان،
جو زبان مان ناهي آهي دل منجهان.
تون خيال آهين وٺي ڇڏ هي خيال،
جيئن پئين توحيد جي مئي بي مثال.
عاشقن هن راهه ۾ ماريو مٿو،
ڪين سوچيائون ڪتابي مسئلو.
پاڻ کي پنهنجي نظر ۾ گم ڪري،
شاهه شاهن جو ڪري ڇڏ پاڻ کي.
مرد بڻجي اچ انهيءَ ميدان ۾،
”مان ۽ تون“ کي ڇڏ انهيءَ چوگان ۾.
تڙ تڪڙ ۾ پاڻ کان بيزار ٿي،
عشق جي رمزن جو واقفڪار ٿي.

پاڻ ۾ هوندين ته حق هوندئي جدا،
پاڻ کان ويندين ته گڏ ٿيندئي خدا.
دور دوئي کي ڪري دلدار ٿيءُ،
هڪ رهي اي يار تون سردار ٿيءُ.
ڪنهن کي ڳوليندو وتين تو سچ پڌاءِ،
دربدر ڊوڙين ڊڪين تو ڪنهن جي لاءِ.
تو بگاڙي پنهنجي حالت پاڻ آهه،
توکي دوئي جي سڃي چڪتاڻ آهه.
جيڪڏهن پنهنجي حقيقت ڄاڻندين،
غير کان هر حال ۾ پاسو ڪندين.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

اي سڄڻ، تون عشق واري شمع ٻار،
ڪر ڪري وٺ اڄ، سياڻي کي وسار.
مڇ اها منهنجي نصيحت اي ادا،
پاڻ کان ٻاهر هجڻ جي گهر دعا.
وٺ سڌو رستو پري ره پاڻ کان،
ورنه گمراهي ۾ ايندين بي گمان.
گم نه ڪر رستو اهو توحيد جو،
هڪ رهي حق ساڻ هل، ڪر غم نه ڪو.
هَلُ هليو طالب متان ويهي رهين،
جيستائين راز سڀ حاصل ڪرين.
تون حباب آهين، حباب آهين، حباب،
پاڻ ماري بحر ٻڏجي وڃ شتاب،
بحر جو نالو پيو پاڻيءَ مٿان،
ان منجهان نهرن جا نالا ٿيا نوان.

موج ڪاڏي بحر سئو لهرون ٿيون،
سي وري ساڳيون منجهس گم ٿي ويون.
اول ۽ آخر اهو موجود آهہ،
باطن ۽ ظاهر اهو موجود آهہ.
پاڻ کي توحيد جي رستي ۾ ڳار،
پنهنجي هستي توڙ "مان مان" کي وسار.
تنهنجي "مان مان" آهي ابليسي عمل،
ناهي ابليسي عمل جو نيڪ قل.
ڄاڻ دوئيءَ کي وڏي ڪافر جو ڪم،
هن طريقي سان هنيو شيطان دم.
ڄاڻ هردم پاڻ کي حق سان ڪٺو،
حق جو توسان، تنهنجو حق سان واسطو.
غير حق ناحق ٿو سمجهين پاڻ کي،
باهہ ۾ وجهہ هر ڪتابي ڄاڻ کي.
هن جو توتي تنهنجو هن تي ٿيو مدار،
واٽ وٺ "مان مان" جي وائي کي وسار.
آهي "مان مان" جو اهو پردو وڏو،
سچ پڇين مون ڪان تہ سڀ آهي ڦڏو.
جسم توڙي جان و دل سڀ يار آهہ،
وچ ۾ ناهي غير سڀ دلدار آهہ.
هي سڄو ڪتراڳ ڇڏ موران مٿي،
پاڻ ڪان ڪر هي پريشاني پري.
هن پريشانيءَ کي ٿاري ڇڏ صفا،
پنهنجي هستيءَ کي وساري ڇڏ صفا.
هي نشاني آهي شيطاني قدم،
بيخودي ۾ آهي رحماني قدم.
راهہ رحماني ۾ آهي بيخودي،
بيخودي ۾ تون بہ سڀ ڪجهہ پاڻ ٿي.

پاڻ حق تي مار "سبحاني" جو دم،
آهي سبحاني ۾ سلطانيءَ جو دم.
هت هميشه آهي حيرت ۾ رهڻ،
هڪ هجڻ، دوئي ڇڏڻ، يڪتا ٿيڻ.
ڄاڻ هردم هڪ هميشه هڪ سڃاڻ،
هن عقيدي ۾ نه ڪوئي وهم آڻ.

ڪير آهيان ڪير آهيان ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان عجب ۾ ٿو رهان.

مصطفيٰ جي راهه وٺ دل صاف ڪر،
غير کان بيزار ٿي اچ بي خطر.
مصطفيٰ کان ٿي هدايت جي سخا،
مرتضيٰ کان ٿي عنايت جي عطا.
مصطفيٰ ٿيو انبيا جو پيشوا،
مرتضيٰ ٿيو اوليا جو رهنما.
مڃ يگانن ۾ يگانو مصطفيٰ،
ان جي رمزن جو خزانو مرتضيٰ.
سمجھندو رهه هڪ علي توڙي نبي،
ڪڙ نه احمد ۽ احد ۾ ڪا وٿي.
هيڪڙائيءَ سان رهيا اصحاب خاص،
دور دوئيءَ کان رهيا احباب خاص.
هڪ نه سمجھڻ آهي بس بيگانگي،
هڪ هجڻ سان ٿي رهي مردانگي.
هڪ جٽي جا روپ آهن ڪيترا،
هڪ گھڙي بدلائي ٿو ڪيڏا وڳا.
هي سخن منهنجو نه هرگز تون وسار،
مرد ٻڌجي حوصلو مردن جو ڌار،

مرد تي ڏيکار مرشدءَ جو مثال،
عشق جي رستي ۾ حاصل ڪر ڪمال.
عشق جي اسرار کان رھ باخبر،
عشق سان حاصل ڪندين حق جي نظر.
عشق در کولي ڇڏيو اسرار جو،
عشق سان ھر راز پڌرو ٿي پيو.

ڪير آھيان، ڪير آھيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آھيان، عجب ۾ ٿو رھان.

ڏس پڙھي تون حرف ھڪڙو جسم جو،
جنھن ۾ خاڪو آھي حق جي اسم جو.
جيڪڏھن سمجھين تہ سڀ ڪجھ اسم آھ.
درحقيقت اسم جملہ جسم آھ.
اسم ذاران جسم آھي ڪجھ بہ ڪين،
پاڻ حاصل ڪر اھو پورو يقين،
حرف جي معنيٰ ڪي حاصل ڪر سگھو،
عاشقن آڏو جي ماٺين مرتبو.
جو ڏسي ٿو آھي ٻوليندڙ اھو،
جو ٻڌي ٿو آھي چاٽيندڙ اھو.
حرف جي معنيٰ انھيءَ جي ذات آھ،
پاڪ وصفن جي منجھس اثبات آھ.
ڏس اکين آڏو سيئي اسرارِ حق،
ھر ذرو پيو ٿو ڪري اظھارِ حق.
ھر طرح سان يار چالا ٿو ڪري،
ڪيترا دلدار گفتا ٿو ڪري.
ھر زبان تي آھي ان جي گفتگو،
جابجا دلبر جي آھي جستجو.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ تو رهان.
جسم توڙي جان و دل دلدار آهه،
هر طرح سان هوش وارو يار آهه.
ماهه ماهي عشق واري بحر ۾،
بئي جهان لوڙهي ڇڏيا جنهن لهر ۾.
عشق واري بحر ۾ ماري ٽٻي،
وڃ هميشه لاءِ هستيءَ کان ڇٽي،
پاڻ ڦوٽو آهي پاڻي بي گمان،
جو وڃائي تو ڪري پاڻيءَ مثان.
پيو ڦسي ڦوٽو ته از خود آب ٿيو،
موج ٿيو درياهه ٿيو گرداب ٿيو.
نام ٿيو درياهه سيني جو يڪو،
ان ۾ آهي بي گمان مطلب اهو.
ڪيتريون چيزون ڪيون پيدا ڪمند،
جابجا ڏس ڳڙ مٺائي کنڊ قند.
ڪيئن ٿيو داڻي منجهان پيدا شجر،
جنهن ڪڍيا پن ڏار ٽاريون ۽ ثمر.
ڏس ڪٽي مان وڻ سندس وحدت ڪيو،
ڪيئن سمورو ڪم اهو قدرت ڪيو.
ميڻ مان ناهن ٿا ماڻهو مورتون،
اٺ ڳئون گهوڙي گڏهه هاٿي سنديون.
جي ملائي ميڻ ٻيهر مهٽبي،
مورتون وينديون سموريون ميٽجي.
ناهجن ٿا سون مان زيور هزار،
مختلف جن جا نمونا بي شمار.
هن مٽيءَ مان ٿانوَ ڪيئي ٿا ٺهن،

ڪنهن کي ڪونرو ڪنهن کي لوتو ٿا چون.
ٻج ٻٽائي ڪجهه ڪٽا ٿا پوکجن،
برگ و گل سرسبز بنجي ٿا ڦٽن.
مون ٻڌايو صاف گدري جو بيان،
آهي ان هڪڙي جو سارو داستان.
ڏس ته ڪڪڙي مان ٿي نڪري ڪيئن ڪپاه،
رنگ ڪيڏا ٿو ڪڍي سبز ۽ سياه.
ڪوٽ چوغو پوتڙو دستار ڏس،
ٽوپ چولو يا اڳٺ سلوار ڏس.
ناهه ڪپڙي جي نمونن جو شمار،
جن سڀن جو آهي ڪڪڙي تي مدار.
هي سمورا چاڻ وحدت جا مثال،
وحدت ۽ ڪثرت جو هڪڙو آهي حال.
اصل ۾ وحدت منجهان ڪثرت بڻي،
سربسر ڪثرت وري وحدت بڻي.
پاڻ تي پنهنجي نظر تون پاڻ ڪر،
ڪين ڪجهه الله ريءَ ايندئي نظر.
مون ٻڌايو آهي وحدت جو بيان،
آهي وحدت ۾ ئي ڪثرت جو بيان.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

هيئن چيو ڪافور هيڪر فخر سان،
مان هوا کي ٿو وجي قابو ڪيان.
جيئن اٿيو تيئن پاڻ ٻڄي ويو هوا،
پنهنجي هستيءَ کان هميشه ٿيو جدا.
ڏاڙ هنئي پاڇي ته سج جي روشني،

سيگهه ۾ آئي ڪيان ٿو هت ڪني.
پاڻ ليڪن روشنيءَ ۾ ٿيو فنا،
پنهنجي هستيءَ کان هميشه ٿيو جدا.
مرد هڪڙي کي مليو ماڻهو عجيب،
جنهن چيس، ”اي يار اچ منهنجي قريب.
ڏي ڏيو ٻاري تہ ٻڌجان ڪامياب،
جيئن ڏسان پنهنجي اکين سان آفتاب“.
هن چيس، ”درويش ديوانو نہ ٿيءُ،
بي خبر بي هوش بيگانو نہ ٿيءُ.
ڪير آهي جو ڏئي سان سج ڏسي،
سج فقط سج سان ئي ڏسجي ٿو سگهجي.
ڪنهن کي هستي سان نہ حق حاصل ٿيو،
جنهن ڇڏي هستي اهو حاصل ٿيو.
پاڻ کان ويندين تہ ٻئين پاڻ حق،
تنهنڪري هر حال ۾ تون ماڻ حق.
ياد ڪر مون کان ٻڌي نڪتو اهو،
رهہ خدا جي راهہ ۾ صوفي سچو.
درد هٿ ڪر درد آهي دلپزير،
ورنہ رسوائيءَ ۾ رهندين اي فقير“.
خود پرستن کي ملي ڪيئن دگ سدو،
ڪڏ ۾ گهليائون ددو شيطان جو.
غار ۾ ديرو دمائيندا رهيا،
خلق سان حيلا هلائيندا رهيا.
جو ڪري ٿو خود پرستيءَ جي نگاهہ،
سو ٿئي ٿو سخت رسوا ۽ تباهہ.
خود پرستيءَ جا لطيفا دور ڪر،
ڇڏ خودي اچ بي خودي ۾ سربسر.
آهي ذڪر ۽ فڪر وارن جو ڪمال،

جي هميشه تا رکن دم جي سنڀال.
عشق وارن عارفن جي راهہ ڏس،
دم سنڀالڻ سان انهن جو چاهہ ڏس.
درحقيقت دم سنڀالڻ دمبدم،
طالبن ۽ صادقن جو آهي ڪم.
دم سنڀالڻ جو ڪندو رهہ انتظام،
پاڻ ڪان گم ٿي رهين جيئن تون مدام.
دم سنڀالڻ ساڻ ظاهر عشق ٿيو،
دم زدن ۾ ڪوٽ هستيءَ جو پڳو.
عشق جو مهراڻ آهي موجزن،
وٺ سڌو رستو ٻڌي منهنجو سخن.
ڪنهن مهل عاشق مقام- ذڪر ۾،
ڪنهن مهل آهي مقام- فڪر ۾.
ڪنهن مهل هن وٽ مقامات- شهود،
ڪنهن مهل هن وٽ مقامات- وجود.
جي سندس عظمت تجلي ٿي ڪري،
ذڪر ان جو ڪين باقي ٿو بچي.
جي وري عزت تجلي ٿي ڪري،
بس شهود ان دم نٿو اڏو رهي
جي تجلي ڪبريائي ٿي ڪري،
بس گهڙيءَ ۾ فڪر فاني ٿو ٿئي.
جي تجلي ٿي ڪري خود پاڪ ذات،
ڪين باقي ٿي بچي هي ڪائنات.
"مان اوهان جو رب" ٿي ٻولايو خودي،
"مان سراسر حق" چوايو بي خودي.
پاڻ کي فرعون سڀ جو رب سڏيو،
پنهنجي هستي ڪان اهو نعرو هنيو.
دم "اناالحق" جو هنيو منصور شاهہ،

بيخودي ۾ پاڻ آيو بادشاه.
هن خودي فرعون تي آندو عذاب،
نفس جي خواهش ۾ ٿيو خوار ۽ خراب.
بيخودي منصور کي برتر ڪيو،
دوجهان ۾ ان جو عشق اظهار ڪيو.
دينداري ۾ برابر شاهه هو،
قرب هو منصور تي الله جو.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

جيڪڏهن ڪو ٻار پيدا ٿو ٿئي،
ڪيئن نه دائي جي هٿن ۾ ٿو پلي.
دم سنڀالڻ آهي دائي جي مثال،
جنهن منجهان حاصل ٿئي ٿو هر ڪمال.
فڪر وارو ٻار پلجي ٿو پوي،
نوجوان هڪ ڏينهن بڻجي ٿو پوي.
پالنا ۾ تي ڪري دائي ڪمال،
خود بلندي تي تي پهچائي خيال.
رهنمائي تي ڪري دم جي سنڀال،
جو خدا ڏي ٿو وڃي ڇڪجي خيال.
هن طرح هي ٻار ڪامل ٿو ٿئي،
ڪيس دائي جو نٿو اونو رهي.
ٻن ۾ آخر هيڪڙائي تي اچي،
گم ڪري تي جان، دل ۽ جسم کي.
سڀ وڃن ٿا يار باقي ٿو بچي،
دم اناالحق جو دمادم ٿو لڳي.
هر طرح هر حال ۾ حق ٿو رهي،

حق هڪالي تو ڇڏي هر غير کي.
راز وحدت جو کلي ٿو بي گمان،
هن حقيقت جو گهڻو آهي بيان.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

چنڊ جي چانڊاڻ آهي جابجا،
پر اهو پاڻي ۾ ڏسجي ٿو صفا.
جي پوي ٿي عڪس تي پنهنجي نظر،
هوبهو پاڻيءَ ۾ ڏسجي ٿو قمر.
آهي دل عارف جي پاڻيءَ جي مثال،
جنهن ۾ ظاهر ٿئي ٿي ذاتِ ذوالجلال.
ڇڏ وساري علم تون دعوات جو،
ڇو ته هن ۾ ناهي ڪو رستو سڌو.
ترڪ ڪر هي علم تسخيرات جو،
پنهنجي هٿ سان توڙ لالچ جو ٽڪو.
ڇڏ خدارا خلق ساري جي پڇر،
يار جي زلفن ۾ دل کي قيد ڪر.
يار سان رهه غير جي هر ڪار ڇڏ،
غير سان هرگز نه رهندو يار گڏ.
ڪنهن جي هستي ناهي دلبر کانسوا،
آهي دلبر جا بجا جلوه نما.
اي سچڻ موليٰ جو طالب ٿي گذار،
پنهنجي دل جا وهم سارا تون وسار.
تنهنجي چوڌاري ٿيا ماڻهو ڪٺا،
وهم شيخي جي ۾ آهين مبتلا.
اي سچڻ تون وهم شيطاني نه ڪر،

چڏ انهيءَ پيريءَ بزرگي جي پچر.
غير جي هر ڳالهه کان بيزار ٿيءُ،
هيڪڙائي ۾ رهي هوشيار ٿيءُ.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان عجب ۾ ٿو رهان.

اي سڄڻ وٺ جلد مسڪيني جي راهه،
ٿي وڃين جيئن دوجهان جو بادشاهه،
راهه- مسڪيني خدا جي راهه ڄاڻ،
ٿي فنا توحيد جي رستي ۾ پاڻ.
پاڻ ٿي مسڪين مڃ منهنجي صلاح،
آهي مسڪيني جي انهيءَ ۾ فلاح.
جي هلڻ چاهين خدا جي راهه سان،
من جو مطلب پاءِ مسڪيني منجهان.
راهه- مسڪيني نه آهي راهه- عام،
ڄاڻ وارا ڄاڻندا ان جو مقام.
راهه- مسڪيني ٿي وحدت سان ڳڏي،
شاهه شاهن جو ٻڌائي ٿي ڇڏي.
وٺ خدا جي راهه مسڪيني منجهان،
خود کي روشن ڪر انهيءَ خورشيد سان.
مصطفيٰ مسڪين ڪوٺيو پاڻ کي،
ٻڌ سچي دل سان انهي اهڃاڻ کي.
پاڪ مرسل پاڻ کي مسڪين چئي،
خود فقيرن کي هدايت ٿي ڪئي.
آهي مسڪينيءَ جو اعليٰ مرتبو،
جنهن ۾ آهي راز وحدت جو سچو.
هر طرح هر حال ۾ مسڪين ٿي،

اڄ خدا ڏي واٺ وحدت جي وٺي.
پاڻ مسڪيني جي منزل ماڻ تون،
هڪ احد احمد کي هردم ڄاڻ تون.

ڪير آهيان، ڪري آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان عجب ۾ تو رهان.

ڇڏ طلب جنت جي، موليٰ کي سنڀال،
پنهنجي دل مان دور ڪر ديگر خيال.
ڇو رهين تو غير جي فڪرات ۾،
پنهنجي دل کي ڇو وجهين آفات ۾.
خواب تو جنت جي حورن جو لهين،
حسرتن جا داغ دل تي تو سهين.
جنت ۽ دوزخ جو خالي آهي نام،
رند عاشق مست ٻنهجي رهه مدام.
دوزخ آهي ڌار دلبر کان ٿيڻ،
جنت آهي يار سان يڪجا هجڻ.
ڄاڻ پڙدو راهه جو دوزخ جي باهه،
هن سخن تي ڪر حقيقت جي نگاهه.
جو نٿو محبوب جو منهن هت ڏسي،
سو هميشه هت به اندو تو رهي.
جو هتي هستي نٿو ماري سگهي،
سو هتي دوزخ ۾ داخل تو رهي.
رک يقيني طور هي خاصو خيال،
دور ڪر وهم ۽ گمان وارو خيال.
عشق ريءَ آهن سيئي ڪوڙا قصا،
راز ڄاڻن ٿا هي ديوانا پڪا.
هي ڪهاڻيون ڪوڙ وارا ٿا ٻڌن،

صدق وارا پاڻ پاسي ٿا رهن.
يار جو جلوو نٿا عامي پسن،
عشق وارا ٿا اهو ديدار ڪن.
عشق جي رستي ۾ چا بزدل جو ڪم،
معرفت وارا رکن ٿا هت قدم.
عشق جي دولت ڪيو دل کي غني،
سون چانديءَ سان نہ سا آباد ٿي.
درد دلبر جو وٺي ايثار ڪر،
صدق دل سان يار جو ديدار ڪر.
عشق بيشڪ ٿو بڻائي با ڪمال،
عشق سان وسري وڃي ٿي قيل و قال.
گفتگو سان ٿي وڃي ٿي دل سياهہ،
عشق ڏاران ناهي ٻي ڪا حق جي راهہ.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

رهہ يگانو معرفت رک دل جي پاڻ،
هن مٿيءَ مان دل جي رمزن کي سڃاڻ.
پاڻ کي ڄاڻي يگانو ٻڌ بيان،
معرفت جو راز ظاهر ٿو ڪيان.
موجزن دريا ۾ ڪشتيءَ جو مثال،
در حقيقت آهي هستي جو مثال.
واقعي احوال پنهنجي جي خبر،
پنهنجي مرشد کان لڌي مون سربسر.
چو طرف کان آهي بحر- بي ڪران،
جنهن ۾ هڪ ڪشتي ڦري ٿي بي گمان.
پاڻ کي سمجهي ٿي ڪشتي ڪوه قاف،

خودسري کان تي هٽي لاف و گزاف.
پر اها ڪشتي تي پاٽيءَ ۾ ٻڏي،
بحر مان ٻيهر نٿي ٻاهر اچي.
بحر ۾ ٻيڙي وڃي ٿي غرق ٿي،
ان منجهان موجون اٿن ٿيون هر گهڙي.
موجزن هڪ بحر ٻڻجي ٿو وڃي،
جو ڪجهه آهي جهٽ ۾ هڪ ٿي ٿو وڃي.
آهي ڪشتي مثل هن هستي جو حال،
گم ٿيڻ سان ٿو اچي مستي جو حال.
پنهنجي هستي کان فنا ڪر پاڻ تون،
"مان ۽ تون" ۾ هيڪڙائي آڻ تون.
حق ڇپايو "مان ۽ تون" واري حجاب،
ڪر هي پردو دور، وٺ راهه- صواب.
عشق آيو، جنهن اهو لاٿو حجاب،
عشق آيو، جنهن بڻايو ڪامياب.
عشق آٿي پنهنجي آتش ۾ وڌو،
راز مخفي کي ڪٿي ظاهر ڪيو.
عشق پنهنجي راهه ڏيکاري ڇڏي،
خود بخود حاصل ٿي دولت عشق جي.
درد دل جي ڳالهه ٻڌ وٺ نيڪ راهه،
خود نمائيءَ سان مبادا ٿئين تباهه.
هن خودي کان خود ڪيو بيزار عشق،
دل بڻائي قابل- ديدار عشق.
عشق ميٺي ٿو ڇڏي باطل خيال،
شير آڏو جانور جي ڇا مجال.
عشق جي پڻ شير وانگر آهي چال،
جو هڪالي ٿو ڪڍي هرهڪ خيال.
جانور ان جهنگ کان رهندا پري،

شير جنهن ۾ جاءِ پنهنجي ٿو ڪري.
حال جي هي ڳالهہ آهي ڪر خيال،
قال جو ناهي قصو ڇڏ قيل و قال.
جنهن جي دل ۾ عشق خيمو ٿو هڻي،
پنهنجي هستي تان اهو هٿ ٿو کڻي.
عشق پوڙها ٿو بڻائي نوجوان،
ناتوانن کي ڪري ٿو پهلوان.
پنهنجي هستي کان ڇڏائي ٿو ڇڏي،
بينوا حاڪم بڻائي ٿو ڇڏي.
مان ٻڌايان ٿو تہ آهي عشق شاهہ،
عشق آڏو جاڻ هر هستي تباهہ.
هن سخن کي شعر گوئي تون نہ ڄاڻ،
آيتن وانگر مٿس ايمان آڻ.

ڪپر آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

سر وڃي تنهنجو تہ ڏي ۽ شاد ٿي،
پنهنجي هستي کان، مگر آزاد ٿي.
راز وحدت جو سراسر کول تون،
هل سڏو حق ٻول ۽ حق ڳول تون.
عاشقن کي خاص آگاهي ملي،
عالمن کي ڇا خبر اسرار جي.
آهي موليٰ جو قسم هي حق جي راهہ،
ويجهڙو آهي انهي رستي ۾ شاهہ.
ڪين ملندي راهہ ٻي هن کان سواءِ،
هي سچو رستو ٻڌايو مصطفيٰ.
عشق پڌرو ٿو ملامت سان رهي،

شان و شوڪت ڪان سدائين تو تهي.
ڪين رهندي عشق جي هستي لڪل،
ڏس پدر پٽ ۾ سندس خيمو لڳل.
ڪيئن پدر پٽ ۾ اهو خيمو لڪي،
جو سڄي دنيا ۾ ظاهر تو رهي.
عشق بيشڪ هڪ تماشا گاهه آهه،
جنهن نه چاتو ان کي سو گمراهه آهه.
هر طرح ان ۾ ملامت ٿي رهي،
پڌ سخن ۽ سمجهه ساري راز کي.
ڪين ڇڏ هرگز ملامت جي پچر،
جو نه ٿيندين ان منجهان تون بهره ور.
ريءَ ملامت عشق رهندو ڪٿ به ڪين،
هن حقيقت ۾ بلاشڪ رک يقين.
عاشقن هر نيڪنامي ڪئي قتي،
تنهن ڪري ڪونين ۾ وينا ڪتي.
تن جي آڏو ڪجهه به ناهن ٻئي جهان،
هن حقيقت ۾ ڪندو ڪهڙو گمان.
تن جي آڏو آهي هي دم جو جهان،
آهي سو دم جو جهان غم جو جهان.
عشق وارن لاءِ جڳ آهي فنا،
ترڪ دنيا سان جي ماڻن تا بقا.
چاڻ حق جو نور سڀ ارض و سما،
اک پٽي ڏس ان جي قدرت جا لقا.
آدمي جي روپ ۾ بي روپ يار،
مصطفيٰ جي نام سان ٿيو آشڪار.
جنهن نه چاتو ان کي سو گمراهه ٿيو،
چاڻ واري سان خدا همراهه ٿيو.
”من رآني“، پاڻ فرمايو نبي،

جنهن سڃاتو ان کي، تنهن هستي ڇڏي.
بر فلڪ احمد، احد ٿيو عرش تي،
هت سڏايائين محمد فرش تي.
فرق احمد ۽ احد ۾ تون نه ڪر،
ڄاڻ ساڳيو ئي محمد سربسر.
مصطفيٰ جي راهه حق جي راهه آهه،
جنهن ڇڏي هي راهه سو گمراهه آهه.
ٻن جهانن ۾ محمد نامدار،
شاهه اعظم آهي بيشڪ شهسوار.
خود وٺي آيو احد احمد جو نام،
ٻن جهانن جو ڪيائين اهتمام.
ڇا ٻڌايان حال ڪنهن بيدرد کي،
ڇو نه هي رستو وٺن ٿا مرد ڪي.
جي اڃا آهين خودي سان محترم،
رک نه هن درياهه ۾ پنهنجو قدم.
اڄ عدم جي بحر ۾ ٿي بي مثال،
پس هميشه پنهنجي جانب جو جمال.
مون اُتان پنهنجو ڪيو شوريده حال،
بند ٿي منهنجي هميشه قيل قال.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

ڄاڻ ٻن کي هڪ هميشه پاڪباز،
جلد منهنجي گفتگو جو سمجهه راز.
مرد مولىٰ جا ٻيائي کي وسار،
يار سان هڪ ٿي هميشه گڏ گذار.
هڪ نبوّت جو اکر آندو هتي،

هڪ ولايت جو ورد اندو هتي.
هڪ ٿي آيو انبيا جو رهنما،
هڪ ٿي آيو اوليا جو پيشوا.
هي سمورو آهي هڪڙي جو بيان،
سمجھ واري وٽ نہ رهندو ڪو گمان.
هو ٿو ٻولي ناهي منهنجي گفتگو،
ٻول هڪ ۽ ڳول هڪ اي راهرو!.
جو چوي ٿو يار سو ئي ٿو چوان،
حڪم جي تعميل وينو ٿو ڪيان.
گفتگو منهنجي سراسر راز آھ،
اصل ۾ ان يار جو آواز آھ.
مان ڪٿي منهنجي نہ معلومات آھ،
ظاهر و باطن خدا جي ذات آھ.
بادشاهي پوش پھري ٿو ڪڏهن،
گودڙيءَ ۾ لعل ٻڌجي ٿو ڪڏهن.
پٽ ڪڏهن پھري ڪڏهن پائي ڪٿو،
چپ ڪڏهن آهي ڪڏهن ماري متو.
آهي آدم خود حوا سان هو ڪڏهن،
آهي بلقيس ۽ سليمان هو ڪڏهن.
هو ڪڏهن گريان ڪڏهن خندان رهي،
هو ڪڏهن عيسيٰ ڪڏهن عمران رهي.
هو ڪڏهن خاصو صحابي ۽ رسول،
هو ڪڏهن ٻڌجي ٿو اولادِ بتول.
هو ڪڏهن آهي عبيدالله پير،
هو ڪڏهن صاحبڏنو روشن ضمير.
آهي ان هڪڙي جي سڀ ذات و صفات،
جاڻ هڪڙي جي جڳھ هي ڪائنات.
هيڪڙائي ۾ رهي ٿو پاڻ هڪ،

تون بہ ان هڪڙي کي هردم چاڻ هڪ.
سمجهہ، ڏس ۽ چئو هميشھ يار هڪ،
ظاهر و باطن تيو دلدار هڪ.
ڏس بہ هڪ ۽ چئو بہ هڪ ۽ چاڻ هڪ،
جيئن رهي هردم ڪٿو تو ساڻ هڪ.
آهي ڦوٽو پاڻ پاڻيءَ جو شريڪ،
اصل ۾ الله جاٽي تو وڏيڪ.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ تو رهان.

ڇڏ انهن لاهن ۽ چاڙهن جي پچر،
عشق جي مستي ۾ اي دل ڪر گذر.
جلد اي دل دوجهان کي ڪر ڦٽو،
جيئن ڏسين تون عشق جو عالم ڇٽو.
پير عبدالحق اسان جو رهنما،
جنهن اڳيان هڪ شخص آيو پارسا.
باادب تي ان چيو: "اي شاهہ دين،
مون کي سمجهايو اوهان "عين اليقين".
پير فرمايس تہ "ٻڌ اي نيڪ فال،
تو پڇيو مون کان اهو سهٽو سوال.
هن طرح علم اليقين آهي عيان،
باهہ جيئن معلوم ٿئي دونهين منجهان.
صاف دونهين مان حقيقت تي ملي،
باهہ مان نڪري هوا ڏي تو هلي.
تو اهو علم اليقين سمجهيو صفا،
ٻڌ هينئر عين اليقين جي ماجرا.
هن طرح عين اليقين حاصل ڪجي،

باهہ کي ويجھو وجي ۾ ٻچجي.
جي ڪيئي عين اليقين کي دل نشين،
غور سان ٻڌ تون هينئر حق اليقين.
پاڻ پنهنجو آڳ ۾ اچلائجي،
پنهنجي هستي کي سراسر ميٽجي.
هي ٿيو حق اليقين تحقيق ڄاڻ،
ٿي فنا، ان مان بقا جو ماڳ ماڻ.
تن بدن فاني ٿيا هڪ ذات ۾،
نور ظاهر ٿي ويو ظلمات ۾.
پنهنجي هستي کي ڪري ڇڏ گم صفا،
بيخودي سان ڪر اناالحق جي صدا.
دم اناالحق جو اچي ٿو حق وٽان،
هي حقيقت ڄاڻ تون ويساهہ سان.
جيڪڏهن دل سان وٺين هن راهہ کي،
بيگمان حاصل ڪرين الله کي.
عشق ڏس طرحين تماشا ٿو ڪري،
ڪيئن تہ آٽي ٿو نرالي جاءِ تي.
جيئن جو پنهنجو پاڻ ڏيکاري ٿو عشق،
جان و تن کي جلد ۾ ٻاري ٿو عشق.
نور کي ڳولن ٿا پاڇا جابجا،
پر ٿين ٿا نور جي آڏو فنا.
هن طرح جيڪو بہ ڳولي ٿو خدا،
سو خدا آڏو ٿئي ٿو خود فنا".

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

هڪ ڏهاڙي هڪ سچي سالڪ صفا،

منهنجي مرشد وٽ اچي ڪئي هي صدا:
”هت اچي حاضر ٿيان ٿو هر گهڙي،
ڇا هتي پڻ ٿيندي منهنجي رهبري.
ڇا هتي پڻ هٿ ۾ دامن ڪي ڪبو،
پنهنجي مرشد سان سدا رهبو ڪنو؟“
پير مشڪي ۽ چيو اُن مرد کي،
”مان اسان ڪان هوءَ جڳهه آهي مٿي.
پاڻ پنهنجو جاڻ ۽ مون کي سڃاڻ،
منهنجي دامن کي وٺي رک منهنجي ڇاڻ.
هيڪڙائيءَ ۾ سدا هجبو هتي،
هيڪڙائيءَ ۾ ٻيو آهي ڪٿي!.
هن حقيقت تي برادر غور ڪر،
پيچ سڪندر واري پٽ کي سربسر.
تنهنجي هستي پٽ سڪندر جي ٻٽي،
باخبر ٻڌجي انهيءَ کي پيچ ڪٽي.
پٽ پيچڻ ڏاران نه ملندو دگ سڌو،
ناهي سڀ ڪنهن کي پتو هن رمز جو“.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

ڇڏ ڪٿي ڪشف ۽ ڪرامت جي پچر،
هي دعائن جا دلاسا دور ڪر.
راهه مولا جي لطيفن ۾ نه آهه،
عشق وارو غم وظيفن ۾ نه آهه.
قلب، روح ۽ نفس وارو ذڪر ڇڏ،
پر نه درد- عشق وارو فڪر ڇڏ.
اصل ۾ سارو ٺڳيءَ جو ناهه آهه،

راھ و هردم هتي گمراھ آھ.
ذڪر قلبي ۾ وَڌن تا وسوسا،
عاشقن جي راھ ٻي آهي صفا.
ڪاسبي هي راھ ڪن تا اختيار،
جنهن تي ناهي واقفن کي اعتبار.
هي سراسر آهي، شيطاني عمل،
بيخودي ۾ آهي سبحاني عمل.
ڇڏ لطيفن جي نمائش جي پچر،
هي نمائش آهي ذلت سربسر.
عام ليڪي هو ولي الله آھ،
پر اها جور و جفا جي راھ آھ.
ورد بيشڪ آهي، ليڪن درد ناھ،
درد ڌاران ڪوبہ ڪامل مرد ناھ.
ڊوھ سان حيلا بهانا تو ڪرين،
بي سبب مڪر ۽ دغا ۾ تو مرين.
جو ٻيائي کي ڇڏي هوشيار ٿيو،
جان و دل ڏئي يار کي خود يار ٿيو.
حق بنا دنيا ۾ ناهي ڪو ٻيو،
باخبر ٿي رک پتو هن راز جو.
حق بنا ڪونين ۾ ڪونهي ٻيو،
آهي فرمودو اهو توحيد جو.
ڪيئن ڪٿي مان ڪيچ بنجي تا پون،
ڏس وري سي ماڻ ۾ تا ماپجن.
ڪيئن خدائي ۾ خدا گم تو رهي،
بادشاهي ٿي گدائي ۾ ڇپي،
بحر ڪيڏو موج ۾ مخفي ٿيو،
آهي پاڻيءَ جي مثان پردو پيو.
بحر کان ٻاهر ٿيو پاڻي ڦڙو،

بحر سڏبو بحر جي اندر اھو.
بحر توڙي نهر سارو آھي آب،
ھر ذري جو مرڪز آھي آفتاب.
موجزن درياھ دل ۾ ٿو رھي،
ھي قلم ٿو 'راز نامي' کي لکي.

ڪير آھيان، ڪير آھيان، ڪير مان،
پاڻ چا آھيان، عجب ۾ ٿو رھان.

مان نٿو ٻوليان اھو ٻولي ٿو پاڻ،
مان نٿو ڳوليان اھو ڳولي ٿو پاڻ.
مان نڪي مسلم نڪي ڪافر ڪٿو،
منتر ۽ جادو منجھان جاڻان نٿو.
ملحد ۽ زنديق ناھيان بي گمان،
دور آھيان انت ۾ بي انت کان.
مان نہ آھيان بزرگ ۽ ڪو شيخ پير،
فقر جي تڪميل ۾ آھيان فقير.
عابد ۽ زاھد گدا مون کي نہ چاڻ،
پيشوا ۽ پارسا مون کي نہ چاڻ.
مفتي و ملا نڪي قاضي ٿيس،
ھر طرح ھر حال ۾ راضي ٿيس.
مان نڪي نوڪر نڪي آقا غلام،
سڀ کي سچ پچ دور کان آھي سلام.
دور آھيان دين ۽ اسلام کان،
ويجھڙو حق ٿو رھي ھن رمز سان.
ھن طلسمي رنگ ۾ رھجي ويس،
عشق جي ميدان ۾ پھچي ويس.
پڌ سراسر راز وارو ھي سخن،

دور ڪر سڀ مان، اسان ۽ جان تن.
جيڪي دروازا هيا، تن کي ڇڏيم،
يار پنهنجي شهر مان حاصل ڪيم.
دم اناالحق جو هڻان ٿو دار تي،
جنهن جو غوغا ساري دنيا تي پڌي.
عشق جون موجون رهن ٿيون بي ڪنار،
راز عالم ۾ ٿين ٿا آشڪار.
مثل- حيدر فتح ڪر خيبر جو ڪوٽ،
هل هنئين سان هوت ڏي غازي تي گهوٽ.
پڃ ڪٽي هي ڪوٽ خيبر جي مثال،
دوجهان ۾ جيئن ڪرين حاصل ڪمال.
صدق دل سان علم سک توحيد جو،
پيٽ وارو علم ڪر سارو قٽو.
دوش تي منصور جي جهنڊو رکيم،
ان جي بيرق کي مٿان کولي ڇڏيم.
مان ڪيان ٿو ان جي رمزن جي پچار،
جيئن ٿئي دنيا سڄي تي آشڪار.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

مئي وٺي توحيد جي مخمور ٿيس،
ملحدن چاتو ته مان مشهور ٿيس.
هر هميشه پي شراب ۽ پي شراب،
لاهه تسبيح ۽ مصلي جو حجاب.
پاڻ کان شيخي بزرگي دور ڪر،
ڇڏ اميري ۽ وزيري جي پچر.
ماءُ پيءُ پٽ زال وارو ميل ڏس،

ڪيئن نہ پتريو آهي قدرت ڪيل ڏس.
عام کي ان ڳالهہ جو ناهي پتو،
حشر چا ٿيندو انهي احوال جو.
ڇڏ انهن وردن وظيفن جي پچر،
عشق ڏاران ڪجهہ نہ ٿيندو ڪارگر.
ٿوڙ تسبيح ۽ مصلي کي وسار،
پاڻ تان چوغو بزرگي جو اتار.
پنهنجي قاتل گودڙي کي باهہ ڏي،
هر طرح سان ڇڏ نڳيءَ جي ناهہ کي.
چُست ٿي ڪيڏيون نمازون ٿو پڙهين،
سُست موليٰ جي طلب ۾ ٿو رهين.
خلق جو خادم ٿي مخدومي وسار،
خوءِ فرعوني ڇڏي ڏي هوش ڏار.
جو رهيو مخدوم سو محروم ٿيو،
جو رهيو محروم سو مخدوم ٿيو.
ناهي مخدومي ۾ رندن جو گذر،
آفتون آهن انهي ۾ سربسر.
ڄاڻ اڳ ۾ اصل تنهنجو ڇا هيو،
ڪيئن فرشتن تو اڳيان سجدو ڪيو.
هت اچي غافل غلامي ٿو ڪرين،
عبد ٿي سڀ جي سلامي ٿو ڪرين.
بادشاهي مان بڻايائون غلام،
سخت حيرت ۾ رهان ٿو والسلام.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

جی منور ٿو ڏسين شمس و قمر،

تن کي خود روشن ڪيو تنهنجي نظر.
ڏس وري هي برگ- گل شاخ ۽ شجر،
ٻهرور، جن کي ڪيو تنهنجي نظر.
آسمان تي تنهنجي اک جو نور آهه،
چا ڏسي جيڪو نظر کان دور آهه.
تنهنجي اک هر راز کي ظاهر ڪيو،
پر نڻو توکي پوي پنهنجو پتو.
تيز تلوار آهي مستن جي نظر،
پچ پري مون کان هٽي وڃ ڪر حذر.
آهي مستي سان ڀريل منهنجي نگاهه،
هٽ پري زاهد مبادا ٿئين تباهه.
سربسر آهي اها خوني نظر،
غير واصل کي ڪندي زير و زبر.
آهي مستي سان ڀريل منهنجي نگاهه،
دور ٿي ان کان هميشه گهر پناهه.
ناهي هرگز منهنجي معمولي نظر،
وٺ خزانو عشق جو ڏي جلد سر.
شينهن جي اک ڏي ڏسڻ دشوار آهه،
پر ڏسي سو جنهن کي حاصل يار آهه.
منهنجي اک ديدار جي قابل بڻي،
ڪيئن نه هرڪنهن واسطي قاتل بڻي.
آهي منهنجي اک مثال- ذوالفقار،
جنهن کي جڻ هٿ ۾ کنيو حيدر ڪرار.
ڪير سهندو عاشقن جي اک جو تاب،
پنهنجي هستي کي وڃائيندو شتاب.
آهي صورت کان سواءِ منهنجي نظر،
پاڪ اعليٰ ذات بيشڪ سربسر.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ تو رهان.

اگ ۾ پنهنجي ماءُ مان پيدا ٿئين،
پوءِ دائي جي هٿن ۾ تون وئين.
پرورش ڪئي تنهنجي دائي چار ڏينهن،
تو لڳايو آهي ان سان پنهنجو نينهن.
ڇڏ انهي دائي کي مادر کي سڃاڻ،
ڪر پري هي غير جي پوشاڪ پاڻ.
تنهنجو خلقيندڙ خدا آهي ٻيو،
معجزو سمجهين متان تون ماءُ جو.
جسم جي دائي جو واري ڇڏ اڪر،
جسم توڙي جان و دل جي ڇڏ پچر.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ تو رهان.

ٿورڙو پاڻي اگر ٿئي ٿو روان،
موج دريا ۾ هٽي ٿو زور سان.
دم هٽي دريا ٿو سمجهي پاڻ کي،
جابجا پنهنجو ئي غوغا ٿو ٻڌي.
جيڪڏهن پاڻي کي ڪجهه رستو ملي،
موج سان مهراڻ ٻڻجي سو وهي.
راهه جاري ٿي ته جهٽ دريا ٿيو،
ان جي لهرن جو لقاءُ پيدا ٿيو.
هڪ جڳهه تان سير ٻڻجي ٿي وڃي،
جا گهٽين ٻيڙين جا تختا ٿي پڇي.
پاڻ خود هڪ موجزن درياءَ ڇڏي،

هت لتا آهيون متيءَ جي ملڪ تي.
پر جڳن ۾ ڪج ڪلاهي تا ڪيون،
خود گدا هوندي بہ شاهي تا ڪيون.
جابجا آهي سدا هڪ ذات- حق،
خود اناالحق جو پڙهايائون سبق.
بحر معنيٰ جو ڪليو منهنجي مٿان،
"لا" ڇڏي "الا" ۾ آيس عشق سان.
اصل ۾ تون بحر آهين بي ڪنار،
تو منجهان موجون اٿن ٿيون بي شمار.
فرق ناهي موج ۽ مهراڻ ۾،
سچ تہ سڀ ڪجهہ آهي پنهنجو پاڻ ۾.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

آهي موجودات موجن جي مثال،
جنهن ۾ حق جي ذات جو آهي ڪمال.
اي سڄڻ تون پنهنجي دل کي صاف ڪر،
پاڻ اڳ ۾ ڇا هئين انصاف ڪر.
هي سيئي قانون رسمي ڪر ڦٽا،
پنهنجي ننگ و نام کي تون ڇڏ صفا.
رسم جي ڦندي ۾ هيئن ڦاسي نہ وڃ،
غرق ڪر رسمن کي منهنجي ڳالهہ مڃ.
ڪيترا پاڻيءَ جا چشما ڌار ڌار،
چنڊ جي ڇهري کي ڪن ٿا آشڪار.
آهي چشمن ۾ سندس فاني مڪان،
روشني قائم رهي ٿي چنڊ سان.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

خلق جي هر رسم کان آزاد ٿي،
ياد ڪر هڪ يار کي آباد ٿي.
هر طرح جي رسم کي تون ڏي ڏتو،
پاڻ وڪڻي هڻ محبت جو سٽو.
رسم جي هر راه شيطاني بٽي،
خود شناسي راه رحماني بٽي.
رسم جي هر ڪار دجّالي رهي،
دل الاهي عشق کان خالي رهي.
دور ٿي دجّال کان تون دور ٿي،
عاشقي جي راه ۾ مشهور ٿي.
ريت رسمن ۾ رهي ٿي ڪافري،
آهي ساري بت پرستي آذري.
ڪفر ۽ اسلام جون پاڙون پٽي،
مون مسلماني ڇڏي پنهنجي مٽي.
هر طرح سان مون مسلماني ڇڏي،
مذهب و ملّت پٽي پنهنجي مڏي.
مذهبن سان ناهي منهنجو واسطو،
مان انهيءَ ڪتراڱ مان ڇاٽان نٽو.
بت پرستي آهي رسمن ۾ صفا،
هيءَ حقيقت آهي ڇاٽي هڪ خدا.
روڳ رسمن جو پري ڪر پاڻ کان،
عشق رک لولاڪ واري شاه سان.
ڇاڻ رسمن کي صفا زنجير دام،
جن ۾ ڦاسي ٿا وڃن ماڻهو مدام.

اي سڄڻ هن دام کي ٽوڙڻ کپي
منهن زماني کان صفا موڙڻ کپي.
جي زماني کان قدم ٻاهر ڪرين،
راز حاصل سربسر هر هر ڪرين.
سڀ ڪي سوگهو ٿو ڪري رسمن جو دام،
جو بچيو اُن کان سو آهي شاد ڪام.
مرد سو آهي جو ٽوڙي دام کي،
هي جهان ڇا؟ هو جهان هڪدم ڇڏي.
عشق جون رمزون ڪيان ٿو آشڪار،
دين ۽ دنيا جي جهڳڙن کي وسار.
ننگ و نام ۽ ريت رسمن کي وسار،
ڪافري ڇڏ تون موحّد ٿي گذار.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

آهي ان جو اسم، اسمنِ ۾ نهان،
سڀ فنا آهي، اهو آهي عيان.
اسم ايذا ڇا ڪندين اثبات ۾،
محو ڪر اسمن کي ان جي ذات ۾.
آهي اسمن ۾ سمورو اختلاف،
ڄاڻ معنيٰ کي ته سڀ ڪجهه آهه صاف.
تون فلاڻو پٽ فلاڻي جو نه چئو،
پاڻ تون آهين اهو ناهي ٻيو.
بحر گم موجن ۾ پنهنجو پاڻ ٿيو،
نيٺ موجن مان وري مهراڻ ٿيو.
گم ٿيون موجون ته دريا دم هنيو،
سڀ ڪجهه آهيان مان نه آهي غير ڪو.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

مون کي طنبورو بنائي پاڻ يار،
ڪيئن وڄائيندو وتي ٿو آشڪار.
مون منجهان نغما ٿا نڪرن بيشمار،
سي ٻڌي وٺ قرب سان اي قربدار.
سُر ڪڏي ٿو سوز مان هي ساز ٻڌ،
هر نموني جا اچي آواز ٻڌ.
يار جي هٿ سان وڄي ٿي ان جي تار،
راز قدرت جا ٿين ٿا آشڪار.
هجر جي يا وصل جي ٻولي ڪڍهن،
حال مستي جي ڪري هولي ڪڍهن.
ڪجهه نٿو ٿئي حڪم ان جي کان سواءِ،
پنهنجي هستي کي مٽائي ڇڏ صفا.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

منهنجو ڏاڏو مشتهر صاحبڏنو،
جو محمدحافظ اعليٰ شان هو.
هڪ ڏهاڙي شهر کان ٻاهر ٿيو،
سير خاطر واٽ ورتيون ٿي ويو.
ڪوٽڙي ۽ ڏيوٽي جي درميان،
هڪ اگهاڙي مست عورت ٿي عيان.
اصل ۾ "بصري" انهيءَ جو نام هو،
جنهن جي حالت کان نه واقف عام هو.
ويجهڙو خواجه جي بيهي پاڪباز،

درد واري داٻهن ڪئي هڪ دلنواز:
"ڏس ته توکي ڪيئن نه ساري ٿو خدا،
تون خدا کان ڇو ٿيو آهين جدا."
بيت سنڌي ۾ ٻڌايائين ٻه ٽي،
پيش خدمت ٿو ڪيان تن کي هتي:
"ڇري ڪري بصري، ڪري تا ڪر نانهن،
وئي پرائي وهاڻ، تنجو هنئڙو تا هي ٿيو.
جئان گهٽو جڳ ۾، پر جم نه جيئڻ ڏئي،
باب نه پڙهج بي، هج آلوده الف سان.
ورسان وجهئو ڪاڻ، ڪرسان ڪليو سمهين،
آيل هي اهڃاڻ، جو ڪڻ ڇڏي ته ابرين."
هي ٻڌي خواجه صفا بيخود ٿيو،
سربسر عاشق بڻيو الله جو.
پنهنجو پٽڪو پاڻ اڇلايائين مٿان،
مئي محبت جي چکيائين چاهه مان.
بس محبت کان سوا سڀ ڪجهه ڇڏي،
جهنگ ۾ ويهي رهيو گوڏا گڏي.
ڇهل ڇاليها ڪڍيا جيئن مرد- راهه،
پوءِ هلي آيو عبيدالله شاهه.
پاڻ خواجه کي بڻايائين مريد،
لامڪان تائين پڄايائينس ديد.
راز وحدت جو مليس مرشد هٿان،
حسن- جانان جلوه گر ٿيس دل مٿان.
آهي الفت جي اهائي شاهراهه،
رک طلب هڪ يار جي ٻئي کي نه چاهه.
بس عبيدالله اسان جو شاهه هو،
هر طرح هر حال ۾ همراهه هو.
هو سراپا نور هو مرد- ڪمال،

کوڙ، جنهن پيدا کيا عيسيٰ مثال.
خضر خادم هو سندس درگاهہ جو،
هر ولي چڻ هو سپاهي شاهہ جو.
ان جو هر دربان سڪندر جي مثال،
چٽ ولايت جو هيس سر تي بحال.
ڪيترا خاقان وخسرو و قيقباد،
جم چا دارا، نوڪري ۾ شاد، شاد.
چڻ هيا "شبلي" "جُنيد" ان جا مريد،
معتقد "ذوالنون" توڙي "بايزيد"
هر ملڪ ان جو ثناگو بي گمان،
غوث توڙي قطب هرهڪ مدح خوان.
پاڻ هو آل- محمد مصطفيٰ،
جنهن جو ڏاڏو هو علي المرتضيٰ.
سو عبيدالله هيو نور- خدا،
خواجہ حافظ رهنما جو پيشوا.
تنهن عبيدالله هادي سرفراز،
خواجہ حافظ سان رکيا راز و نياز.
پنهنجو مرشد پير "عبدالحق" سچو،
جنهن جو اعليٰ مرتبو موليٰ ڪيو.
پير عبدالحق سخا جو بحر تيو،
جڳ ۾ جنهن کوليو خزانو فيض جو.
وصف ان جي ڪين ٿي سگهندي تمام،
جو چوان سو ڪجهہ بہ ناهي والسلام.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

هي سمورا اسم ٿيا هڪ ۾ فنا،

هڪ ٿيا سارا برابر هڪ ٿيا.
هڪ منجهان پيدا ٿيا نالا لکين،
هڪ منجهان ٿيون صورتون اعليٰ لکين.
"الف" پڙهه "بي" "تي" جي وائي کي وسار،
بت پرستي آهي "بي"، "تي" جي پچار.
الف مان پيدا ٿيا هي باب سڀ،
تون ڦٽا ڪر تن سندا آداب سڀ.
پيش وحدت پيو ادب جو سر پڇي،
دور ٿيا آداب وحدت کي ڏسي.
اوچتو وحدت جو خيمو جيئن کتو،
خود بخود اڏريو پکي آداب جو.
تي ادب کان پوءِ وحدت مستقيم،
جو به چاهيو سو ڪيو سڀ ڪجهه ڪريم.
لعل وحدت کيءِ ادب کي آب جاڻ،
هٿ ڪري هي لعل، هرڪنهن کي سڃاڻ.
ڇڏ وظيفا اسم وٺ الله جو،
غير ڪڍ، وٺ جابجا نالو اهو.
ناهي ڪجهه موليٰ جي نالي کان سواءِ،
ڪاهلي آهي وظيفن ۾ صفا.
هوش سان هل ڇڏ وظيفن جي پچر،
دربدر ڇو ٿو رُلين اي بي خبر.
راز رحماني جي ساري لهه خبر،
ڪر وظيفن کان پري پنهنجي نظر.
فڪر- حق جي ذات وارو رک مدام،
پاڻ تي ٻيون لذتون سڀ ڪر حرام.
بس انهيءَ هڪ فڪر ۾ هرگاه رهه،
ان جي وحدت کان سدا آگاه رهه.
تون نه آهين يار آهي ياد رک،

جابجا جگ ۾ جو ڏسجي ٿو عيان،
سو سراسر عشق آهي بيگمان.
عشق از خود ڏس اناالحق جو ڏنو،
جنهن جو هر نقصان آهي فائدو.
عشق ثابت ڪئي خدا جي پاڪ ذات،
محو، جنهن ۾ ٿي سموري ڪائنات.
بس هيو هڪ خاص عاشق معتبر،
پنهنجي هستي کان سراسر بي خبر.
وصل جي مئي سان صفا سرشار هو،
رمز روحانيءَ جو واقفڪار هو.
عام سڀبو جيڪو آڪيداس هو،
پرت وارن ۾ هميشه پاس هو.
اصل ۾ نالو هيس "عاقل فقير"،
مست ۽ مجذوب هو روشن ضمير.
رمز اثباتي ۾ هو هوشيار هو،
"لي مع الله" جو به واقفڪار هو.
جان تي ظاهر ۾ پاتائين جٽيو،
هرڪو ان جي حال کان واقف بڻيو.
هي خبر قاضين جي ڪن تي پئي جڏهن،
گڏ ٿيا مُلاّ ۽ مفتي سڀ تڏهن.
جلد عاشق سان لڙڻ لئي ٿيا تيار،
صبر جو دامن ڪيائون تار تار.
اگ ۾ هڪ سالڪ اچي ان کي چيو،
"پاڻ کي تو قرب جو قيدي ڪيو.
تنهن ڪري قاضين ۽ مفتين جو سپاهه،
توکي مارڻ ٿو اچي اي مرد- راهه."
رڙ ڪري عاشق ڏنس ورندي اها،
"جو چيئي پيهر به چئو تون مرحبا.

جي حقيقي عشق کي حاصل ڪرين،
پنهنجي هستي کي صفا واري ڇڏين.
عشق جي تلوار آهي ڇيلهه سان،
ڪيئن نه ان جو سير حاصل مان ڪيان.
عشق جي تلوار جي قابو ڪندس،
خوف اڳتي جو رکي ڪئن ويهندس.
يار جي قدمن ۾ سر قربان ڪندس،
عالمن کي هر طرح حيران ڪندس.
يار جي رستي ۾ قرباني ڪبي،
محب منزي جي هي مهماني ڪبي.
راز سڀ منصور جيئن ظاهر ڪبو،
عشق سان سولي تي سر پنهنجو ڏبو.
عاشقن جي صف ۾ جيڪو بيهندو،
پنهنجو سر سولي اڳيان حاضر ڪندو.
دل ۾ آهي بحر غم جو موجزن،
موج ان جي موج ۾ آئي تي من.
عشق منهنجو خون هاريندو بجا،
تيغ ان جي سان ڪسڻ آهي روا.
سر ڏيڻ هن راه ۾ آهي ڀلو،
راز ظاهر ٿئي زبان سان عشق جو.
يار جيئن چاهي خوشيءَ سان تيئن ڪيان،
مان سندس قدمن اڳيان قربان ٿيان."
اوچتو ملڻ اچي ڪڙڪو ڪيو،
جن جي اڌو پاڻ ڏاڍو خوش ٿيو.
پاڻ پنهنجو غير کان آزاد رک.
"قل هو الله" آهي "الله الصمد"،
ڄاڻ معنيٰ باليقين آهي "احد".

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ تو رهان.

دوبدو بيهي ڪيائين هيءَ صدا:
"مرحبا صد مرحبا صدر مرحبا.
خوش هجو اي قاضيو! اي مفتيو!،
پنهنجي دل جي مدعا پوري ڪيو.
جي شريعت حڪم ڏئي ٿي قتل جو،
سيڱهه ۾ هي ڪوٺ هستي جو پڄو."
حق جو ڪلمو سڀ ٻڌي حيران ٿيا،
جوش ۾ تن ڪي وڏا جولان ٿيا.
عالمن فتويٰ ڏني: "رسوا ڪجيس،
منهن مٿان دانگي ملي گهمرائجيس."
ڪيس چاڙهيائون گڏه تي خار مان،
لپ مٿيءَ جي ٿي هنيس خورد و ڪلان.
هر طرف هي هُل ٻڌو ٿي خاص و عام،
شير هو سيني جي وچ ۾ شاد ڪام.
عام ماڻهن ڪيس طعنا ٿي ڏنا،
هر طرف کان ٿي پٿر اُن کي لڳا.
ڏاند ان کي هو چڙهيءَ جي واسطي،
سو کهي ڪائڻ لڳا ماڻهو اُتي.
هي ٻڌي عاشق صفا سڀ کي چيو:
"هن ڪڏي ڪم کان اوهان توبهه ڪيو.
گوشت کائيندو جو منهنجي ڏاند جو،
پڪ انهيءَ کي موت ايندو اوچتو.
موت جي تلوار ايندي تن مٿان،
قتل ٿي ويندا هي قاضي ناگهان."

نيٺ هن بانڪي بهادر ڪي چڏي،
ويو هليو هر ڪوئي پنهنجي جاءِ تي.
گوشت سؤ چاليهه ماٺهن ۾ هليو،
جن ٻه ڪاڏو تن جو سڀ ڪي هو پتو.
اوچتو تن جي مٿان آئي قضا،
جن ٻه ڪاڏو ڏاند هو سيئي ڪٺا.
جي هيا ملا ۽ مفتي سڀ مئا،
نيٺ ان عاشق ٻه پورا دم ڪيا.
مون انهيءَ بابت گهڻو ماريو مٿو،
جڳ ۾ هرڪو ناهي طالب راز جو.
هاءِ مخفي راز ڪيئن رهجي ويا،
مان ٻڌايا، پر نہ جڳ ظاهر ڪيا.
ڪيستائين ٻيو ٻڌائيندس ڪلام،
اي برادر بس ڪيان تو والسلام.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ تو رهان.

سڀ سچا عاشق وڃي رستي لڳا،
مان هتي افسوس ڪاوان تو ڏڪا.
عشق وارا ويا چڏي هن حال ۾،
جو اجا تائين رهان تو قال ۾،
عشق وارا ويا هليا حيران ڪري،
جن جي خاطر جيءُ منهنجو تو جلي.
عشق وارا ويا هتي حيران ڪري،
سوز جن جي ۾ تي دل سڏڪا ڀري.
دوستن وٺ عاشقن ديرا ڪيا،
ٻئجي بي گهر مون هتي ڦيرا ڪيا.

عشق وارا ويا ڇڏي هٿ واءِ،
حال پنهنجي تي ڪيان ٿو هاءِ.
مون کي هن حالت ۾ حيراني ڏئي،
عشق وارا ويا پريشاني ڏئي.
عشق وارن کان سوا لاچار ٿيس،
دربدر ڌانهون ڪري بيڪار ٿيس.
عشق وارا جڳ ڇڏي آزاد ٿيا،
جاوداني عيش سان آباد ٿيا.
درد واريون ڪيتريون ڌانهون ڪندس،
عشق وارن واسطي آهون ڪندس.
دل ۾ تن جي درد جي جاگير آهه،
بس انهن ڳالهين جو هي تاثير آهه.
سر تي آيو عشق وارن جو فراق،
مون کي ماري ٿو انهن جو اشتياق.
عشق وارا ويا انهيءَ جي راه ۾،
سڀ دعاگو ٿيا سندس درگاه ۾.
غم جي رمزن کي سڃاڻي ڪر نظر،
جيئن پوي توکي حقيقت جي خبر.
پير عبدالحق اسان جو يار ڏس،
حق جي رمزن جا لڪين اسرار ڏس.
حق ڏنيون جنهن کي هزارين حڪمتون،
هر گهڙي آهن مٿس لک رحمتون.
پاڻ هادي رهنما، جنهن جو ٿيو،
حق جي رمزن جو پتو اُن کي پيو.
جنهن کي بخشيائين پيالو فقر جو،
اُن جو پارس سان وڃي پاسو لڳو.
عشق جي جوهر کي حق جي ذات ڄاڻ،
آيتون حق جون ڏسي ان کي سڃاڻ.

هر صفت موليٰ جي هٿ آيو ڪٽي،
غير ناهي آهي ساڳيو ئي ڏٽي.
جڳ جي شاهي ۽ بزرگي ڪان مٿي،
هن خدائي کي پڇايائين ڪٿي.
دڳ وٺايائين سڌو درويش کي،
مئي محبت جي پياريائين سڌي.
ڪوڙ مون جهڙا سندس در تي مريد،
سر ڏيڻ ۾ جيڪي سمجهن پنهنجي عيد.
پنج پٽ هن عشق جي سلطان جا،
گنج آهن دين ۽ ايمان جا.
ڇا ڪري سگهندي زبان تن جي ثنا،
پاڻ آهن پنهنجو مٽ عارف سچا.
منهنجو پهريون پيرزادو با اصول،
مرحبا آهي محمد وٽ قبول.
خود صفا تحقيق جا گوهر ڪري،
غير جي تقليد کان ٽئي ٿو پري.
دين ۾ دائم رهيس هڪ مشغلو،
معرفت جي ذڪر جو ۽ فڪر جو.
آهي هادي رهنما بيشڪ ڀلو،
مصطفيٰ ۽ مرتضيٰ جو دادلو.
اوليا ۽ انبيا جو پيشوا،
حق جو بندو خاص جڳ جو رهنما.
جنهن جي آڏو ٻئي جهان آهن ڦڙو،
عرش رسي، جنهن اڳيان هڪڙو ذرو.
آهي معنيٰ جو خزانو هي فقير،
جو بزرگي ۾ رهي ٿو بي نظير.
پير زين الدين ٻيو والا صفات،
آهي هر هادي جي زينت جنهن جي ذات.

آهي ساڳيو سر انهيءَ هڪڙي ۾ پاڻ،
تون ٻه هڪڙي ۾ اهوئي سر سڃاڻ.
دين محمد آهي ثالث دلربا،
عشق واري سلسلي جو رهنما.
پيشوا چوٿون محمد جو ولي،
فخر دنيا جو سچو عاشق سخي.
بعد ۾ خاصو خداداد آهي پير،
عشق واري راهه ۾ روشن ضمير.
هي سمورا نام ٿيا هڪ نام جا،
يار هڪڙو آهي بيشڪ جابجا.
هڪ منجهان هر هڪ لقا پيدا ٿيو،
عقل کي هن حال حيرت ۾ وڌو.
هڪ اهوئي سر هتي آيو هلي،
اصل ۾ آهي حقيقت هيءَ پڪي.
تون انهيءَ ڪثرت ۾ وحدت کي سڃاڻ،
سچ ته وحدت آهي ڪثرت پنهنجو پاڻ.
هت قلم جو سر صفا ڪٽجي ويو،
جو هيو لکڻو اهو لکجي ويو.
هي خدائي ٿيو سندس در جو غلام،
"راز نامو" ختم ٿيو بس والسلام.
حڪم ان جي سان ڪلي ٻيهر زبان،
جيئن چيو مون کي سڄڻ تيئن ٿو چوان.
مختصر آهي برابر هي ڪلام،
فائدو حاصل ڪري هر خاص و عام.
خون مان ٻوڙي قلم کي بار بار،
هن رسالي کي ڪيو مون آشڪار.
عشق جا اسرار ظاهر ٿو ڪيان،
محو آهن ذڪر ۾ دل ۽ زبان.

کنهن کي طاقت ناهي جو خطرو ڏئي،
حڪم ان جي ساڻ هلچل ٿي رهي.
عام ماڻهن کان پري ڪن ۾ اچي،
يار مون سان ڳالهه ڪئي اسرار جي.
ڪي ڏهاڙا بند هئي منهنجي زبان،
اوچتو هي بار ايو دل مٿان.
فرض سنت مستحب کي خاص و عام،
نفل واجب سان پڙهن تا صبح و شام.
ياد هرڪو ٿو ڪري قرآن کي،
پر وظيفن سان نٿو مولىٰ ملي.
هو پڙهن تا جيئن اجورو ڪوملي،
جيءُ سندن جهوري انهيءَ ۾ ٿو جهجي.
نفس پنهنجي کي ڦٿو ڪر وٺ خدا،
جسم ڪر مولىٰ جي رستي ۾ فدا.
ٻڌ ذار سالڪ سخن منهنجو سچو،
دل ۾ ان جي عشق جو ديرو لڳو.
حال ۾ هر هڪ سخن چاٽو بجا،
حال ڏاران آهي هر گفتو خطا.
ڪيفيت جاتي نہ ڪنهن هن حال جي،
آهي ساڳي ڳالهه حال ۽ قال جي.
دينداريءَ کي صفا واري ڇڏيم،
هن مسلماني کي ميساري ڇڏيم.
بس پڄي ويا زهدم علم ۽ قيل و قال،
ويو زماني تان کڄي منهنجو خيال.
آگ ۾ اڇلائي ڇڏ سارا ڪتاب،
ٻڌ ”خدائي“ جي حڪايت لاجواب.
عقل جان ۽ دل ۾ آهي سڀ نڳي،
غيب کان اهڙي خبر مون کي ملي.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ تو رهان.

ڪجھ تہ ماضيءَ جو تصوّر دل ۾ ڪر،
پنهنجي گذريل صورتن تي ڪر نظر.
تنهنجي پيري ۽ جواني جو مثال،
ڇڻ تہ هڪڙو خواب هو يا ڪو خيال.
خواب غفلت جو ڇڏي بيدار ٿي،
حال پنهنجي کان سڄڻ هوشيار ٿي.
ڇاڻ ساريون صورتون خواب ۽ خيال،
ٻڌ ذرا ويساھ سان منهنجي مقال.
سمجھ هن صورت جي هستي کي فنا،
پاڻ کي هردم انهيءَ کان رک جدا.
جيڪي وهمي صورتون سمجهي تو پاڻ،
هي بہ تن ئي صورتن وانگر سڃاڻ.
پاڪ معنيٰ سان ڪري ڇڏ پاڻ کي،
هل سدائين تون سڌو هن راه تي.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ تو رهان.

اسم ذاتي جو هميشه ذڪر ڪر،
ذڪر ۾ مشغول رھہ ۽ فڪر ڪر.
ذڪر جي تمثيل آهي سؤ سپاھ،
فڪر آهي ڇڻ تہ ان جو بادشاھ.
شاھ لشڪر کان سواءِ لاچار آھ،
شاہ ري لشڪر وري بيڪار آھ.
شاھ جي عزّت وڏائي تو سپاھ،

ياد ڪر هي خاص نڪتو خيرخواه.
ذڪر سان ئي پنهنجي هستيءَ کي وسار،
جسم کان بيهوش رهه ليل و نهار.
ذڪر جو فرمان موليٰ ٿو ڪري،
تنهن ڪري هي فرض بڻجي ٿو رهي.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

آهي ڪن ٻيٽن ۾ هڪ مشهور وڻ،
جنهن کي چندن ٿا چون سڀ اي سڄڻ!.
ان جي ڪل شاخون ۽ پن سڀ سربسر،
هر هميشه ٿا رهن خوشبو ۾ تر.
ان جي پرسان ٻيا به آهن اي سڄڻ!،
ڪيترائي مختلف جنسن جا وڻ.
جيئن هتي هردم هوائون ٿيون گهلن،
وڻ سيئي چندن جي خوشبو ٿا وٺن.
ان جي نالي ۾ سمورا ٿا اچن،
اصلي نالا تن جا گم ٿي ٿا وڃن.
هر شجر اهڙيءَ طرح چندن ٿيو،
جڻ ته چندن آهي چندن مان ڦٽو.
هر شجر چندن ٿو سڏجي هر گهڙي،
ان منجهان خوشبو اچي ٿي مشڪ جي.
آهي پر اسرار هي وڻ ايترو،
ڪنهن به ان کي ناهي ظاهر ۾ ڏٺو.
جو اُتي ويندو اهو ٿيندو فنا،
سر وڃائيندو انهيءَ وڻ ۾ صفا.
حاڻ هڪڙي ذات هر شيءِ ۾ عيان،

هي مڪان آهي برابر لامڪان.
اڳ ۾ پنهنجي هوڏ هستي کي وسار،
پوءِ بلاشڪ ڪر اناالحق جي پڪار.
خاڪ جو پتلو نہ آهي تنهنجي ذات،
تنهنجي هستي کي ڪڏهن ايندي نہ مات.
هي پراڻو پوش ٿي ويندو فنا،
تنهنجي هستي کي سدا هوندي بقا.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

تو فقط هڪ دم منجهان آندا ٻہ دم،
ٻن دمن توکي ڏنا هت ڪيئي غم.
وٺ فقط هڪ دم ڇڏي ٻن جي پچر،
هٿ ڪري وٺ خاص وحدت جي خبر.
ٻن دمن مان جاڻ هڪڙو دم ڀلو،
علم هرڪنهن کي نہ آهي راز جو.
ظاهر ۽ باطن انهي جو آهي گنج،
پاڻ هڪ آهي نہ آهن چار پنج.
ڪفر ۽ ايمان ۾ ڪانهي وٿي،
آهي ساڳي ڳالهہ نيڪي ۽ بدي.
پاڻ کي نيڪي بدي کان رک جدا،
وٺ طريقت جو سڌو رستو صفا.
پاڻ کي نيڪي بدي کان پاڪ ڪر،
بس ٻنهي کي تون ملائي خاڪ ڪر.
ظاهر ۽ باطن جڏهن آهي خدا،
پوءِ ڇئو نيڪي بديءَ جو آهي ڇا؟
پاڻ کي پڪڙي وري رهندين ڪٿي،

جابجا دلدار ڦيرا ٿو ڪري.
مان نہ آهيان آهي ان حاڪم جو ڪم،
آهي دو عالم مٿان منهنجو قدم.
پنهنجي هستي تان ڪٽي سارو خيال،
مون ڪيو منصور جو جهنڊو بحال.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

روز شب ٿون راڳ سان همراز رھ،
ساز جي آواز سان دم ساز رھ،
جي رکين ٿو عشق جي دل ۾ لغار،
ٻڌ ذرا مون ڪان جدائي جي پڪار.
راڳ جو آواز عاشق ٿا ٻڌن،
سوز وارا ان جي ويجهو ٿا وڃن.
جلد اي عاشق مزو وٺ راڳ جو،
يار پنهنجي سان وڃي ٿي ويجهڙو.
راڳ کي معراج سمجهن ٿا ولي،
روز شب ان کي ٻڌن ٿا متّقي.
غير جو هر فڪر ميٽي ٿو ڇڏي،
وسوسا ۽ وهم ريٽي ٿو ڇڏي.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

وٺ سبق هي معرفت جي راھ جو،
فرق ڇڏ هادي جو ۽ گمراھ جو.
نيڪ و بد کي بحر وحدت ۾ وجهي،
ڇڏ شڪايت ۽ گلا شيطان جي.

هو ڪڏهن هادي ڪڏهن همراه آ،
راهرو هن راز کان آگاه آ.
رهنما بڻجي ڪڏهن پلجي پوي،
هو ڪڏهن غنچو ڪڏهن گل ٿو ٿئي.
ياد ڪر "مجنون" جي ۽ "ليليٰ" جي ڳالھ،
يا ٻڌي وٺ "وامق" ۽ "عذرا" جي ڳالھ.
اک ملي مجنون کي ليليٰ واسطي،
جنهن کي گهايو هڪ نظاري نينهن جي.
ان جي صورت جو سدا حقدار هو،
روز شب مفتون مٿس هر بار هو.
ڪجھ ڏٺائين ڪين ليليٰ کان سواءِ،
جنهن جي الفت ۾ رهيو ٿي مبتلا.
راھ ۾ ان جو ڪڍيائين انتظار،
ان جي غم جي مئي چکيائين باربار.
غير کان مجنون وڌو منهن تي نقاب،
صرف ليليٰ کي ڏٺائين بي حجاب.
راز کان آگاه ٿي اچ راھ ۾،
هڻ ٽٻي توحيد جي درياھ ۾.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

شهر قندار ۽ هرات آڏو عيان،
آهي قلعو هڪ "قلايش" نام سان.
چو طرف قلعي جي آهي ڪوهسار،
عام سڏجي ٿو تڏهن تڪشير غار.
وقت پنهنجي ۾ عجب اسرار سان،
هن کي جوڙايو هيو نوشيروان.

ان ۾ هڪ مخفي جڳهه آهي جزيل،
جنهن ۾ هڪ پارس پٿر آهي پيل.
چار تلوارون اُتي آهن عيان،
ان جي چوڌاري ڦرن ٿيون هر زمان.
ور وڪڙ دڳ ۾ وڃڻ آهي محال،
مون گهٽائي ڪئي اڃا آهي مقال.
هر طرح سان بند ٿيا رستا پيا،
در تي تلواريون ڪليل آهن سدا.
جيڪو پارس واسطي ويندو اُتي،
پاڻ پنهنجو سر وڃائيندو اُتي.
جسم سان ڪوئي نہ ٿيندو ڪارگر،
هيءَ حقيقت ٿو ٻڌايان سربسر.
جو بہ ويندو ان جو سر ٿيندو قلم،
ڪير تلوارين مٿان رکندو قدم.
قتل ٿي ويا هت بهادر ڪيترا،
جن ڪٽايا پير بازو ۽ مٿا.
جيڪڏهن ايندو ڪو پارس جي قريب،
پاڻ پنهنجو سر وڃائيندو غريب.
جي ڪرين حق جي طلب جو حق ادا،
ڪر انهيءَ جي راه ۾ سر کي فدا.
جان و تن سان ڪيئن ملي توکي خدا،
ڪر انهيءَ جي راه ۾ خود کي فنا.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

آهي سڀ ڪنهن ۾ سمايل ان جي ذات،
مان ٻڌايان ٿو صفا انجون صفات.

حسن- ڪامل سان ڪليو هو گل مثال،
پاڻ پن پن ۾ پسائي تو جمال.
سبز ڳاڙها ۽ اڇا ڪارا هزار،
رنگ رنگي تو پسائي بي شمار.
جيڪڏهن گل جي پنن ڪي مهڪبو،
صرف پاڻي تن منجهان پيدا ڪبو.
هي سيئي گل جا پتا ٿيندا فنا،
آب خوشبوءِ دار کي رهندي بقا.
ڏس زمين ۽ آسمان جي ويڪراڻ،
پاڻ ۾ ڪيئن تو سمائي يار پاڻ.
ڪيتري دلڪش ٿي ڏسجي ڪائنات،
آهي اندر توڙي ٻاهر ان جي ذات.
سير سلطاني ڪري جو ڪجهه ڏٺم،
سربسر ان جو پتو سڀ کي ڏنم.
جو ڏسين ٿو سو سندس آهي جمال،
آشنا ٿي پنهنجي هستي ڪر حلال.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان؟.

آهي هڪڙي ٻيٽ ۾ هڪ ڳئون عجيب،
جا ٻجي ٿي ٻڪ لڳڻ سان بدنصيب.
بحر ۾ بي خوف ماري ٿي ٽٻي،
جهٽ اچي ٿي بي بها موتي کڻي.
چند جيئن چمڪات موتي تو ڪري،
هوءَ تڏهين ٿي چاه مان چارو چري.
دور اونداهي ڪي موتي تو ڪري،
روشني ۾ جابجا هوءَ ٿي چري.

اوچتو موتي جا طالب تا اچن،
ان مٿان پردو مٽي جو تا وجهن.
روشني بدران ٿي اونداهي ٿئي،
بدحواسي ۾ ٿي هوءَ ڊوڙي ڊڪي.
سخت حيران ٿئي ٿي موتيءَ واسطي،
غور ڪر اي راهرو هن ڳالهه تي.
آهي ناداني سڄي ڳئون جي عيان،
جا مٽي ڪان ٻئي طرف ٿئي ٿي روان.
خود مٽي کي ڪين جاچي ٿي ڏسي،
خاص موتي جنهن ۾ مخفي ٿو رهي.
بحر ۾ ٻيهر اچي ڏئي ٿي ٽپو،
ان منجهان آٽي ٿي هڪ موتي ٻيو.
غور سان ٻڌ هي قصو ڪر ڪجهه خيال،
بي خبر ٻڌجين مٿان ڳئون جي مثال.
خاڪ جو پتلو پري ڪر سربسر،
شاه شاهن جو صفا ايندئي نظر.
هي مٽي جو بت پري ڪر پاڻ کان،
بي بها گل هٿ ڪري وٺ ان منجهان.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ چا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

دم خدائي جو هڻان ٿو مان ڪڏهن،
گڏ گدائي سان رهان ٿو مان ڪڏهن.
جسم سان آهيان ته ٻڌجان ٿو گدا،
پاڻ ۾ ناهيان ته آهيان خود خدا.
ان گهڙي پرواز اعليٰ ٿو ڪريان،
پنهنجي سر کي پاڻ بالا ٿو ڪريان.

مان نہ آهيان آهي ان جي ذات پاڪ،
جا ڪري ٿي وسوسا ۽ وهم خاڪ.
گم ٿيا سڀ روز شب ارض و سماء،
اصل توڙي نسل جا نالا ويا.
چا مصلو چا جٽيو توڙي ڪتاب،
گم ٿيو ڏوهن ثوابن جو حساب.
شڪ عقيدا خوف بالڪل دور ٿيا،
دين، ايمان، ڪفر سڀ ڪافور ٿيا.
غم خوشي ۽ جان و تن سارا ويا،
ذڪر جا ۽ فڪر جا وارا ويا.
دور ٿيا هر ريت سجدا ۽ سلام،
ختم ٿي ساري عبادت صبح شام.
رد رياڪاري جا سڀ رستا ٿيا،
لڙ لٿا لاهي ۽ چاڙهي جا صفا.
گم ٿيا اوري پري هجر ۽ وصال،
ناهي هت ڪنهن جو تصوّر يا خيال.
ڪوبہ قلبي يا زباني ذڪر ناهہ،
هت عبادت ۽ سخا جو فڪر ناهہ.
ناهي مسجد ۽ مڙهي جو ڪو نظام،
رد وظيفا، رد جماعت، رد امام.
برج سڀ سج چنڊ تارا ٿيا تمام،
ناهي ايرڻ ۽ لهڻ جو اتنظام.
گم ٿيا ڪشف ۽ ڪرامت جا قصا،
ڪين هت آهن حڪومت جا قصا.
ناهي ڪوئي جو ڪري ڪنهن جو سلام،
گم ٿيو نيڪي بدي جو انتظام.
حج زيارت جي غنيمت دور ٿي،
عقل ۽ تدبير جي هستي چٽي.

پنهنجي هستي کان جڏهن پاسو ڪيم،
اندر ۽ ٻاهر سمورو حق ڏٺم.
هو ڪڏهن ناسوت مان ملڪوت ٿيو،
هو ڪڏهن جبروت مان لاهوت ٿيو.
عشق ۾ پرواز مون ايڏو ڪيو،
راز محرم ناهي ڪو هن حال جو.
ڪم نه ايندو علم جو چرچو هتي،
ناهي ڪو بازار جو سودو هتي.
علم سان عالم جو ٿيندو احترام،
پير ڪوٺيندا انهيءَ کي خاص و عام.
تون اگر موليٰ جو طالب ٿي پوين،
پاڻ تسخيرات کان پاسو ڪرين.
عشق جي تلوار ڪڙ ۽ مرد ٿي،
مرد ٿي، پر درد ٿي ۽ فرد ٿي.
آهي شيخي جا بزرگي رهزني،
هي نڳي جا ناه ناهي ٿي خودي.
هي طريقو آهي ڏاڍو پر خطر،
بيخبر هن راهه کان رهه باخبر.
نور مرسل جو ڪيو موليٰ عيان،
معرفت جا بحر نڪتا جنهن منجهان.
جنهن به ٽوٻي بحر ۾ ماري ٽٻي،
سو اتان هرگز نه ٿيو واپس وري.
بحر گوهر ۽ شناور گم ٿيا،
حال جي مستي پسايو هي لقا.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ جا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

صوف جو وڻ صوف پيدا ٿو ڪري،
انب سان ئي انب جو وڻ ٿو ڦري.
ٻن کي بيشڪ نالو هڪڙو ٿو ڏجي،
هن کي ميوو هن کي وڻ ٿو ڄاڻجي.
آهي ساڳي ڳالهه آدم ۽ خدا،
سمجهه "الانسان سرّي" کي صفا.
پر نرالو آهي ميوي جو سواد،
ڪاٺ پن تاري ۾ ناهي ڪو سواد.
وڻ ۾ ناهي شاخ ميوي کان جدا،
آهي ميوو شاخ سان محڪم سدا.
ڇڏ فنا جو ماڳ ماٺي وٺ بقا،
مڃ نصيحت منهنجي، پس پنهنجو لقا.

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ ٿو رهان.

مرد آهين تون ته واري ڇڏ حساب،
حج زڪواتن سان نه ٿيندين ڪامياب.
عبد ٻڄڻ جي عيوض عارف ٿجي،
عبد واري وهم کان واقف ٿجي.
هو نٿا ڄاڻن ته ڇا آهي "يعرفون"،
تنهن ڪري زاهد چون ٿا "يعبدون".
عبد جي معنيٰ تي پردو ٿا وجهن،
معرفت کي ڪين سمجهي ٿا سگهن.
پاڻ ۾ رهجي ته ڇئجي "يعبدون"،
پاڻ کان ٻاهر ٿي پڙهجي "يعرفون".

ڪير آهيان، ڪير آهيان، ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان، عجب ۾ تو رهان.

استقامت "اهدنا" جو راز آهه،
بينيازي جو اهو آواز آهه.
"اِهدنا" جو راز سمجهايو علي،
جنهن سڄي دنيا کي بخشي روشني.
اگ ۾ پڻ پنهنجو هيو اعليٰ خيال،
بينيازي ۾ ٿيو بالا خيال.
مان ٻهاريدار موليٰ جو غلام،
نوڪري ڏيندو رهان ٿو صبح شام.
مصطفيٰ جي در جو سگ ٿجي رهيس،
جان و دل سان ان جو طالب ٿي رهيس.
مان ڪمينو ڪير جو دعوا ڪيان،
ڪيئن انهيءَ جي دوستي جو دم هڻان.
يا خدا درگاه ۾ مون کي رساءِ،
ان جي ادنيٰ خادمن سان گڏ رهاءِ.
مصطفيٰ ۽ مرتضيٰ جو مان غلام،
آل- اطهر تي پڙهان ٿو سئو سلام.
مان نبي جي آل تان قربان ٿيس،
ان جي قرباني منجهان سلطان ٿيس.
شاهه جي گهوڙي جي پيرن جي مٽي،
شل پوي منهنجي لڱن تي هر گهڙي.
عشق آهي مصطفيٰ جي اسم سان،
مرتضيٰ جي نام تان صدقو وڃان.
پاڻ فرمايو محمد مصطفيٰ،
آهي بربادي محبت کانسوا.

راز وحدت جو ٻڌايائون صفا،
مون گدا کي بادشاهي تي عطا.
مهر ڪئي مون تي رسولن جي امام،
عاشقن جي صف ۾ آيو منهنجو نام.
دم نہ هڻ هستي جو، سوچي کڻ قدم،
ياد ڪر موليٰ کي بيشڪ دمبدم.
غير جو هر وهم دل تان دور ڪر،
مشورو منهنجو اهو منظور ڪر.
پنهنجي آڏو غير کي هرگز نہ آڻ،
ماسوا ڇڏ حق جي هستي کي سڃاڻ.
رک پتو ويساهہ سان هن راز جو،
جيئن وٺين هردوجهان جو فائدو.
خود ڪيائون مهر جي مون تي نگاهہ،
حق بنا هر شئي جي هستي تي تباهہ.
هي "خدائي" تيو غلامن جو غلام،
رازنامو ختم تي ويو، والسّلام.

گداز نامو

جا بجا موجود آهي هڪ خدا،
سربسر مشهور آهي هڪ خدا.

هر جڳهہ تي آهي هو جلوه نما،
ظاهر و باطن سندس آهي لقا.

ان جو نورِ آهن زمين و آسمان،
پاڻ ذاڪر آهي پنهنجي ذڪر سان.

ڪائنات اندر خدا جيِ آهہ ذات،
ٻيون سيئي ان ذات جون آهن صفات.

پاڻ ظاهر ۾ تي آيو مصطفيٰ،
پر حقيقت ۾ اهو آهي خدا.

پاڻ تي وينو شريعت جو ڏٽي،
خودبخود قرآن کي آيو ڪٽي.

هڪ محمد ۽ خدا کي ڄاڻجي،
هن عقيدي ۾ نہ ڪو شڪ آڻجي.

چپ چپاتي يار جو ديدار ٿيو،
منهنجي آڏو گنج معنيٰ جو کليو.

هڪ اٿل آئي انهيءَ درياهہ مان،
جنهن منجهان اسرار ظاهر ٿو ڪيان.

گفتگو منهنجي نہ آهي ان جي آهہ،
جستجو منهنجي نہ آهي ان جي آهہ.

هن ڪتابت جي ڪيان ٿو ابتدا،
جان و دل محبوب تان آهن فدا.

هن جو نالو ٿو رکان نامئہ گداز،
جسم و جان ڳاري ٿو ان نامي جو راز.

برف آڏو منهن ڪڍي ٿو آفتاب،
سا ڳري پاڻي ٿي بڻجي پئي شتاب.

اصل پاڻي هو، اهوئي برف ٿيو،
برف مان پاڻي بڻيو جو تو ڏٺو.

برف هئي جيتر منجهس هستي رهي،
پنهنجي هستي کي وڃائي اصل ٿي.

ان ڳرڻ کان پوءِ نرالا ڪم ڪيا،
فيض ان جي سان سوين سبزا ٿيا.

هو ڪڏهن پاڻي، ڪڏهن ٿو برف ٿئي،
اصل مان پيدا ٿو هرهڪ ظرف ٿئي.

چند پاڻي آهي نوڪر جي مثال،
آب جاري آهي رهبر جي مثال.

برف ۽ پاڻي جو هڪڙو آهي حال،
جيئن قمر ۽ بدر جو آهي مثال.

راهِ موليٰ ۾ فنا ڪر جسم و جان،
پڻ جهانن ۾ ملي جيئن توکي مان.

آهي بيشڪ عاشقن جو ڪم جلڻ،
پنهنجي هستي کي جلائي چڏ سڄڻ.

ري جلڻ جي ڪين ملندين يار سان،
ري جلڻ جي ڪين ٿبين رازدان.

آب کان نڪري حباب آهي بڻيو،
آب ۾ آيو ته آب آهي بڻيو.

بحر ۾ آيو حباب ۽ لهر ٿيو،
لهر مان ساڳيو ڦري ۽ بحر ٿيو.

جي مٿو ٻاهر ڪندو ٿبو حباب،
بحر ۾ هوندو ته رهندو فيضياب.

نوڪر ۽ آقا جو فرق آهي اهو،
ڪول عبرت جون اکيون ڪر غور ڪو.

غرق ٿي توحيد جي درياه ۾،
جيئن رسين الله جي درگاه ۾.

عشق جي آڙاهه ۾ خود کي جلاءِ،
تي چڙي مان باز، پنهنجا پر هلاءِ.

جيڪڏهن ڪجهه لوڻ پاڻيءَ ۾ پوي،
سو ڳرڻ کان پوءِ ڏس ڇا ٿو ٿئي.

جي وڃي ٿي لوڻ جي هستي مري،
خود بخود پاڻي ٿو بڻجي ان گهڙي.

عبد جي معبود سان گڏجي وڃي،
غير کان آجو ٿي حق بڻجي وڃي.

جيئن سهاڳو ڄاڻ مرشد جي نظر،
جنهن ۾ حق جو فيض آهي سربسر.

تنهنجي هستي آهي چانديءَ جي مثال،
عشق ۾ آهي سهاڳي جو ڪمال.

جو خدا جي راه ۾ ٿئي ٿو فنا،
سو فنا مان ٿو ڪري حاصل بقا.

اي سڄڻ، هن خاڪ جي پتلي کي ڳار،
عاجزي ڇڏ، بي نيازي ۾ گذار.

مرد هڪڙي کي پلو گهوڙو هيو،
جنهن کي هو پاڻي پيارڻ تي ويو.

جيئن جو دريا جي ڪناري تي پڳو،
وهٽ کي پاڻي پياري خوش ٿيو.

اوچتو گهوڙي کي لوڙهي لهر وئي،
مرد جي دنيا تي ساري زهر وئي.

غرق ٿيو دريا ۾ گهوڙو بيگمان،
وائڙو مالڪ ٿيو هن حال ڪان.

پاڻ ڪي درياه ۾ اڇليائين ڪٽي،
جيئن ڪڍي گهوڙي کي پنهنجا هٿ هٽي.

پر نہ گهوڙي کي پڳو، بيوس ٿيو،
خوب غوطا کائي، خود واپس ٿيو.

ويڙهجي لهرن ۾ ويچارو ويو،
هاءِ پنهنجي حال ڪان بي حال ٿيو.

نيٺ غوطن ۾ سندس اک وئي کلي،
اوچتو هن هڪ پٿر جي پٽ ڏٺي.

پٽ سموري سخت هئي قلعي مثال،
ان منجهان ڪنهن جو بہ نڪرڻ هو محال.

ڪين نڪتو پٽ منجهان مجبور ٿيو،
جسم ان جو ويو ڳري وهلور ٿيو.

ان جو سارو جسم پاڻي تي پيو،
موج دريا ۾ وري مارڻ لڳو.

ڪجهہ ڏهاڙا هو رهيو هن حال سان،
آب شيرين عام تي پيتو اتان.

تن بدن ان جو ڳري ۽ پاه ٿيو،
سرفرازي ڪان تڏهن آگاه ٿيو.

آب جاري ٿيو انهيءَ ديوار مان،
جسم پيو پيدا ٿيو ان جاءِ تان.

نام ٿي ويس "بادشاه- عارفين"،
سڀ سڏين پيا ان کي شاه- عاشقين".

اي سڄڻ هن راز کان آگاه ٿي،
عبد جو اولو ڇڏي الله ٿي.

فڪر سان حاصل سمورو حال ڪر،
دور ساري غير واري قال ڪر.

پنهنجي ساري ڄاڻ حاصل ڪر صفا،
ڪير آهين، تنهنجي هستي آهي ڇا؟

جسم جي چولي کي ڦاڙي دور ڪر،
پاڻ کي تون هوبهو منصور ڪر.

عاشقن جو شاه سو منصور هو،
عارفن، جنهن کي ڪيو منظور هو.

عشق جي سوليءَ مٿان هسوار ٿيو،
عاشقن جي صف منجهان نروار ٿيو.

جنهن سمورا سير سلطاني ڪري،
ٻاهر آندو عشق جي تلوار کي.

اُت هيا عارف بمع شبلي جُنيد،
ٿيا سيئي حيران، پاتائون نه ڀيد.

شيردل آئي وڏا واڪا ڪيا،
شاهه آڏو سڀ سپاهي تي لڳا.

عاشقن جي راهه ۾ هن سر ڏنو،
پنهنجي جسم ۽ جان ڪان آجو ٿيو.

خاڪ واري جسم ڪان هو پاڪ ٿيو،
آسمانن تي انهيءَ جو تاڪ ٿيو.

توڙ هستي کي رکي پنهنجي شناس،
لاهه لحظي ۾ هي پانهپ جو لباس.

پير هينئان هي سيئي عضوا ستي،
رک قدم پنهنجا بقا جي ملڪ تي.

صاف دل ٿي، پاڪ رک پنهنجي نظر،
يار کي ڏس، غير ڪان دل دور ڪر.

ديد پنهنجي ديد ان جي سان ملاءِ،
دل ۾ ويهي پور دلبر جا پچاءِ.

هي زمين ۽ آسمان ويا ميٽجي،
بيخودي سالڪ کي هن مستي ڏني.

ڪر عدم جي بن ۾ هستي کي فنا،
جيئن فنا ڪان پوءِ حاصل ٿئي بقا.

ڪيئن تين ڪاغذ ۽ پاٽي بئي ڪنا،
هي ٻري ۽ هو ڪري هن کي فنا.

کر انهيءَ ڪاغذ کي پاٽي ۾ تباھ،
پاڻ تان هن جان و تن جو بار لاھ.

بت بٽيو ڪاغذ ۽ پاٽي ذات۔ حق،
پير عبدالحق ٻـڌايو هي سبق.

عام رب جي راھ روزو ۽ نماز،
خاص ڪن ٿا جان ۽ تن کي گداز.

جان ڳارڻ کان سوا ڇا حاصلات؟،
جان ڳارڻ سان ملي ٿي حق جي ذات.

اي سڄڻ هن راھ ۾ ٿي وڃ فنا،
ڇـڏ بلندي کي ۽ پستي کي صفا.

درحقيقت آهي ڪائو جسم جو،
روح جنهن ۾ آهي نوراني ڏيو.

هي ڏيو ڪائي ۾ مخفي ٿو رهي،
پـڄ اهو ڪائو تہ سارو غم وڃي.

ٿـي وڃي ظاهر هي روحاني ڏيو،
دور ٿـئي سارو هي جسماني ڏيو.

غور ڪر ۽ ڄاڻ هرهڪ رمز کي،
ڪو تصور شاھ جي هستي ڇڏي.

"عبده" جو قول آهي شاھ جو،
عام ماڻهن واسطي آهي اهو.

شاه بيشڪ پاڻ کي ٻانهو سڏي،
پر اسان ڄاڻون ٿا ان جي شان کي.

ٻئي کي ٻانهي جي سڏڻ جي ڇا مجال،
آهي بيشڪ شاه اعظم باڪمال.

عارفن سمجهو محمد کي خدا،
ان جي خدمت ۾ ڪندا سڀ ڪجھ فدا.

جي پکي آني جي اندر ٿو رهي،
سو هوا ۾ ڪٿ اڏامي ٿو سگهي.

بعد مدت جي اهو آنو ڀڃي،
پر هٽي پنهنجا اڏامي ٿو پکي.

ڪيئن اڏامي ٿو هوا ۾ شاد ٿي،
جيئن وڃي ٿو قيد کان آزاد ٿي.

هر گهڙي جهڙي طرف ڏي ٿئي تيار،
پل اڏامي، ان جو آهي اختيار.

ان جو آني ۾ ڪٿي پرواز هو،
ڪٿ سندس سر سوز ۽ آواز هو.

اي سڄڻ، هن جسم جي آني کي ڀڃ،
عرش اعليٰ تي اڏامي جلد وڃ.

مرغ آهين پاڻ کي آنو نہ ڄاڻ،
ڪر يقين ۽ پاڻ کي جلدي سڃاڻ.

بي خبر ٻڇين ته آنو تي رهين،
مرغ ٻڇين جي خبر پنهنجي لهين.

مرغ آهين تون جڏهن لاهوت جو،
تو اچي هت آشيانو ڪيئن ڪيو؟

عرش اعليٰ جي مٿان پرواز ڪر،
آشياني ۾ وڃي آواز ڪر.

ڇو وسارين تو بلندي جو مڪان،
ڪيئن وٺيو توکي هي پستي جو مڪان.

هڪ جڳهه جنهن کي همالہ تا چون،
جت پڇڻ انسان جو آهي ڪٺن.

ات هميشه برف ايڏي تي وسي،
جو نٿو ان جاءِ تي هرڪو رسي.

جو هجي طالب اهو بيشڪ وڃي،
اگ ۾ ليڪن ڪوٺ هستي جو پڃي.

پنهنجي هستي جا ڪدي ڏاڳا ڇڏي،
عشق جي آئين تي پختو رهي.

پاڻ تئي دنيا ۾ اهڙو پاڪباز،
ٻن جهانن کان رهي جيئن بي نياز.

هڪ تکو گهڙو ڪدي ٻڇي سوار،
تيو همالہ جي طرف طالب تيار.

راڻ هيٺان پنهنجي گهوڙي کي رکي،
ويو گهڙيءَ ۾ برف جي پاسي وڏي.

برف جي دريا ۾ آيو سربسر،
برف ڏاران ڪين ڪجهه آيس نظر.

جسم ٻاري جان جاني سان گڏي،
ويو ٻري گهوڙي سميت ان جاءِ تي.

فضل ڪر بندي مٿان، بنده نواز،
پنهنجي پيارن جي طفيل، اي ڪارساز.

عاشقن جي صف ۾ شامل رک سدا،
ماسويٰ کان بي نيازي ڪر عطا.

اي سڄڻ، هي راهه آهي پر خطر،
پير ۽ سر کان سوا ٿيندو سفر.

هٿ اچي ۽ جسم کي فاني ڪجي،
پوءِ حاصل راز روحاني ڪجي.

ڏس سپيءَ ۾ پنهنجو گهر موتي ڪيو،
پنهنجي جوهر کي منجهس مخفي ڪيو.

پيچ سپي ۽ هٿ ۾ ڪر موتي اهو،
جلد ٻڌجي ويهه واپاري وڏو.

هي سپي موتي ڇپائي ٿي ڇڏي،
پنهنجي هٿ سان ڪر اهو پردو پري.

بي بها موتي جو ملھ آھي اتاھ،
ھٿ اچي توکي تہ بڻجين بادشاھ.

جسم تنھنجو پڻ سپي وانگر ٿيو،
توڙ ان کي فيض حاصل ڪر سگھو.

ڪيئن ملي موتي سپي توڙڻ بنا،
پاڻ کي دوئي جا پردا تو ڏنا.

ڇڏ ھي فاني جسم، ماڻي وٺ بقا،
پنھنجي ھستي کي وساري ڇڏ صفا.

ڪيئن تو ھستي ساڻ حاصل ٿئي خدا،
ڇڏ اھا ھستي تہ ھو ناھي جدا.

ڪر خدا جي راھ ۾ خود کي تباھ،
ويھ بڻجي دوجھان جو بادشاھ.

جسم جي ھرڪار کي بيڪار ڄاڻ،
عاشقن کي صرف سوليءَ تي سڃاڻ.

خاڪ جي ڪوزي ۾ پاڻي تو رھي،
ڪيئن ٿئي ظاھر نہ جي ڪوزو ڀڃي.

آب آھين پاڻ کي ڪوزو نہ ڄاڻ،
ڀڃ اھو ڪوزو حقيقت کي سڃاڻ.

جسم ڪوزو آھي، پاڻي پاڪ ذات،
ذات کي مخفي رکيو آھي صفات.

پاڻ کي ڪوزو بنائي تو ڇڏيو،
خاڪ ۾ خود کي ملائي تو ڇڏيو.

آب آهين تون نڪر خود کي نہ ڄاڻ،
آفتاب آهين، ڪڪر خود کي نہ ڄاڻ.

اگ ۾ جيڪو آب جاري تو رهي،
سو ڦري ازخود ڳڙو تي تو پوي.

جي ڳڙي کي تي لڳي ڪوسي هوا،
جهٽ ڳري ۽ آب ٿجي تو صفا.

اگ ۾ توڙي پوءِ پاڻي تو رهي،
ڪا گهڙي ساعت هو صورت تو مٽي.

اي سڄڻ، ڪر جسم فاني کي فنا،
جيئن حقيقي ذات سان ماڻين بقا.

پيچ ڪٽي هن جسم واري ڪوٽ کي،
شاه ٿجي وڃ ڇڏي هن اوٽ کي.

شيخ جامي جيئن ڏنو اسرار کي،
جهٽ ڪيائين بند هر گفتار کي.

اگ لکيائين تي ڪتابن جا ڪتاب،
پر تيس هاڻي سمورا بند باب.

هن ڪتابن سان صفا ناتو ڇنو،
ويو لڙهي پاڻي ۾ ان جو هر پنو.

شيخ کي حاصل ٿي حق جي آگهي،
هن صفا دنيا جي هر لذت ڇڏي.

پيو پٽو ان کي جڏهن الله جو،
ٿيو وڃي طالب عبيدالله جو.

ان جي ذات آهي ڪٻي توڙي سڄي،
هوئي آهي عرش تي ڇا فرش تي.

عزم سان ڏس ڪوهه ڪيئن ٿو ڪوٽجي،
اڻ ڏٺل پاڻيءَ کي ٿو ظاهر ڪجي.

اگر ۾ ڪڍجي ٿو مٽي کي سربسر،
پوءِ پاڻي ٿو اچي سڀ کي نظر.

ان طرح سان غير تي آڻي يقين،
آب حاصل ٿو ڪجي کوٽي زمين.

ڪر پري پردو مٽيءَ جو ڏس خدا،
جسم جي اولي کي لاهي پس لقا.

ڦاڙ چادر کي ۽ ٿي وڃ بي حجاب،
ابر ۾ آهي لڪل هي آفتاب.

ڇڏ انهيءَ هستيءَ، کي حاصل ڪر خدا،
پاڻ سان هر وقت واصل ڪر خدا.

پاڻ کان ڪر دور هي ڪاري بلا،
شهوت ۽ حرص و هوس واري بلا.

جلد ماري ڇڏ هي شهوت جي بلاءِ
تون متان ٿئين هن بلا ۾ مبتلا.

ڪيئن هوا ۾ ٿو هوا ڪافور ٿئي،
جسم ڪافوري ٿو جهٽ پٽ دور ٿئي.

ڪيئن هوا سان هيڪڙائي ٿو رکي،
اي سڄڻ! تون ڄاڻ هن اسرار کي.

ذات ٻڄڻ سان وڃن ٿيون سڀ صفات،
جسم ڪان آجو ڪري ٿي جڳ ۾ ذات.

مان نٿو ڪولي ٻڌايان هي بيان،
ڇو ته هت مجبور ٻڄي ٿي زبان.

مڃ نه مڃ، منهنجو سخن آهي اهو،
مان ٻڌائي ٿو ڇڏيان رستو سڌو.

دينداريءَ ۾ هيس سالن جا سال،
هو سدا تسبيح ۾ منهنجو خيال.

سر وظيفن ۾ کپائيندو رهيس،
من کي مسجد سان ملائيندو رهس.

زهد تقويٰ ۾ هيس شام و سحر،
سوزِ غم جي ڪين هئي مون کي خبر.

بندگي حق جي ڪيم سالن جا سال،
ڪين هو منهنجو رياضت ۾ مثال.

مون ڪيو تي ذڪر اثباتي مدام،
آفرين هرڪنهن ڪئي تي صبح و شام.

نيٺ ورتم پير عبدالحق جو در،
جت ڪيم نيڪي بدي کي درگذر.

بحر وحدت ۾ هٿايائين تبي،
پوءِ بخشيائين هيءَ دولت درد جي.

مون تي ايڏي عشق جي امداد ٿي،
دل جو ويرانو ويو آباد ٿي.

دينداري جو تڏو پٽجي ويو،
مذهبن سان واسطو متجي ويو.

هي مسلماني ڪٿي ۽ مان ڪٿي،
يار جو حسن آهي هر هڪ جاءِ تي.

هر طرح هستي جي سامان کي ڇڏيم،
ڪفر توڙي دين و ايمان کي ڇڏيم.

دل الٰهي عشق سان معمور ٿي،
غير جو سودا ويو ڪافور ٿي.

خاڪ جي پتلي جي هستي ٿي فنا،
عشق سان هر چيز اڏري وئي صفا.

عشق جو مهراڻ موجون ٿو هڻي،
ان جي آڏو ڪير پنهنجو سر کڻي.

موج خوني آهي بيشڪ بي پناهه،
ڪير سر ڪوڙو ڪري ٿيندو تباهه.

رت ۾ رڱجي تيز پاٽي ٿو رهي،
پنهنجي خوني وهڪرن سان ٿو وهي.

مون ڪي ان مهراڻ ۾ مرشد وڌو،
غم لٿو نيڪي، بدي ۽ جان جو.

جسم جو پاندبو توجهه سان پڳو،
هن ٿيڻ سان جو هيو سو هو ٿيو.

ڪنهن ڪي ناهي منهنجي حالت جي خبر،
ٿيا فنا اعمال منهنجا سربسر.

مون ڪي فرمايو هي منهنجي پيشوا،
پير عبدالحق حقيقي رهنما.

هن مٽيءَ جي مٽ ڪي پيرن ۾ ڪري،
هٿ ڪري وٺ جلد حق جي ذات ڪي.

خاڪ جي پتلي ڪي اڱ ۾ ڏي ڌڪو،
"مان اسان" وارو حجاب آهي وڏو.

هڪ ٿي ويندا پاڻ ۾ ذات ۽ صفات،
دور ڪر هر وهم ڪي ڪر چپ چپات.

آفتاب ۽ روشنيءَ ڪي جاڻ هڪ،
پنهنجو جلوو ٿا پسائين پاڻ هڪ.

جيڪو موجود آهي سو نابود ڪر،
جيڪو نابود آهي سو موجود ڪر.

پاڻ ماري پاڻ کي موجود ڪر،
هوڏ هستيءَ جو هجڻ نابود ڪر.

هن فنا مان جلد حاصل ڪر بقا،
وٺ مزو هن مئي جو پس پنهنجو لقا.

مهربانيون پير جون کهڙيون لکان،
جنهن ڪيا ايذا ڪرم منهنجي مٿان.

جڳ ۾ اهڙو ڪير ٻڌجي ٿو سگهي،
لامڪان تي جو رسائي ٿو چڏي.

جسم و جان و دين و دل کي هٿ ڇڏي،
خاڪبازي ڪان مٿي ڪر پاڻ کي.

لامڪان تائين وڃي پرواز ڪر،
جيئن پوي هر راز جي توکي خبر.

خاڪ جي هستي کي جلدي دور ڪر،
پاڻ پنهنجو نور سان معمور ڪر.

رک مٿي مخلوق کان پنهنجو خيال،
عرش و ڪرسيءَ کي ڪري ڇڏ پائمال.

دار تي منصور جيئن هسوار ٿي،
دم اناالحق جو هڻي نروار ٿي.

جابجا تون ئي ٿو ڏسجين سربسر،
تن بدن واري ڀيائي دور ڪر.

تون ئي تون آهين اڪين آڏو سدا،
پاڻ کي ڏس، دور ڪر دوئي صفا.

ڇاڻ صورت ڪان سواءِ پنهنجو جمال،
پاڻ جيئن حاصل ڪرين پنهنجو ڪمال.

ڇڏ وڃائي پنهنجي هستيءَ جو وبال،
رک نظر ۾ صرف پنهنجو ئي خيال.

پاڻ کي پنهنجي نظر ۾ محو ڪر،
جيئن ڏسين درگاه رب جي سربسر.

پٽ وري دل جي نگاهن جي دري،
ماڻ ويهي دوجهان جي سروري.

جسم کي گم ڪر نگاهن کي سڃاڻ،
عقل ۾ ايندي نه هن معنيٰ جي ڇاڻ.

گم ڪري ڇڏ خاڪ جي پتلي جو گوڙ،
بحر وحدت جي ۾ ان کي جلد ٻوڙ.

تنهنجي اندر جي اکين ۾ هرزمان،
نور جو هڪ بحر آهي بيڪران.

پاڻ کي هن بحر ۾ داخل ڪري،
ڪر فنا هن خاڪ واري جسم کي.

تنهنجي هستي آهي خيمو خاڪ جو،
تون انهيءَ خيمي کي ڦاڙي ڪر ڦٽو.

آهي ان خيمي جي اندر حق جي ذات،
ڏس انهيءَ کي ڪر مٽيءَ جي مٽ کي مات.

ڪر يقين ٻيو ناهي هو توکان سوا،
پاڻ کي ڄاڻي سڃاڻي پس لقا.

تون ڪڏهن اڏرين ٿو هرهڪ عرش تي،
پر ڪڏهن ڦيرا ڏئين ٿو فرش تي.

تون گداگر، بادشاهہ ۽ تون وزير،
تون ئي دربان، تون ئي ٻڌجين ٿو امير.

جو ڪجهہ آهي، تون ئي آهين جابجا،
وچ ۾ آهي ڪين ٻيو تو کان سوا.

جيئن جو پنهنجا پر هلائي ٿو خيال،
لامڪان تائين پڄائي ٿو خيال.

آهي موجان موج هردم بحر ۾،
سربسر سالڪ لڙهي ٿو لهر ۾.

زور سان هڪ موج ٻاهر ٿي ڪڍيس،
ٻي ٿڦڙ ماري تري ۾ ٿي هنيس.

هو ڪڏهن اندر ڪڏهن ٻاهر وڃي،
جهٽ لڙهي لهرين ۾ ان جو سر وڃي.

بحر سارو نور جو آڙاهه آهه،
ڪير ويندو جنهن کي پيارو ساهه آهه.

جو وڃي ويجهو وڃائي پنهنجو ساهه،
جان پنهنجيءَ کي جلائي ٿئي تباهه.

بحر- اعظم جو عجب آهي لقا،
ان کي ناهي ابتدا ۽ انتها.

بحر- اعظم آهي بيشڪ بي ڪنار،
ڪين ٿيندو ان جي موجن جو شمار.

ان جي موجن ۾ جڏهن پهتو خيال،
موج سان ٿي موج ويو منهنجو خيال.

ان خيالي موج جو آهي لقا،
جيڪا پاڻي ٿي وهي ٿي جابجا.

منهنجي اهڙي گردش احوال آهه،
حال کان ٻاهر هي منهنجو حال آهه.

هن طرح ظاهر ڪيان ٿو حال کي،
جيئن پڇاڙي جو پتو جڳ کي پوي.

ناهي ٻيو ڪجهه بحر- اعظم کان سواءِ،
موج ۾ هڪ موج آئي ٿي صفا.

بحر جي موجن جي طغياني ڏنم،
موج ٻڻجي خود پريشاني ڏنم.

هت مزو ۽ معرفت آهن مدام،
جسم جو ۽ جان جو ناهي مقام.

ڪير آهي معرفت جي عيش سان،
ڪنهن کي طاقت ناهي جو کولي زبان.

هر گهڙي حيرت ۾ حيران ٿو رهان،
لامڪان جو مرغ ٻٽجي ٿو اڏان.

خاڪ جي پيڙي منجهان نڪتس مگر،
مان انهيءَ حيرت ۾ آهيان سربسر.

مون اشارن ۾ گهڻو ظاهر ڪيو،
پر نه سيڪو راز ڪي سمجهي سگهيو.

مون کي مرشد راهه ڏيکاري ڇڏي،
دل وئي سيني خيالن تان ڪڇي.

منهنجو مرشد ٿو درازن ۾ رهي،
پير عبدالحق هدايت ٿو ڪري.

هي "خدائي دم غلامي جو پري،
ان جي در جي خاڪ سرمو ٿو ڪري.

ڇو نه چشمن سان پهاريان بارگاهه،
مان سندس خادم، هو منهنجو بادشاهه.

پنهنجي هادي جي حڪايت ڇا ڪيان،
ٿي نه سگهندو ان جي وصفن جو بيان.

وڻ قلم ۽ بحر مس بڻجي پون،
پير منهنجي جي صفت پوري نہ ڪن.

ختم ٿي ويو خير سان نامہ گذار،
درد وارن لاءِ ٿيندو دلنواز.

هت قلم جو سر صفا ڪٽجي ويو،
جو لکڻ ۾ آيو سو لکجي ويو.

عشقنامو

عشق مان آدم خدا پيدا ڪيو،
ان کي مخلوقات ۾ اعليٰ ڪيو.

پنهنجي مخفي راز جون رمزون رکي،
ان ۾ سونپيائين امانت عشق جي.

گهر وٺي دنيا ۾ هو آباد ٿيو،
انت ۾ بي انت آيو، شاد ٿيو.

سچ سراسر آهي جيڪي ٿو چوان،
ڳجهه ڳجهاندر ڳالهه ظاهر ٿو ڪيان.

آدمي ناهي اهو الله آهي،
جابجا موجود شاهنشاهه آهه.

پاڻ خلقي سڀ جو مظهر پاڻ ٿيو،
دور دوئي کي ڪري ڏس، ناهي ٻيو.

جوڙ جوڙي پاڻ هر شئي ٿيو خدا،
ان کي ٻيو ڄاڻڻ خطا آهي خطا.

پاڻ خالق پوش انساني ڍڪي،
آدمي جي نام سان آيو هتي.

گودڙي ۾ لعل آيو هٿ لڪي،
جوش ڪائي مئي صراحي ۾ پئي.

جو ڪجهه آهي سو اهو آهي هتي،
ظاهر ۽ باطن ٻيو ناهي هتي.

دوجهان جي مِير يعني مصطفيٰ،
سربسر اسرار جنهن ظاهر ڪيا.

سو محمد ۽ احد هڪ جاڻ پڪ،
هڪ ٿيا سي هڪ ٿيا، آڻج نه شڪ.

جنهن ڪيا اسرار ظاهر بيشمار،
جنهن "انا احمد" چيو ٿي بار بار.

سو محمد ۽ علي ٻئي هڪ ٿيا،
شڪ نه آڻج هن عقيدي ۾ صفا.

"عشقنامو" نام ٿيو هن نظم جو،
هن قلم کي حڪم رحماني ٿيو.

چند بيتن ۾ ٿيو پورو ڪلام،
تنهنجي ڪاغذ کي پڙهن جيئن خاص عام.

منهنجي هٿ ۾ اوچتو آيو قلم،
جنهن لکي ڪاغذ مٿان روداد غم.

دل ۾ دريا ٿيو روان اهڙيءَ طرح،
موج ۾ موجون اچن جهڙيءَ طرح.

ٻڌ ذرا منھنجي زباني ھي بيان،
عشق جي رمزن کي ظاھر ٿو ڪيان.

تاج شاھي عشق جو سر تي رکي،
آدمي عالم کي بخشي روشني.

بيت ۾ گفتا نہ آھن مون وٽان،
ھي ڳجھيون ڳالھيون ڀلا آيون ڪٿان؟

ھن حقيقت سخت عبرت ۾ وڌو،
مون کي عبرت بعد حيرت ۾ وڌو.

ايترا ظاھر ڪيا اسرار ڪنھن،
ھي سيئي نڪتا ڪيا نروار ڪنھن؟

مون کي سمجھايو ھي منھنجي پيشوا،
پير عبدالحق حقيقي رھنما.

حق جو گھر آدم جو گھر ٿيو بيگمان،
ان جي ذاتِ پاڪ جو آھي بيان.

تون نہ آھين، آھي ھو ڇڏ ھاءِ ھاءِ،
بحرِ وحدت ۾ اھا ھستي وڃاءِ.

دل ۾ حق جي ھيڪڙائي ٿي رھي،
ٻن ڇپن ۾ پر ٻيائي ٿي رھي.

معرفت ۾ آھي ھر ڪنھن کي بقا،
جو نٿو سمجھين، اھو آھي خدا.

پنهنجي ٻولي پاڻ تو ٻولي ٻڌي،
پاڻ دلبر تو ڏسي ۽ وائسي.

ان جو گفتو آهي هي منهنجو بيان،
ان جي رمزن کي ئي ظاهر تو ڪيان.

ڄاڻ ڳُجهه الله جو انسان کي،
جنهن ڪيو ظاهر خدا جي شان کي.

پاڻ سڀ ڪنهن کي سڃاڻي تو ڪڏهن،
ڪين ڪنهن شيءِ کي ٻه ڄاڻي تو ڪڏهن.

ڇا ٻڌيو ان جو مقدر، يار ڏس،
ظلم توڙي جهل ان جي ڪار ڏس.

ظلم معنيٰ نفس پنهنجي کي ڪهڻ،
جهل معنيٰ پاڻ کان پاسي رهڻ.

هڪ "الستي عهد"، ٻيو "قالو بليٰ"،
عشق ڌاران ٻول ٻيا ڪنهن جا هيا.

عشق جيئن نروار هي نڪتا ڪيا،
عشق وارا پنهنجي هستيءَ کان هٽيا.

آدمي واقف ٿيو هر رمز کان،
حڪم جو بندو ٿي بيٺو بي گمان.

ان کي حق بخشيو نيارو ذوق شوق،
جنهن کي ڇنجي عشق وارو ذوق شوق.

لامڪان جو راز انسان ۾ ر
آگ لاتائين انهيءَ کي عشق جي

آدمي آهي برابر نور پاڪ،
بيخبر ٻڌجي متان سجهيس خاڪ.

عرش وارن جو نشان آدم ٿيو،
ان منجهان پيدا سڄو عالم ٿيو.

ان منجهان پيدا اُهي آثار ٿيا،
ان منجهان ظاهر سيئي اسرار ٿيا.

آدمي ڪونين ۾ ممتاز آهه،
لامڪان جي ملڪ جو شهباز آهه.

آهي هرهڪ رمز جو هو رازدان،
سيڪو واقف ناهي ان جي راز کان

ملڪ جو مالڪ اهو معبود آهه،
جمله عالم جو بشر مقصود آهه.

آدمي ۾ عشق جو غوغا ٿيو،
راز مولا جو منجهس پيدا ٿيو.

عاشقن کي عشق حيراني ڏني،
پاڪبازن کي پريشاني ڏني.

عشق مستيءَ جو ڪٿي نعرو هنيو،
زير- آتش هر دوعالم کي ڪيو.

مسجد و مندر ڪيا ويران عشق،
مفتي و قاضي ڪيا حيران عشق.

عشق آيو عقل پاڇوڪڙ پيڇو،
امر انجي سان ادب راهي ٿيو.

آسمان تان عشق ڊوڙايو بشر،
هت مٿيءَ جي ملڪ تي آيو بشر.

جيئن اڏامي عشق جو گهوڙو هليو،
آسمان سان نعل ان جو تي لڳو.

چو طرف ان نعل جو چمڪو ٿيو،
ان منجهان خورشيد روشن تي ويو.

آسمان کي عشق گردش ۾ وڌو،
ان پنيان سج چنڊ کي چڪر ٿيو.

لامڪان ڪان عشق جي شهباز جو،
عرش اعليٰ جي مٿان پرواز ٿيو.

عرش اعظم جي اچي عظمت ڏني،
حق جي ڪرسيءَ جي وڏي وسعت ڏني.

آسمان واري بلندي کي ڏسي،
پاڻ جنّت ڏي وري آيو وڏي.

جا گهڙي جنّت ۾ هو، نعمت هيس،
هن مٿيءَ جي ملڪ تي محنت مليس.

هن جڳهه تان هن جڳهه تي جيئن پڳو،
بس سراسر رنج و محنت ۾ رهيو.

هت اچي جوڙيائين محبت جو مڪان،
خاڪ جو پتلو پريائين درد سان.

آهي محنت ۽ محبت جو خيال،
موج ۽ دريا جي صورت جي مثال.

عشق ۾ مجنون سوين سلطان ٿيا،
هن جهان ۾ هر طرح حيران ٿيا.

عالم و قاضي سوين حيران ٿيا،
مفتي و ملاّ سوين مستان ٿيا.

عشق جي سلطان جو خيمو لڳو،
جو به آيو سو اچي قابو ٿيو.

عقل کي هڪدم هٽائي ٿو ڇڏي،
دين و ايمان کان ڇڏائي ٿو ڇڏي.

ناهي طاقت عقل کي هن جاءِ تي،
عشق جو شهباز اڏري ٿو مٿي.

عشق آڏو عقل عاجز ٿو رهي،
عقل کي ٿو هڪ اشاري سان ڪهي.

عقل شاهہ عشق جو دربان آهہ،
هي سپاهي آهي، هو سلطان آهہ.

عشق کان مخفي نہ آهي ڪوئي راز،
پڻ جهانن ۾ هو آهي شاهباز.

عشق آهي ذات حق جي سربسر،
ان جو صورت کان سواءِ ديدار ڪر.

ڇو نہ ٿيندو عشق جو عالي مقام،
عشق آهي پڻ جهانن جو امام.

جو ڪجهہ آهي، عشق آهي جابجا،
دور ڪر سڀ وهم وارا وسوسا.

عشق ڏاران جڳ ۾ ٻي ڪا راه ناه،
عشق آهي شاه پيو ڪو شاه ناه.

عشق هرڪنهن جي مٿان غالب ٿيو،
معرفت وارو سندس طالب ٿيو.

جنهن اچي هن عشق جو درشن ڪيو،
دين ۽ اسلام کان ٻاهر ٿيو.

جسم کي ۽ جان کي فاني ڪري،
عشق آٿي ٿو بقا جي ملڪ تي.

عشق آهي ذات، مولا ٿو ڏئي،
ناهي اهڙي چيز جا لکجي سگهي.

عشق جو درياه آهي بي ڪنار،
موج تي موج آهي جنهن ۾ بي شمار.

عشق ازخود هر گواهي تـو ڏئي،
هڪ گدا کي بادشاهي تـو ڏئي.

عشق جي آتش تـي ساڙي سربسر،
جسم، توڙي جان، دل، توڙي جگر.

عشق واري باه پـڙڪا تـي ڪري،
دل پتنگن جيئن انهيءَ ۾ تـي پچي.

عقل چئي تـو پڙهه وظيفا روز شب،
عشق چئي تـو ڇڏ خساري جو سبب.

عقل چئي تـو طاعت ۽ تقويٰ ڪجي،
عشق چئي تـو پاڻ کي رسوا ڪجي.

عقل چئي تـو هر وظيفو ياد ڪر،
عشق چئي تـو درد کي آباد ڪر.

عقل چئي تـو ڪر سدا عجز ۽ نياز،
عشق چئي تـو رهه هميشه بي نياز.

عقل چئي تـو ڇڏ نہ روزو ۽ نماز،
عشق چئي تـو ڄاڻ هرهڪ رمز راز.

عقل چئي تـو پاءِ پيريءَ جو لباس،
عشق چئي تو هي وڪڻ ڪنهن ۾ نہ قاس.

عقل چئي تـو تون زريءَ جو پوش پاءِ،
عشق چئي تـو پاڻ تي واري وساءِ.

عقل چئي تو هر ملامت دور ڪر،
عشق چئي تو ڪفر کي مشهور ڪر.

عقل چئي تو ڪر ڪتابن سان رهاڻ،
عشق چئي تو رک ربابن سان رهاڻ.

عقل چئي تو ڇڏ نہ پنهنجو ننگ و نامر،
عشق چئي تو لاهہ هي ڦاسڻ جو دامر.

عقل چئي تو ڪين لاهي ڇڏ نقاب،
عشق چئي تو رهہ هميشه بي حجاب.

عقل چئي تو زهد سان تسبيح پڙهہ،
عشق چئي تو جلد ڪر سوليءَ تي چڙهہ.

عقل چئي تو رهہ برائيءَ کان بري،
عشق چئي تو ڇڏ گڏي نيڪي بدي.

عقل چئي تو عيش جو خانو بڻاءِ،
عشق چئي تو گهر کي ويرانو بناءِ.

عقل چئي تو پارسا بڻجڻ کپي،
عشق چئي تو بينوا بڻجڻ کپي.

عقل چئي تو عابد ۽ زاهد تجي،
عشق چئي تو دور ڪر هن وهمر کي.

عقل چئي تو علمر جي تحصيل ڪر،
عشق چئي تو محو ٿي وڃ سربسر.

عقل چئي تـو قاضي و ملاَ ٿجي،
عشق چئي تو "لا" منجهان "الا" ڪجي.

عقل چئي تو ماٺ سان ڪر ڪار ڪم،
عشق چئي تو مار "سبحاني" جو دم.

عقل چئي تو رهه هميشه تون خموش،
عشق چئي تو جوش مان ڪر مئي کي نوش.

عقل چئي تو پاڻ کي موجود ڄاڻ،
عشق چئي تو جڳ سڄو نابود ڄاڻ.

عقل چئي تو هوش ۽ هستي ۾ اچ،
عشق چئي تو موج ۽ مستي ۾ اچ.

عقل چئي تو عالمن جو ڪر لباس،
عشق چئي تو پي شراب ۽ رک شناس.

عقل چئي تو ذڪر ڪر تسبيح ٺاهه،
عشق چئي تو جلد ڪر جٺئي کي لاهه.

عقل چئي تو تون جماعت سان رهاءِ،
عشق چئي تو درد کي رهبر بڻاءِ.

عقل چئي تو هار ۽ سينگار ڪر،
عشق چئي تو حال کي هموار ڪر.

عقل چئي تو جابجا مشهور ٿي،
عشق چئي تو جڳ سڄي کان دور ٿي.

عقل چئي تـو پاڻ وٽ ميڙو مچاءِ،
عشق چئي تـو پاڻ کي سڀ کان بچاءِ.

عقل چئي تـو ٻڄي وچ ماڻهن جو پير،
عشق چئي تـو رهـ محبت ۾ اسير

عقل چئي تـو ويـهـ مسجد ۾ مدام
عشق چئي تـو مئڪدي جو ڪر سلام.

عقل چئي تو ڪر طهارت هر گهڙي،
عشق چئي تـو جسم کان آزاد ٿـي.

عقل چئي تو ڪر سوال ۽ ڏي جواب،
عشق چئي تـو سڀ جي اڏو ٿـي خراب.

عقل چئي تو نيڪ پنهنجو نام ڪر،
عشق چئي تـو پاڻ کي بدنام ڪر.

عقل چئي تو هوش رک، هشيار ٿـيءُ،
عشق چئي تـو مست و عاشق، يار، ٿـيءُ.

عقل چئي تـو دين کان آگاهه ٿـيءُ،
عشق چئي تـو فقر جو همراهه ٿـيءُ.

عقل چئي تـو پاڻ کي مرشد ٻڌاءِ،
عشق چئي تـو وهم اهڙي کي وڃاءِ.

عشق بيشڪ هر طرح هشيار آهه،
عشق پنهنجي پاڻ کان بيزار آهه.

عشق رب جا راز پيدا ٿو ڪري،
عاشقن کي پاڻ شيدا ٿو ڪري.

عاشقن کي عشق حيران ٿو ڪري،
سالڪن کي پڻ پريشان ٿو ڪري.

عشق هر راحت وڃائي ٿو ڇڏي،
نيڪنامي کي جلائي ٿو ڇڏي.

عشق جي نعرن جي آهي ڌم ڌڙي،
"لي مع الله" ۽ "اناالحق" هر گهڙي.

عشق جيئن ماري ٿو "سبحاني" جو دم،
جڳ ۾ هي غوغا ٿو پڌجي دم بدم.

عشق واري ٿو ڇڏي هرهڪ ڪتاب،
هر دوڪانداري ڪري ٿو هو خراب.

عشق جڳ ۾ آهي بانڪو بادشاه،
هڪ ٿو سمجهي هر مڙهي چا خانقاه.

عقل ۾ آهي ٻيائي جو اڪر،
عشق ۾ توحيد آهي سربسر.

عقل ۾ آهي هميشه افتخار،
عشق ۾ آهي سراسر انڪسار.

عقل کي آهي ڪمينن جو سلام،
عشق جو آهي سدا عالي مقام.

دم "اناالحق" جو لڳي ٿو عشق ۾،
ڪوٺ هستيءَ جو ڀڄي ٿو عشق ۾.

عشق جي دريا ۾ موجان موج آهه،
لامڪان تائين انهيءَ جو اوج آهه.

عشق جي چوغي ۾ "هو حق" جي پڪار،
عشق ۾ "مان مان" جي وائي کي وسار.

"لوڪشف" جو راز ظاهر ٿو ڪري،
عشق ٿو "بي ميم" احمد کي سڏي.

ڪاميابي عشق جو دستور آهه،
پر ملامت ۾ سدا مشهور آهه.

عشق هرهڪ علم ظاهر ٿو ڪري،
گفتگو جا رنگ ان ۾ ٿو ڀري.

جان کي جوهر اچن ٿا عشق سان،
ٿي سچا اندا پون ٿا عشق سان.

عقل دنيا جي پٺيان آهي تباهه،
عشق آهي دوجهان جو بادشاهه.

عقل آهي خودپرستيءَ جو مقام،
عشق آهي موج مستي جو مقام.

عقل دائم آهي دنيا جو غلام،
عشق جو دنيا ۽ عقبيٰ کي سلام.

عقل هرجا گھر ٻڌائيندو رهي،
عشق ويرانا وسائيندو رهي.

عقل جي آڏو رهن ٿيون صورتون،
عشق ميٽي ٿو ڇڏي سڀ مورتون.

عقل جي آڏو رهن ٿا سئو نقاب،
عشق لاهي ٿو ڇڏي هرهڪ حجاب.

عقل سجدن ۾ ٿو سمجهي پنهنجو سود،
عشق هر شئي جو وڃائي ٿو وجود.

عقل چاهي ٿو ته رکجي سر بلند،
بي نيازي عشق کي آهي پسند.

عقل جي ناهي سدا قيل و مقال،
عشق آڻي ٿو صفا احوال حال.

عقل آهي بس ٻيائي سان ٻڌل،
عشق آهي هيڪڙائي سان ٻڌل.

عقل اٽڪيل ٿو رهي تقليد ۾،
عشق هردم ٿو رهي توحيد ۾.

عقل ڏيکاري ٿو جسماني جمال،
جان و تن تي عشق آڻي ٿو زوال.

عقل سان دنيا جو درشن ٿو ڪجي،
عشق سان پسجي ٿو حق جي ذات کي.

ڏينهن جمعي جي ڪيم پورو ڪلام،
"عشقنامو" ختم ٿيو، بس والسّلام.

درد نامو

اڄ وري آيو نرالو هڪ خيال،
ٻڌ ٻڌايان تو انهيءَ جو توکي حال.

درد جي توري ذري تي بار بار،
آسمان تائين ڪرين تو تون پڪار.

حيف، اُن جي شان کي چاٽين نٿو،
درد ۽ غم جو مزو ماڻين نٿو.

درد ڏاران جڳ ۾ ڪائي راهه ناهه،
درد آهي شاهه ٻيو ڪو شاهه ناهه.

درد موليٰ سان ملائي ٿو ڇڏي،
پل ۾ پرور وٽ پڄائي ٿو ڇڏي.

سربسر آهي سعادت درد ۾،
هر طرح آهي هدايت درد ۾.

درد هر منزل مٽائي ٿو ڇڏي
دوجهان ۾ عشق لائي ٿو ڇڏي.

درد سان منجي تو شاهي جو غرور،
تخت جو ۽ تاج جو سارو غرور.

جي نٿو حاصل ڪرين تون درد کي،
آهي صد افسوس تنهنجي حال تي.

ڪشف جو توڙي ڪرامت جو ڪمال،
درد ڌارن پاڻ آٽيندو زوال.

در حقيقت درد سڀ جو يار آهه،
درد جنهن کي ناهه سو بيڪار آهه.

پير کي هيڪر ڪچهري ۾ ڏٺم،
درد ري جنهن وٽ نه ڪو گفتو ٻڌم.

عام توڙي خاص هرهڪ پر خمار،
ان جي محفل ۾ رنو تي باربار.

بيخودي جي حال ۾ مرشد اچي،
عشق جي تلوار دل مان تي ڪڍي.

جنهن کي جادو جي نظر سان ان ڏٺو،
سو صفا سرمست ديوانو ٿيو.

عشق جو خنجر نظر آئي نگاهه،
يار جو مظهر نظر آئي نگاهه.

درد مان تي آه نڪتي پير کان،
رهنمائي تي ڪيائين آه سان.

راهه ڏيکاري تي مرشد عشق جي.
عام توڙي خاص جي دل تي لتي.

صبر ۾ اچ شور چڏ اي جان نثار،
ورنه هت ايندي قيامت آشڪار.

جوش ۾ هي جان منهنجي ٿي جلي،
سوز ۽ ساڙي ۾ هي دل ٿي سڙي.

مهر مان مرشد ڏنو مون ڏي جڏهن،
درد جو ديرو لڳو دل ۾ تڏهن.

اصل ۾ جنهن تي ڪيائين ٿي نظر،
سو ڪري پٽ تي پيو ٿي سربسر.

ڏس ڏنائين غم پرايو عشق جو،
عاشقن تي آهي سايو عشق جو.

درد وارو مرد منصب دار آهه،
درد جهن کي ناهي سو مردار آهه.

درد مان هر معرفت ٿئي ٿي وصول،
مان ٿو سمجهان ان کي مولا ۽ رسول.

درد ڏئي ٿو هر خبر الله جي،
آهي ان ۾ دوجهان جي بهتري.

پاڻ اوّل توڙي آخر ٿو رهي،
پاڻ ٿو ٻولي، ٻڌي، توڙي ڏسي.

ڪنهنجي هستي ناهه مولا کان سواءِ،
آسمان توڙي زمين تي جابجا.

جيئن ڏٺم ان ڏينهن مرشد جون اکيون،
تيئن حياتي ۾ نہ هرگز مون ڏٺيون.

فيض واري ديد کي جيئن مون ڏٺو،
درد دل ۾ جان منهنجي کي لڳو.

خوفناڪ ان جي نظر مون کي لڳي،
جا زمين کان آسمان تائين پڳي.

هر طرح سان حال جو غلبو ٿيس،
منهن ڪڏهن ڳاڙهو ڪڏهن پيلو ٿيس.

جيئن ٻڌايائين ٿي کولي داستان،
درد سان ظاهر ڪيائين ٿي بيان.

هر هميشه ان جي اک آلي رهي،
ان جي مجلس مست متوالي رهي.

يار سڀ مدهوش مستي جي ڪري،
خود پرستي کان هيا هردم پري.

درد وارو جو بہ آيو ٿي اتي،
ان ڏي مرشد هٿ وڌايو ٿي اتي.

ڪيس ويهاريو ٿي سائين پاڻ سان،
پاڻ بيهي ٿي ڪيائين آجيان.

اُن جي دلجوئي ڪيائين ٿي گهڻي،
آبرو عزّت ڏنائين ٿي گهڻي.

جيڪڏهن آيو تي ات بيدرد ڪو،
پير فرمايو تي "هي گهرجي نٿو".

درد وارو پاڻ وٽ منظور آهه،
درد ري ماڻهو مٽي جو سور آهه.

درد وارو شال محفل ۾ هجي،
دل نٿي چاهي ڪڏهن بيدرد کي.

جيئن پوي ٿي ياد مون کي هي گهڙي،
موت جڻ مون تي وجي ٿو چانئجي.

جيئن ڪيانٿو ياد محفل پير جي،
جان ۽ دل کي وجي ٿو غم وٺي.

جو به آيو تي جماعت ۾ بشر،
دل ڦرايائين تي پنهنجي سربسر.

درد جون دانهون ڪري عاشق اهو،
لامڪان تائين تي لحظي ۾ پڳو.

روح ۽ راڙو هيو هيهات هئي،
ڪين ڪنهن کي ڪابه وائي وات هئي.

رڙ ڪري هر هڪ رنو تي سربسر،
جان ۽ تن جي نه هئي ڪنهن کي خبر.

جنهن مٿان تي پير ڦيرائي نظر،
سو حواسن کان رهيو تي بي خبر.

اُن جي سامهون منهن ڪرڻ جي ڇا مجال،
ڪير آڏو ٿي ڏسي ان جو جمال.

شير وانگر مست ديواني نظر،
سڀ ڪي حيرت ۾ وڌو ٿي سربسر.

دل جي درياءَ جوش ڪاڏس ٿي گهٽو،
فيض بخشيائين ٿي ماڻهن کي گهٽو.

پئي ڏهاڙي مون کي هيئن مرشد چيو،
"پاڻ ڪر تون پنهنجي هستي کي قتو.

پنهنجي هستي سان ڪندين جيڪي ثواب،
تنهنجي رستي ۾ اُهي ٿيندا حجاب.

سربسر سيني ثوابن جا حجاب،
بڻجي ويندا جان تنهنجي تي عذاب.

جو سچي دل سان نمازون ٿو پڙهي،
ڪين ان تي ڪا ملامت ٿي اچي.

بي خيالو ٿي نه پڙهه هرگز نماز،
جڏ هجڻ کي پوءِ ڪر جائز نماز.

بيخودي ۾ نيڪ پڙهجي ٿي نماز،
پر خودي ۾ غير ٿئي ٿو سازباز."

ڪير آهي جو تلاوت ٿو ڪري؟
ڪير ويهي ۽ وظيفا ٿو پڙهي؟

ڪير طاعت ۾ جهڪائي ٿو چڏي؟
ڪير آهي جو ڪنبائي ٿو چڏي؟

پنهنجي هستي کي ڪڏهن وچ ۾ نه آڻ،
پاڻ کان پاسي ٿي دلبر کي سڃاڻ.

تون ڪڏهن ناهين اهو آهي خدا،
پر ڪٿي آهي خدا توکان جدا.

”مان اسان“ سڀ ڪجھ انهي کي ڄاڻ تون،
پاڻ کي هرگز نه وچ ۾ آڻ تون.

سر جهڪائي ٿو پڙهي بعضي نماز،
ناز ۾ بعضي رهي ٿو بي نياز.

بيخودي ۾ رهه سدائين ڇڏ خودي،
لهه خبر الله جي اسرار جي.

خودبخود تسبيح ڦيرائي ٿو پاڻ،
جان پنهنجي تي جٽيو پائي ٿو پاڻ.

تلڪ پيشاني تي لائي ٿو ڪڏهن،
پنهنجو رخ رنگين بڻائي ٿو ڪڏهن.

هر وڳي ۾ ملڪ جو مالڪ سڃاڻ،
هر ذري پرزي ۾ ان جي ذات ڄاڻ.

هن يقيني راهه کان تون منهن نه موڙ،
جابجا هر شيءِ ۾ آ جاني جي جوڙ.

آهي سارو جڳ انهي مولا جي ذات،
ڄاڻ هرجا ذات ان جي جون صفات.

پنهنجي هستي ساڻ جو ڪجھ ٿو ڪرين،
ڪجھ نہ آهي راھ ڪهڙي ٿو وٺين.

جي خدا سان صرف هڪڙو دم رهين،
بيخودي ۾ پنهنجي هستي کي ڇڏين.

پاڻ ڄاڻين هٿ ڪيم پروردگار،
ايترو ئي آهي ڪافي "آشڪار"

هٿ ڪري وٺ راھ وحدت جي اها،
ڪر انهيءَ ۾ سير ڪثرت جو سدا.

ڄاڻ هڪ وحدت ۾ ڪثرت سربسر،
عشق جي منزل ۾ ڪوئي شڪ نہ ڪر.

جڳ ۾ تون ۽ تو ۾ آهي جڳ سچو،
رک پڪو پختو عقيدو هي سچو.

در حقيقت آهي سارو جڳ خيال،
وهم آهي ان جي ساري قيل قال.

اصل ۾ آهي جو پائي پير هٿ،
اندر ۽ ٻاهر سمائي ڪير هٿ.

سخت حيرت جي جڳھ آهي اها،
هن جڳھ تي پير ۽ سر گم ٿيا.

جسم توڙي جان باقي ڇا بچي،
هن جڳهه تي هي نڪو هو ٿو رهي.

هاءِ ڪير آهي خيالي هي جهان،
گفتگو ساري ڀلا آئي ڪٿان.

بحر وحدت جي اٿل ڪاڏي جڏهن،
غرق ٿيس حيرت جي موجن ۾ تڏهن.

"مان، اسان ۽ تون" ٿياسون گم صفا،
جابجا ٿيو بحر اعظم جو لقا.

غسل واري وٽ ڏسي مردي جو حال،
پنهنجي هستي جو وٺي ڇڏ تون مثال.

مان ٿيس مردو اهو آهي حيات،
هو هلائي ٿو هلان ٿو ڏينهن رات.

رهبر نامو

غور سان پڌ هي حقيقت حال جي،
ڇڏ وساري ڳالھ ٻي هر تال جي.

ڪير آهي جو هي گفتا تو ڪري،
ڪير ظاهر تو ڪري اسرار ڪي.

مان نه ٻوليان اهو ٻولي تو پاڻ،
مان نه ڳوليان اهو ڳولي تو پاڻ.

ڪير آهيان ڪير آهيان ڪير مان،
پاڻ ڇا آهيان نه سمجهي سگهان.

غرق آهيان بحر حيرت ۾ ڪڏهن،
محو آهيان عين عبرت ۾ ڪڏهن.

هي اثر عبرت ته ڇا آهيان هتي،
ڪم جي شيءِ يا ڪا ٻه شيءِ ناهيان هتي.

ظاهري زهد ۽ عبادت دور ڪر،
ڪوٽ هستيءَ جي ڪي ڇڪنا چور ڪر.

درد سان ڀرپور آهي هي ڪتاب،
صدق دل جي سان پڙهي ٿي ڪامياب

آهي نامو رهبري جو هي ڪتاب،
جو هٽائي ٿو ڇڏي سارا حجاب.

تون نه آهين جا بجا آهي اهو،
ڏس اکيون کولي ڪٻي ساڄي اهو.

هي سخن هرگز نه آهي مون وٽان،
پاڻ ٻولي ٿو اهو پڌ اي جوان.

مان خيال آهيان پڇاپان ٿو خيال،
مان ڪڏهن وڇڙيل ڪڏهن واصل بحال.

وصل آهي پاڻ کان پاسي رهڻ،
هجر آهي پنهنجي هستي ۾ هجڻ.

دور ڪر هستيءَ ته هو بڻجي پوين،
جو ٿو هستي سان ٻيائي ۾ رهين.

پاڻ پاسي ڪر خوديءَ کي باهه ڏي،
تو اڳيان هر ڳالهه روشن ٿي پوي.

پاڻ کان جي پاڻ کي غافل ڪندين،
پاڻ کان ويندين خدا حاصل ڪندين.

جيڪڏهن ڪو ڇوڏهين جي چنڊ کي،
چنڊ گرهڻ ۾ ڏسي قيدي سڏي.

سو حقيقت ۾ غلط آهي صفا،
چنڊ ناهي قيد ۾ ڄاڻي خدا.

آسمان جي برج اندر ٿو اچي،
ڪي گهڙيون پردي ۾ پنهان ٿو رهي.

برج کان ٻاهر اچي ٿو هو جڏهن،
روشني پنهنجي پسائي ٿو تڏهن.

پنهنجي حالت جي مٿان افسوس ڪر،
ناهي پنهنجي شان جي توکي خبر.

تون ڀـ آهين چنڊ جيئن روشن مگر،
توتي ڇانئيل آهي هستيءَ جو ڪڪر.

برج وانگر تنهنجي هستي تي رهي،
تنهنجي جوهر کي ڇپائي ٿي ڇڏي.

دور هستيءَ کي ڪندين جي پاڻ کان،
تنهنجي ذاتي روشني ٿيندي عيان.

مان ٻڌايان ٿو وري هڪ ٻيو مثال،
جنهن جو دل ۾ اوچتو آيو خيال.

برج تنهنجي جسم جو آهي مثال،
جسم سان تون ڪيئن ڪري سگهندين ڪمال.

ڀن گهڙين جي واسطي هي پاڪ نُور،
خاڪ جي پڃري ۾ آيو بي قصور.

خاڪ جي پڃري منجهان آزاد ٿي،
نور ساڳيو نور رهندو شاد ٿي.

درد ريءَ حاصل نہ ٿيندو مرتبو،
درد ريءَ بڻجي نہ سگھندو مرد ڪو.

درد جو طالب سچو رهہ پاڻ تون،
پاڻ کي مردن جي صف ۾ آڻ تون.

معرفت جو در کلي ٿو درد سان،
مرتبو اعليٰ ٿئي ٿو درد سان.

درد ڌاران ڪين ملندي حق جي راھ،
درد سان ٿئي ٿو گداگر بادشاھ.

ڪفر ۽ اسلام جون واٽون وسار،
درد حاصل ڪر هميشه خوش گذار.

درد رهبر ٿي ڏسي ٿو حق جي راھ،
بينوائن کي ڪري ٿو بادشاھ.

درد ان جي جو ذرو حاصل ڪري،
پڇ انهيءَ هستيءَ جي ڪاري ڪوٺ ڪي.

درد ريءَ هرگز نہ ٿيندي حاصلات،
درد آهي عاشقن سان ڏينهن رات.

درد سان پئي ٿو پتو اسرار جو،
جان ۽ دل کي ملي ٿو چا مزو.

موج ۽ مستي اچي ٿي درد سان،
جنهن جي ساري ڳالھ توسان ٿو ڪيان.

وجد واري راهہ ۾ آئي تو درد،
عبد کي درگاهہ ۾ آئي تو درد.

کي گهڙيون ٻڄون تا غم سان بي زبان،
کي گهڙيون غم سان رهون تا خوش بيان.

آهي سڀ ڪان درد جو درجو مٿي،
ڇو جو حق جي ذات ان ۾ ٿي رهي.

هن ريا واري عبادت کي ڇڏي،
مڪر جي پيري مريدي ڪر پري.

پنهنجي هستي جي حقيقت ڄاڻ تون،
چيز يا ناچيز آهين پاڻ تون.

اگ ۾ پنهنجو پاڻ اي طالب سڃاڻ،
سؤ لباسن جا پرين پهرين تو پاڻ.

آهي سڀ ڪجهہ يار تون آهين ڪٿي،
ڪجهہ بہ ناهين ڪين آهين تون هتي.

تون هجين يا هو هجي آهي خيال،
ڪين آهي هت جدائي يا وصال.

ڪجهہ نٿو ٿئي ذات حق جي ڪان سوا،
مون کي سمجهايو هي منهنجي پيشوا.

ڏس اکيون کولي تہ تون آهين ڪٿي،
جابجا هر رنگ ۾ هو ٿو وسي.

ٿوڙ دنيا جا سمورا واسطا،
دور ڪر دل جي پريشاني اها.

خاڪ جي پتلي ڪي اک ۾ تون وسار،
دم اناالحق جو انهيءَ ڪان پوءِ مار.

هي مڪان تنهنجو نہ آهي هوش ڪر،
لامڪان جا مرغ لهہ پنهنجي خبر.

دام توڙي خاڪ جي پتلي ڪي پڃ،
عرش اعليٰ تي اُڏامي جلد وڃ.

وهم جي صورت ۾ گم آهين صفا،
ڇڏ اها مورت مٿيءَ جي بيوفا.

اصل ۾ هي تنهنجي هستي آهي ڪين،
ذات ان جي آهي سڀ ڪجهہ ڪر يقين.

تنهنجي هستي نيستي وهم ۽ خيال،
ان جي هستي هر طرح آهي بحال.

تنهنجي هستي ناهي هستي ان جي آهہ،
تنهنجي مستي ناهي مستي ان جي آهہ.

پاڻ عاشق آهي ۽ معشوق پاڻ،
جان و دل چا نيڪ و بد سڀ اُن کي ڄاڻ.

هر گهڙي هن جو نرالو شان آهہ،
پاڻ پنهنجي حسن تي حيران آهہ.

پاڻ کي پنهنجو پسائي تو جمال،
حال ۾ چا قال ۾ آهي بحال.

هو ڪڏهن توبو تو بڻجي بحر ۾،
هو ڪڏهن گفتا ڪري تو شهر ۾.

هو ڪڏهن چئي تو تہ مان آهيان ڪٿي؟
ڪير آهيان مان، ڪڏهن هو تو پڇي.

"رب ارني" خود پڪاري تو ڪڏهن،
"لن تراني" خود پچاري تو ڪڏهن.

جو چوان تو سو انهيءَ جو شان آهہ،
حاضري ۾ جسم، دل، چا جان آهہ.

ڪين چائج غير جسم ۽ جان کي،
چا حوا چا آدم ۽ شيطان کي.

آدم ۽ جبرائيل ابليس ۽ حوا،
هي سمورا روپ آهن يار جا.

صرف هڪ نالي منجهان نالا ٿيا،
دور ڪر تون پاڻ کان سپ وسوسا.

هن بنا ڪنهن کي بہ ڪونهي اختيار،
هو ڪڏهن ڏک ڏئي ڪڏهن بخشي قرار.

گفتگو ساري سندس آواز چاڻ،
هي سمورا راز ان جا راز چاڻ.

هي سموري چال ان جي چال آهه،
شاعري منهنجي انهيءَ جو قال آهه.

حق بنا ڪا شيءِ نظر ايندي ڪٿي،
حق اناالحق ٿي چوي هر شيءِ هتي.

عبد جا آواز ٻولي ٿو ڪڏهن،
خود خدا ٿي راز کولي ٿو ڪڏهن.

هر گهڙي اُن جو نرالو **شان آهه**،
جان سان آهي ڪڏهن بي **جان** آهه.

اُن جي رمزن ۾ سمورا راز ڄاڻ،
هر صفت ۾ ذات اُن جي ڪي سڃاڻ.

هر عمل ۾ يار شامل ٿو رهي،
پاڻ ٻولي ٿو، ٻڌي ٿو، پاڻ ڪي.

رنگ ڇا بيرنگ ۾ آهي اهو،
هو ڪڏهن مومن ڪڏهن ڪافر ڪٿو.

جان پنهنجي تي جٽيو پائي ڪڏهن،
هر گهڙي تسبيح ڪڙڪائي ڪڏهن.

منهنجو موسيٰ پير عبدالحق ٿيو،
جنهن ڪيس انڪار هو احمق ٿيو.

مون کي ڏيکاري انهيءَ هي حق جي راهه،
آهي بيشڪ عارفن جو باشاهه.

ڪوڙ توڙي هٺ وڏائي ڪان هٽي،
ان جي مئي جي پاڪ سرڪي مون چڪي.

مون کي سمجھايون سڄڻ رمزون تمام،
هو خريدار آهي مان آهيان غلام.

هڪ ذرو آهيان انهيءَ خورشيد جو،
پاڻ جنهن بدڪار کي بهتر ڪيو.

مون کي سمجھائي ڏني مرشد جڏهن،
جوش ۾ ايڏو ته آيس مان تڏهن.

خاڪ جو بوتو وساريم خير سان،
جسم جو جامو لٿو منهنجي مٿان.

پاڻ کان هر حال ۾ تون دور ٿي،
غير ڇڏ خود ذاڪر ۽ مذڪور ٿي.

پاڻ کي ڇڏ جان کان آزاد رهه،
عين حق حاصل ڪري آباد رهه.

تون نکي مالڪ نکي آهين غلام،
ڪجھه به ناهين تون اُهو آهين مدام.

اوچتو قطرو سمايو بحر ۾،
بحر وارو دم هٽي ٿو لهر ۾.

بحر آهيان مون کي تون قطرو نه ڄاڻ،
منهنجي خاطر خوف ۽ خطرو نه ڄاڻ.

شور واري بحر اندر گم هيس،
اوچتو موجن منجهان ظاهر ٿيس.

بحر سارو مون ۾ غائب ٿي ويو،
منهنجي نظرن جي مٿان پردو پيو.

عام توڙي خاص داٽو ٿو سڏي،
ڪير ڪوٺيندو ذرو خورشيد کي.

بحر آهي ڏار قطرو ڏار آهه،
رمز کان هرڪو نه واقفڪار آهه.

هر طرح سان منهنجي هستي دور ٿي،
مون کي پنهنجي کان ملي آزادگي.

آهي سڀ اُن بحر جي هستي هتي،
مان ڪٿي آهيان؟ ڪٿي آهيان ڪٿي؟

حال ريءَ هن قال جو احوال ناهه،
هي سمورو حال آهي قال ناهه.

قال توڙي حال ساڳي ڳالهه ڄاڻ،
حق ٻنهي ۾ آهي تون ويساهه آڻ.

موج جيئن مهراڻ ۾ ڪاڏي اُٿل،
جهنگ جي پاسي ڪيائين منهن اُڇل.

ٻوڏ اندر جهنگ سارو آب ٿيو،
بعد ۾ سرسبز ۽ شاداب ٿيو.

جي نہ ڪائي ها اُتل درياھ پاڻ،
ڪيئن ڪري ها جهنگ ڏي سوڪاھ پاڻ.

اڳ ۾ ڏس منصور ڪيئن پنجاھ سال،
هر ڳلي ۾ پاڻ ڪئي تي قيل قال.

هن سليو تي راز سڀ توحيد جو،
جيئن پوي مخلوق کي ان جو پتو.

نيٺ اُن تي حال جو غلبو ٿيو،
تنهنڪري هن دم اناالحق جو هنيو.

قال بهتر آهي پر ويساھ سان،
حال ۾ اَٽي تو جيڪو راھ سان.

اصل ۾ هي قال سارو حال آھ،
مون سليو توسان سچو احوال آھ.

بد دعا توڙي دعا جي ڇڏ پچر،
حق جي رستي مان رڪاوٽ دور ڪر.

خلق ڇڪجي ٿي اچي ويساھ ۾،
روڪ بڻجي ٿي طلب جي راھ ۾.

جيئن دعا تنهنجي ٿئي ٿي مستجاب،
تيئن تڪبّر تو ڪري توکي خراب.

ڇو وڏائين تو وڏائي جو خيال،
ڇڏ خودي کي بيخودي کي ڪر بحال.

ڄاڻ تون علّت اها ابليس جي،
لعنتي جيڪو ٻٽيو خود کي ڏسي.

هي خدا جي راهه ناهي هوش ڪر،
صرف سالڪ تا رڪن اهڙي خبر.

هڪ وجود آهي گهڻا هرگز نه ڄاڻ،
دور ڪر سپ وهم وحدت کي سڃاڻ.

غير ناهي ڪوبه موسيٰ کان سواءِ،
صرف هڪڙي ذات آهي جا بجا.

اهلِ وحدت تا چون توري تڪي،
جنهن جي هستي ناهي سو آهي ڪٿي؟

جيڪي آهي سو فقط الله آهه،
هر جڳهه تي پاڻ بيپرواهه آهه.

غير سمجهي تون متان ڪائين خطا،
صرف هڪڙي ذات آهي جا بجا.

هي غلط رستو خطا جي راهه آهه،
جو به موجود آهي سو الله آهه.

جي نه اهڙي ڳالهه کي تون سمجهندين،
ڪيئن خدا جي ذات کي حاصل ڪندين؟

پاڻ ڏي ڏسبو ته ڪيئن پسبو خدا،
پاڻ کي ڇڏبو ته پوءِ ڏسبو خدا.

جنھن ۾ آھي عشق سا دل آھي دل،
عشق جنھن ۾ ناھي سا دل آھي گل.

جنھن کي دل ۾ دلربا جو درد ناھ،
تنھن کي دل کانھي اھو خود مرد ناھ.

درد سان جيڪا بہ دل آباد آھ،
پڻ جھانن ۾ اھا دل شاد آھ.

جنھن بہ دل ۾ درد جا ڏيرا لڳا،
دين و دنيا کان مٿي آھي اُھا.

عشق واري راھ کان پاسو نہ ڪر،
جيئن ٿئين دارين ۾ تون بھره ور.

عشق جي قيدي ٻڌائي ٿو ڇڏي،
شان شاھن سان ملائي ٿو ڇڏي.

درد واري دل ھميشھ شاد آھ،
ڇو جو دنيا کان صفا آزاد آھ.

جنھن بہ دل ۾ عشق پنھنجو گھر ڪيو،
تنھن وڃايو وسوسو ھر ڳالھ جو.

دل بہ ھڪ آھي تہ ھڪ آھي خدا،
عشق پڻ ھڪ آھي بيشڪ جابجا.

جنھن جي دل ۾ عشق پنھنجو گھر ڪيو،
سو سدا ثابت قدم محڪم ٿيو.

ٻن جهانن ۾ خدا جي راز ڪي،
دل جي آڏو عشق ظاهر تو ڪري.

پاڻ پرواني جي پر ڪر اختيار،
حسن واري شمع تان تي وڃ نثار.

عشق ڏاران دل ڪي ويران ڄاڻجي،
خاڪ ۽ پاڻيءَ جو سامان ڄاڻجي.

عشق ريءَ اي دل سهين تي تون عذاب،
بي سبب ٻڌجين تي بيگاني خراب.

عشق جي تاثير سان آباد تي،
وڻ حياتي، موت کان آزاد تي.

دل مئل آهي، جي ان ۾ ناهي درد،
عشق وارن جو رهي تو رنگ زرد.

درد ڏئي تو دل کي پنهنجي روشني،
ان جي گلشن ۾ رهي تي تازگي.

دل هميشه عشق سان آهي حيات،
عشق آهي سربسز موليٰ جي ذات.

جنهن به دل ۾ عشق جي غم گهر ڪيو،
آهي ان ۾ خاص گهر الله جو.

جنهن به دل ۾ ناهي ديرو درد جو،
سا سڙي دل آهي بتخانو وڏو.

جنهن تتل دل جا گهڻا ٽڪرا ٿيا،
تنهنجي خيمي ۾ گهلي حق جي هوا.

هر تتل شيءِ آهي بيڪار ۽ خراب،
پر تتل دل سان نہ آهي هي حساب.

هٿ تتل دل کي وٺن ٿا چاهه سان،
هٿ قتيل دل سانديجي ٿي ساهه سان.

جو وني ٿو دل اها سو يار آهه،
هردو عالم ۾ سندس ديدار آهه.

جو الاهي عشق سان مخمور ٿيو،
ڪوٺ توڙي واڏ ڪان سو دور ٿيو.

اوچتو ان ڪان ڇتي وئي قيل قال،
حال جو غلبو ٿيو ان تي بحال.

عشق جي هستي سندس هستي لٽي،
بيخودي ۾ پاڻ ڪان هو ويو ڇٽي.

ڪي گهڙيون ٻڌجي وڃي ٿو بيزبان،
ڪي گهڙيون ازخود رهي ٿو خوش بيان.

عاجزي ۾ پاڻ کي آڻي ڪڏهن،
بينيازي جا مزا ماڻي ڪڏهن.

درد مان دانهون ڪري ٿو هو ڪڏهن،
چپ رهي ٿو فڪر ۾ قابو ڪڏهن.

پاڻ بعضي آهه زاري تو ڪري،
مُرڪندي بعضي بهاري تو ڪري.

ڪا گهڙي نازڪ نچي تو ناز سان،
ڪا گهڙي ويهي رهي تو راز سان.

هو ڪڏهن ننگو ڪڏهن پائي لباس،
ڪنهن ڪي ناهي ان جي رمزن جي شناس.

هو ڪڏهن بازار ۾ جلوا ڪري،
هو ڪڏهن توحيد جون رمزون ڏسي.

هو ڪڏهن ويراڳ جي محفل ڪري،
هو ڪڏهن سپ سان ڪڏهن سپ کان پري.

پاڻ صدقي تو ڪري جامو ڪڏهن،
خود هٽي تو دم اناالحق جو ڪڏهن.

هو ڪڏهن عبرت ڪڏهن حيرت ۾ آهه،
هو ڪڏهن الفت ڪڏهن عزّت ۾ آهه.

هر طرح هر حال ۾ هادي سچو،
هيئن ڪڏهن ۽ هوئن ڪڏهن آهي اهو.

هي "خدائي" تيو غلامن جو غلام،
صبر سان ويهي چوي تو هي ڪلام.

پنهنجي هستي کي پري ڪر پاڻ کان،
خود بخود هرگز نہ ڪر ظاهر بيان.

پاڻ جاري ٿو ڪري هر گفتگو،
هر جڳهه تي يار آهي روبرو.

جيڪڏهن تون چاڙيندين پنهنجو وجود،
جهٽ خدا سان گڏ، وساريندين سجود.

نفي ۽ اثبات سان آهي وجود،
حق جي سجدو ٿيو ته پوءِ ناهي وجود.

هر طرح هر حال ۾ سالڪ سچو،
ڪنهن ڪي موليٰ ڪان سواءِ چاهي نٿو.

جنهن کي موليٰ جي طلب هوندي مدام،
سو نه ڳوليندو شرارت جو مقام.

عام خاطر اسم سان گڏ جسم آهه،
خاص خاطر جسم ڪونهي اسم آهه.

جسم تن جو گم رهيو چاڻي خدا،
عشق بچيو باقي سڀ ڪجهه ٿيو فنا.

گل منجهان تن گل حقيقي هٿ ڪيا،
خاڪ جو بوتو ڇڏي روشن ٿيا.

ڪول دل واريون اکيون دلدار ڏس،
هر طرح هر رنگ ۾ هڪ يار ڏس.

تو وڄايو آهي پنهنجي جاڻ کي،
غير ڪونين ٿو تڏهن تون پاڻ کي.

جابجا جلوه نما الله آهہ،
ظاهر ۽ باطن خدا همراهہ آهہ.

تنهنجي تيڏي اک ڏسي ٿي عام رنگ،
اسپ، اٺ، هاٿي جو ظاهر آهي زنگ.

اگ ۾ رک علم اليقين سان واسطو،
پوءِ اچ عين اليقين ڏي تون سگهو.

تون جڏهن حق اليقين حاصل ڪندين،
ڪاميابي سان مٿي منزل ڪندين.

جابجا توکي اچي جو ڪجهہ نظر،
آهي سو الله تون ويساهہ ڪر.

حق بنا ڪنهن ڏي نہ ڏس ڪجهہ هوش ڪر،
رک مٿي ڪونين کان پنهنجي نظر.

حق بنا ڪا شيءِ نہ ڏس ڪر اعتبار،
جابجا آهي اهوئي آشڪار.

جو ڪندو انڪار سو ٿيندو خراب،
باهہ دوزخ جي ۾ کائيندو عذاب.

"مان اسان" جي قيد ۾ جيڪو پيو،
باهہ دوزخ جي ۾ سو داخل ٿيو.

هن حقيقت کان نہ جو واقف ٿيو،
ڪين ٿيندو ان جو اعليٰ مرتبو.

راهہ موليٰ جي سڌي ڏس اک پٽي،
مک ٻہ ٿيندي مٽ ڪڏهن شهباز جي.

ڇڏ ڪٿي اي دل عبث گفتار کي،
هٿ ڪري وٺ يار جي اسرار کي.

دور ڪر اي دل صفا نيڪي بدي،
حق جي طرفان هٿ ڪري وٺ رهبري.

هر طرح حرص ۽ هوس کي دور ڪر،
بدنظر ڪنهن تي نہ وجهہ اي بيخبر!

ڪر ڦٽا اي دل سيئي وهم ۽ گمان،
توکي جيئن حاصل ٿئي حق جو نشان.

جيستائين پاڻ کان ٿيندين نہ ڌار،
تيستائين ڪين ملندو توکي يار.

جي ڇڏيندين پنهنجي هستي جي پچر،
جابجا توکي سڄڻ ايندو نظر.

عاجزي ڌاران نہ آهي ڪا ڳلي،
عاجزي سان ئي ٿهي ٿي بندگي.

حق جي رستي ۾ کپي ٿي عاجزي،
جنهن بنا آهي صفا بيهودگي.

بيڪس ۽ مسڪين عاجز ٿي گذار،
هي سچو گفتو ٻڌي ڪر اعتبار.

ڪر غريبي بيڪسي کي اختيار،
پنهنجي موليٰ ساڻ ويجهو ٿي گذار.

هوڏ هستي ۽ حسد جي ڇڏ پچر،
پيءُ ڇڪو وحدت جي مئي جو جلد ڪر.

جو جڳائي توکي، سو ڪم ڪار ڪر،
رک الستي عهد پنهنجي تي نظر.

انڪساري ڪر خودي کان رهه پري،
حق جي رستي ۾ قتو ڪر پاڻ کي.

عمر پنهنجي انڪساري سان گذار،
بندگي سان زندگي پنهنجي سنوار.

زندگي ڇا جنهن ۾ اُن جي درد ناهه،
درد ريءَ دارين ۾ ڪو مرد ناهه.

درد حق جي کان سواءِ ڇا زندگي،
آهي اهڙي زندگي شرمندگي.

پاڻ پائڻ سان ڦري ويندئي خيال،
ٻڻجي ويندين ڪافر ۽ مرتد مثال.

پر جي ايندين بيخودي جي راهه ۾،
پهچندين الله جي درگاهه ۾.

جو يگانو ٿي ڪندو حق جي طلب،
درد جون دانهون ڪندو سو روز شب.

خود بخود حق پاڪ ٿيو توحيد ۾،
چست ۽ چالاڪ ٿيو تجريد ۾.

واقفي جنهن جي رهي توحيد ۾،
سو پڳو تجريد مان تفريد ۾.

مرد ٻڌجي پاڻ جيڪي ٿيا فنا،
تن مٿي محبوب جو ماٿيو لقا.

مرد آهين تون ته ٻڌجي رهه نه زال،
پاڻ کان پاسي رهي ٿي بيمثال.

مان نه آهيان، مان نه آهيان بيگمان،
جو ڪجهه آهيان ڪجهه به ناهيان ڪير مان؟

هر طرح سان يار جو ديدار آهه،
خالق ۽ مخلوق سڀ ڪجهه يار آهه.

خالق ۽ مخلوق هڪڙي ڳالهه ڄاڻ،
ناهي تن جي وچ ۾ ڪو ٻيو شڪ نه آڻ.

فرق ناهي وار جي هڪ تار جو،
هر طرح بندو خدا سان هڪ ٿيو.

وِٽ خدائي ۽ سچو وارو مثال،
آهي ساڳي شيءِ وڇوڙو ۽ وصال.

ذڪر ڪر اي يار ذاتي ذڪر ڪر،
ذڪر سان هر وقت ويهي فڪر ڪر.

نيڻ ذڪر ۽ فڪر ويندا بند ٿي،
دل وظيفن تان صفا ويندي کڄي.

پاڻ هر شيءِ تان هٽي ويندو خيال،
حال رهندو ڪين رهندي قيل قال.

واردات آهي عجب هن حال جي،
هوش بعضي آهي بعضي بيخودي.

منزلون ماري ڇڏي ٿو هي خيال،
خاڪ ۽ پاڻي تي آٿي ٿو زوال.

سڀ اُٿڻ ويهڻ رهي ٿو يار سان،
دور ڪرڻو آهي پردو پاڻ کان.

رهه بقا ۾ يار پنهنجي سان سدا،
پر فنا ۾ پڻ نه ٿي ان کان جدا.

نفس سان جيڪو ڪندين نيڪي جو ڪم،
ليکبو بيجا، ڪڏو تنهنجو سو ڪم.

يار سان گڏجي ڪندين جو ڪم ڪڏو،
ڪم چڱائي جو اهوئي ليکبو.

نيڪ بد کي پنهنجي طرفان تون نه ڄاڻ،
حق جي طرفان ئي ڀنهي کي سمجھ پاڻ.

ڄاڻ هر نيڪي بدي الله کان،
سڀ ڪي ٿئي ٿو صرف ان جي حڪم سان.

ڄاڻ حق سان هر ڪني ڪم ڪي چڱو،
حق بنا ٿئي ٿو چڱو ڪم پڻ ڪنو.

راز مخفي يار جو ظاهر ڪيم،
پنهنجي طرفان ڪين ڪجھ هرگز چيم.

ٻڌ سخن ۾ راز ڪي کولي ٿو پاڻ،
هي خدائي ناهي خود ٻولي ٿو پاڻ.

جي پڇين مون کان تہ تون قدري نہ ٿي،
راھ موليٰ جي ۾ تون جبري نہ ٿي.

پنهنجي مختاري ۾ قدري آهي خوار،
پاڻ تي جبري کي ناهي اختيار.

پاڻ تي قدري رکي ٿو اعتماد،
آهي جبري کي خدا ۾ اعتقاد.

محو مختياري ۾ قدري ٿو رهي،
پاڻ کان بيزار جبري ٿو رهي.

ڪيئن هوا سان ڪک اڏامي ٿو سگهي،
خود اُڏامڻ جي نٿو طاقت رکي.

جيڪڏهن درياھ ۾ ڪک ٿو پوي،
جابجا پاڻيءَ ۾ وهندو ٿو رهي.

ڪک تري ٿو ڪين پنهنجي زور سان،
ڪيس پاڻي ٿو وهائي شور سان.

حال هي قدري ۽ جبري جو ٿيو،
صاف دل سان مون بيان توسان ڪيو.

آهي قدري ڪان اچا جبري چڱو،
هي خودي سان هو خدا سان گڏ ٿيو.

پاڻ سان آباد قدري ٿا رهن،
پاڻ ڪان آزاد جبري ٿا رهن.

جبر توڙي قدر ساڳي ڳالهه ڄاڻ،
شڪ انهيءَ وحدت جي رستي ۾ نه آڻ.

ڪنهن سمي غزني ۾ هڪ گمراهه هو،
جو نه حق جي راهه ڪان آگاهه هو.

هڪ ڏهاڙي جيئن ٿي آيو راهه سان،
اوچتو ڊوڙيو وڃي هڪ جاءِ تان.

هن چيو اڳ ۾ هي پاڇو ٿو ڏڪي،
اُن پڇيان منهنجو بدن پيو ٿو هلي.

هڪ سياڻي شخص هي گفتو ٻڌي،
اُن اَياڻي کي چيو هڪ دم کلي.

بيخبر سمجهين نٿو هن ڳالهه کي،
حيف آهي تنهنجي اهڙي حال تي.

جو چوين ٿو سو غلط آهي خيال،
تنهنجي ناداني ڪيو آهي ڪمال.

پاڻ پاڇو تنهنجي تابع ٿو رهي،
هر طرف تي تنهنجي پويان ٿو هلي.

خودبخود پاڇو ڪري ٿو پيروي،
هي سراسر ڳالهه آهي عقل جي.

جي رهين ٿو تون تہ پاڇو ٿو رهي،
تو بنا پاڇو نہ ٿو هستي رکي

جي هلين ٿو تون تہ پاڇو ٿو هلي،
جي سمهين ٿو تون تہ پاڇو ٿو سمهي.

جي ڀڄين ٿو تون تہ هو پڻ ٿو ڀڄي،
هر طرح رفتار تنهنجي ٿو رکي.

ڪيئن تہ پاڇو ٿو رهي توسان ڪٺو،
تون اجا هن ڳالهه کي سمجهين نٿو.

تنهنجي هستي ناهي سڀ ڪجھ يار آهہ،
تون نہ آهين جا بجا دلدار آهہ.

هر طرح آهي خدائي سان خدا،
هي حقيقت پڻ سڄڻ مون کان صفا.

شهر غزني ۾ هيو هڪ ماستر،
دل جي دنيا جي نہ هئي جنهن کي خبر.

شوق سان ٻارن کي پاڙهيندو هيو،
الف بي تي جو سبق ڏيندو هيو.

تن ۾ هڪڙو ڇوڪرو هو باخبر،
جنهن پڙهيو تي هڪ الف وارو اکر.

هي ڏسي هو شوڪجي ويو شور سان،
ڇوڪري کي ڏڪ هنيائين زور سان.

پوءِ چيائين تون پڙهين تو هڪ اکر،
ڇونٿو بي تي پڙهين اي بيخبر!

هن چيس: استاد هي چاتو چوين،
ريءَ الف بي تي ۾ اٽڪي تو پين.

مان پڙهان تو هڪ الف وارو اکر،
ڪين آهي مون کي بي تي جي خبر.

مان الف جو ورد جاري تو رکان،
تون ڪٽي ۽ مان ڪٽي ڏس غور سان.

جلد ڪر بي تي جو بت برباد ڪر،
پت سڪندر جي پيجي دل شاد ڪر.

حق ڇڏي بيسود بي تي ۾ نہ ڪڙھ،
وڃ وڃي عطار جي نامي کي پڙھ.

کول "منطق‌طير" کي پڙھ ۽ پراءِ،
عشق واري بحر ۾ هستي وڃاءِ.

جلد "وصلت نامہ" جو پڙھ هڪ پنو،
جيئن پوي توکي پتو اسرار جو.

يا تہ "رهبر نامہ" کي پڙهہ بار بار،
يا وجي ڪنهن ڪنب ۾ ويهي گذار.

عاشقن وٽ ويهہ ڪر صحبت سچي،
عارفن جي ڳالهہ ٻڌ تن کان پڪي.

حال حاصل ڪر گهٽو، آباد ٿي،
ڇڏ خوديءَ کي غير کان آزاد ٿي.

وڃ وجي احوال ٻڌ عشّاق جو،
درد پنهنجي ۾ اضافو ڪر سگهو.

غم حڪايت سان هميشه ٿو وڌي،
فيض ڪيئن ڪنهن کي شڪايت مان ملي.

عشق جي ڳالهين ۾ رحمت ٿي رهي،
خاص الفت جي عنايت ٿي رهي.

يار پنهنجي جي حڪايت خوب ڄاڻ،
هر طرح ان ۾ هدايت خوب ڄاڻ.

عشق ۾ آهي هدايت ۽ ڪمال،
عشق بخشي ٿو ولايت ۽ ڪمال.

عشق ٻن کي هڪ ٻڻائي ٿو ڇڏي،
پاڙ دوئي جي پٽائي ٿو ڇڏي.

عشق بخشي ٿو بلندي جو مقام،
مهربانيون عشق جون آهن مدام.

عشق آڻي ٿو ملامت ۾ ڪٿي،
هر گهڙي جنهن ۾ هدايت ٿي رسي.

مرد هڪ واپار جو سانگو رکي،
ٿوم بصرن جو وکر وينو ڪڍي.

ميڙ ماڻهن جو اچي هن وٽ متو،
جهٽ وڪامي ويو سندس سودو سچو.

هو وري زربفت جو ڪپڙو وٺي،
پاڻ وڪري لاءِ وينو هٽ ڪڍي.

ڪن اچي ورتو ته ڪي موتيا ڏسي،
عام کي طاقت وٺڻ جي ڪين ٿي.

پنهنجي گهر موتيا اُنهن مان ڪيترا،
دل شڪسته ٿيا خريدي ڪان سوا.

ميڙ مان ٿورن اهو سودو ڪيو،
حيثيت ۽ حوصلو جن کي هيو.

بند ڪپڙي کي ڪري هيرا وٺي،
پاڻ سوداگر اچي وينو وري.

هن چيو سودو هي آهي بها،
ڪير وٺندو بادشاهن کان سوا.

نيٺ هي سودو وٺي ويا بادشاهه،
عام توڙي خاص ورتي پنهنجي راهه.

هڪ وظيفا پيو ڪرامت جو ڪمال،
مون ڏنو توکي پنهي سودن جو حال.

عشق وارو آخري سودو صفا،
ڪنهن نہ ورتو بادشاهن کان سوا.

عشق آهي زهر هيري جي مثال،
جنهن اڳيان بيدرد جي ناهي مجال.

حج زڪواتن ۽ وظيفن جو ثواب،
هٿ ڪري سيڪو سگهي ٿو بي حساب.

عشق جي ويجهو نہ ويندو عام ڪو،
واسطو جڳ سان نہ آهي عشق جو.

ڪيئن پلا ڪو عشق جي آڏو اچي،
شينهن جي سامهون نٿي ٻڪري بچي.

صاف "شرح غوثيہ" جو هي بيان،
ترجمو قرآن جو آهي عيان.

جي نٿا پنهنجو وجودي سير ڪن،
پوءِ ڪٺي ڪيڏا ٻہ هو سجدا ڏين.

سير ظاهر جي ۾ آهن مبتلا،
اصل ۾ الله کان آهن جدا.

آهي قدسي ڳالهہ جو مطلب اهو،
ٻڌ ٻڌايان ٿو سخن توکي سچو.

جيڪڏهن ڪو آدمي اهڙو هجي،
محو ذڪر ۽ فڪر ۾ ويٺو هجي.

پر نٿو شامل رکي دل جو حضور،
ڄاڻ ان کي ظاهر ۽ باطن ۾ دور.

ڪين آهي ان کي "معڪم" جي خبر،
فڪر اُن جو ٿو رهي زير و زبر.

وٽ پتو مون ڪان حقيقي سونهن جو،
جنهن جو هر دل ۾ سدا ديرو لڳو.

جو نٿو ديدار دلبر جو ڪري،
سو رهي ٿو پنهنجي مقصد ڪان پري.

جي نه دل ۾ سمجهندين دلدار کي،
نور جو شعلو نظر ايندئي ڪٿي.

هي سمورو ظاهري آهي سفر،
مرد موليٰ جا انهيءَ تي غور ڪر.

مان پري آهيان سندس تعميل ڪان،
دين ڪان، تسبيح ڪان، تحليل ڪان.

مون ڇڏي روزن نمازن جي پچر،
زهد و تقويٰ کي وساريم سربسر.

واسطو آهي انهيءَ جو جسم سان،
بندگي غالب رهي ٿي جنهن مٿان.

جي انهيءَ ڪڏ جي تري ۾ تا ڪرن،
سي نتا الله پنهنجي سان ملن.

عام نيڪن جون چڱايون ۽ ثواب،
خاص پهتل مرد سمجهن ٿا خراب.

جيئن جو هڪ هسوار پاٽيءَ ۾ ڪريو،
پنهنجي پيرن کي رڪابن مان ڪڍيو.

بس گهڙيءَ ۾ ان جي گهوڙو ويو ٻڏي،
پاڻ آيو خير و خوبي سان بچي.

خود چيائين: شڪر موليٰ جو ڪيان،
مهرباني ڪئي خدا منهنجي مٿان.

مون کي بخشيائين حياتي آب ۾،
منهنجو گهوڙو غرق ٿيو گرداب ۾.

هو ٻڏي ويو مان بچي نڪتس هتي،
هو ڪٿي آهي ته مان آهيان ڪٿي.

ٻڌ سمورو راز رهه ويساهه ۾،
بيخودي سان اچ خدا جي راهه ۾.

غرق ٿيندين جسم سان پڪ جاڻ تون،
پنهنجي هستي کي پري ڪر پاڻ تون.

جسم تنهنجو آهي گهوڙي جي مثال،
دور ڪر هي هوڏ هستي جو وبال.

بس وچان هن جسم خاڪي جو حجاب،
جي هٽائيندين تہ ٿيندين ڪامياب.

جي اهو هوندو تہ ٿيندين تون خراب،
يار جي رستي ۾ آڻيندو حجاب.

جسم جي جنجال کان آزاد رھ،
دوست جي درگاھ ۾ آباد رھ.

جسم جو بوتو صفا برباد ڪر،
پاڻ کي الله سان آباد ڪر.

هي سموري چاڻ اونداهي جي راھ،
آهي نازڪ حق جي آگاهي جي راھ.

ان جي رمزن کي سڃاڻيندين جڏهن،
دم اناالحق جو هڻي سگهندين تڏهن.

حيف هي رمزون نٿو سمجهي سگهين،
دام دوئي جي ۾ قابو ٿو رهين.

اڄ ذرا توڙي تہ ڏس هن دام کي،
ڇا خبر هن مام جي ڪنهن عام کي.

دام اهڙي کي جي توڙيندين صفا،
سرخرو دارين ۾ ٿيندين صفا.

جيئن جو ڪجهہ دونهون هوا ۾ ٿي هليو،
هڪ گدا ويجهو وڃي ان کان پڇيو.

"اي سيه پوشاڪ وارا ڳالهه ڪر،
تون هتان ڪاڏي وڃين ٿو ڪر خبر؟

ڏس ته ڪهڙي جاءِ تان آئين هتي؟
هن جڳهه تان تون وري ويندين ڪٿي"؟

هن چيو، "اي گودڙي وارا گدا،
غور سان ٻڌ، منهنجي غم جي ماجرا.

ڪا اچڻ توڙي وڃڻ جي سڌ نه آهه،
پنهنجي هستيءَ جي هجڻ جي سڌ نه آهه.

هاءِ ڪاڏي ٿو وڃان ناهي پتو!
علم ڪجهه ناهي سفر جي جاءِ جو.

هي خبر ناهي ته مان آيس ڪٿان!
مان نه آيس هن هوا يا خاڪ مان.

بن وجود آهيان ڪٿي آهي وجود،
ڪين آهي منهنجي هستي ڪي وجود.

بود ۽ نابود جو ناهي پتو،
مون کي حيراني ۾ هن حيرت وڌو.

ڪير آهيان پاڻ ڇا آهيان سڄڻ،
سچ پڇين مون کان نه ڪجهه ناهيان سڄڻ.

ڇا مجال آهي جو ڪجهه دونهون ڪري،
ڪجهه نه هوندي ڪئين هجڻ جو دم ڀري.

تون نہ آهين آهي سڀ ڪجھ هڪ تِدا،
تنهنجي هستي آهي اُن سان اي گدا.

بنسري کان هيئن پڇيو هڪ هوشمند،
ڪنهن سبب کان تون رهين ٿي بند بند.

ڪيئن ڪرين ٿي هي جدائي جي پڪار،
شوق منهنجو ٿو وڌي بي اختيار.

بنسري ان کي وراڻي هي ڏني،
مون کي ناهي ڪا خبر آواز جي.

ڪير آهي جنهن جو هي آواز آهہ؟
پڇ انهيءَ کان جنهن جي هٿ ۾ ساز آهہ

هن پڇيو پيهر تہ هي چاٿي ڪرين؟
ڦوڪ سان سيني کي ساڙي ٿي ڇڏين.

هن چيو، "اي هوش وارا غور ڪر،
ناهي مون کي ڦوڪ واري جي خبر.

ڪير آهي جو هي غوغا ٿو ڪري؟
پوش مان آواز پيدا ٿو ڪري؟

غور سان ڏس مون کي وچ ۾ تون نہ آڻ،
جو بہ آهي سو سمورو آهي پاڻ.

بيخبر ٿي پنهنجي هستيءَ کان شتاب،
پاڻ کان پاسي رهي ٿي ڪامياب.

پاڻ تو ٻولي ٻڌي توڙي ڏسي،
تون نہ آهين پاڻ سڀ ڪجھ تو ڪري.

"مان اسان" واري خودي کي ڪر فنا،
پنهنجي هستي کي وساري ڇڏ صفا.

تون نٿو ٻولين اهو ٻولي تو پاڻ،
تون نٿو ڳولين اهو ڳولي تو پاڻ.

"القوال" اندر وڏو تجّار هو،
جنهن جو هڪ پٽ سونهن ۾ سردار هو.

سبز خط سان منهن منّور جو جمال،
ور وڪڙ سڀ وار واسينگن مثال.

هڪ ڏهاڙي پاڻ سينگاري بدن،
قيمتي ڪپڙا ڪيائين زيب تن.

پنهنجي ڪپڙن تي مڙهيائين ڪيترا،
لعل ۽ الماس موتي بي بها.

پنهنجي زلفن کي ڏنائين پيچ وتاب،
تن مٿان ڇڙڪيائين خوشبو ۽ گلاب.

سرس سهڻا ٿيا سندس رخسار ٻئي،
مست خوني نيڻ ٿيا نروار ٻئي.

آرسي ڏي منهن ڪيو جيئن قربدار،
پنهنجي صورت کي ڏنائين باربار.

پنھنجي صورت کي ڏسي مدهوش ٿيو،
بيخودي ۾ خودبخود خاموش ٿيو.

ڪيترو ئي وقت هو حيران هيو،
پنھنجي مورت جي مٿان مستان هيو.

راھ تي بيٺي رنائين زار زار،
درد جون دانهون ڪيائين بيشمار.

هيئن ڪيائين تي جدائي جي پڪار،
آهي چاجو غم جڏهن گڏ آهي يار.

هن طرح جو يار پنھنجو تو ڏسان،
چو نہ اوريان حال ڪنهن هشيار سان.

مان رهان تو مست هن جي حسن تي،
پر نٿو دلدار مون کي هٿ اچي.

هو ڪڏهن رقصان ڪڏهن پرجوش هو،
خود ڪڏهن نالان ڪڏهن خاموش هو.

پئي چيائين، "ڪير حيران تو ڪري؟
وصل ۾ چاجو وڇوڙو تو رهي.

خود ڏسان تو پر نٿو حاصل ڪيان،
مست کو واقف ڪري هن راز کان.

اوچتو هڪ اهل دل آيس نظر،
جنهن چيس توکي اها ناهي خبر.

ڪا ۽ صورت ناهي تنهنجي درميان،
پنهنجو درشن ٿو ڪرين تون اي جوان.

توکي پنهنجو حسن حيران ٿو ڪري،
پاڻ آهين مست عاشق پاڻ تي.

ناهي ڪو محبوب ٻيو تو کان سوا،
کول اک ۽ پاڻ کي ڏس تون ذرا.

در حقيقت تون ڏسين ٿو پاڻ کي،
خودبخود عاشق رهين ٿو پاڻ تي.

دم ۽ ناهي ڏار توکان بيمثال،
پاڻ ۾ ڏس پنهنجي دلبر جو جمال.

اي سڄڻ! ڪر دور دوئي کي سگهو،
ڄاڻ پنهنجو پاڻ کي آهين اهو.

عاشق ۽ معشوق خود کي پاڻ ڄاڻ،
شڪ نہ ڪر تون پنهنجي وحدت کي سڃاڻ.

رات هيڪر ڏينهن کي ڏاڍيان چيو،
مان وساري ٿي ڇڏيان غم هجر جو.

پاڻ ۾ گڏجي رهون آباد ٿيون،
هجر جي تڪليف کان آزاد ٿيون.

مان وڃان ٿي جي اچين ٿو تون هتي،
هڪ نہ ٿينداسون نہ گڏباسون ڪٿي.

ڏينهن ٻولائي ٻڌايو رات کي،
مون کي تون حاصل ڪرين سگهندين ڪٿي.

مان نٿو ترسان تہ تون آهين هتي،
منهنجي هوندي ڪير بيهي ٿو سگهي.

تون رهين يا مان رهان هڪ جاءِ تي،
پاڻ گڏجي ڪين سگهنداسون ڪٿي؟

ٻن منجهان هڪڙو فقط رهندو هتي،
ڪر پري وحدت ۾ هرهڪ وهم کي.

جاڻ هڪ، ٻن کي نہ ڏس ٻن کي نہ ٻول،
حق جي رستي ۾ ڪڏهن ٻن کي نہ ڳول.

جنهن کي دوئي آهي سو برباد آهہ،
ڪين وهمن کان ڪڏهن آزاد آهہ.

توکي مون ڪولي ٻڌائي سڀ خبر،
پر اڃا توتي ذرو ناهي اثر.

ڪير آهين تون ڪٿان آئين هتي،
ڏس تہ هڪڙي جاءِ تان، آئين ڪٿي.

تنهجي هستي ڪين هئي اڳ ۾ ڪٿي،
پوءِ هستي ۾ هلي آئين هتي.

تنهجي هستي ناهي سڀ ڪجهہ يار آهہ،
تون نہ آهين درميان دلدار آهہ.

"مان اسان" جي ڳالهه واري ڇڏ صفا،
ڪجهه به ناهي ذات حق جي ڪان سوا.

جسم ڪان آزاد ۽ بيباڪ ٿي،
"مان اسان" واري خودي ڪان پاڪ ٿي.

پوءِ پڇايا پاڻ ۾ چمڙن ملي،
ملڪ پنهنجي ۾ رهون آزاد ٿي.

سچ پتيان هرگز نه ڇپنداسون ڪڏهن،
جاڳنداسون ڪين سهنداسون ڪڏهن.

سچ پتيان اُڏري ڏسون ٿا اڄ شتاب،
من ڪري مولئِ اسان کي ڪامياب.

سچ ڪٿي آهي ڪيو سيئي ڪلام،
جي هجي ها، سڀ پڏون ها ان جو نام.

سچ سڏن ٿا جنهن کي سو آهي ڪٿي،
جي هجي ها هو ته ڏسجي ها هتي.

سچ ڪٿي ڪونهي ڇڏيو ان جي پچر،
آهي ڪوڙي ڳالهه ان جي سر بسر

نيٺ سڀ اُڏري هليا چمڙا سڏو،
سچ کي ساري، چاهه مان سيني چيو.

"پاڻ کي هوندو هينئر سچ ويجهڙو،
دير ڪانهي جلد ان کي جاچبو.

بعد ۾ سيني چيو آهيون پري،
سچ ڪٿي هوندو اڳي يا پوئتي.

سچ اسان کان پوئتي رهجي ويو،
پنهنجي دل جو هي خيال آهي پڪو.

هر بيابان ۽ جبل جهاڳڻ لڳا،
پر هٽي پنهنجا سيئي ٿڪجي پيا.

ايتري ۾ ڪنپ سيني جا ڪٺا،
سپ پليد آخر ڪري پٽ تي پيا.

سچ برابر آهي روشن سربسر،
پر اهو انڌن کي ڪيئن ايندو نظر.

هر جڳهه تي آهي ظاهر هڪ خدا،
ڏس اکيون کولي انهيءَ کي جابجا.

اک فقط ديدار سان اک تي رکي،
آهي خالي ڪل نٿي جيڪا ڏسي.

ڏس اکيون کولي خدا جي ذات کي،
اي گدا، ڪنهن کي نٿو انڌو ڏسي.

هن طرح مجنون جو اڳ ۾ حال هو،
رت رنو تي پرت ۾ پامال هو.

رت وهايائين اکين مان اَڻ ميو،
سرخرو سارو بيابان تي پيو.

جو ڦٽو اُن مان زمين تي ٿي ڪريو،
اُن منجهان ليليٰ جو نالو ٿي جڙيو.

عشق مان آهون سدا ڪيندو رهيو،
درد غم جي چاشني چکندو رهيو.

خط لکي ليليٰ جي پاسي بيشمار،
روز قاصد موڪليا ٿي قربدار.

غم الم تنهنجا هميشه ٿو سهان،
پر نٿو مون ڏي اچي ڪو تو وٽان.

ڪين قاصد ٿا اچن هت قرب جا،
هي وٿي ايڏي وڇڻ ناهي روا.

حال ڪان بيحال آهيان ڇا ڪيان،
چاهه ۾ آهيان ڇريو مان ڇا ڪيان؟

ڪو نٿو توکي پڌائي منهنجو حال،
خاڪ سر ۾ اهي ڪر منهنجو خيال.

حال نازڪ آهي هيڪر ڏس اچي،
سر تي واري ٿي وسائي بيڪسي.

عشق ۾ سڀ هوش راهي ٿي ويس،
سڀ لکڻ توڙي پڙهڻ وسري ويس.

پوءِ زباني حال اُن پئي موڪليو،
جنهن ڪري آخر مصيبت ۾ اڙيو.

نيٺ وسريس سڀ سنيها ۽ سلام،
ياد آيس صرف هڪ ليليٰ جو نام.

روز شب ليليٰ پڪاريندو رهيو،
ان جي نالي کي اُچاريندو رهيو.

نيٺ اهڙو حال آيو ان مٿان،
چپ ڪيائين اوچتو هر ڳالهه کان.

پاڻ کي ليليٰ چيائين برملا،
ناهي ٻي ليليٰ ڪٿي مون کان سوا.

عشق پنهنجو اوج ڏيکاري ٿو پاڻ،
خود بخود پنهنجي خودي ماري ٿو پاڻ.

عشق واري شاهه ڏيکاريو ڪمال،
ڪيئن نه هستي کي ڪيائين پائمال.

بيخبر ٿئجي ٿو پنهنجو پاڻ کان،
دم اناالحق جو هڻي ٿو هر زمان.

خود فنا ٿئي ٿو بچي باقي ٿو يار،
جو به ٻولي ٿو ته بس ۾ بي اختيار.

پنهنجي هستي کي هٽائي ٿو ڇڏي،
دين و مذهب کي مٽائي ٿو ڇڏي.

حق بنا ڪا شيءِ نٿي باقي بچي،
تنهنڪري اُن تي نٿي تهمت اچي.

هي وجود آهي وجود الله جو،
هن گدا ۾ شان آهي شاهہ جو.

پنهنجي هستي کان پري منصور ٿيو،
دم خدائي جو هڻي منظور ٿيو.

مرتبو ساڳيو هيو عطّار جو،
جيڪو محرم راز هو اسرار جو،

شمس پڻ اهڙي طرح عارف هيو،
حق جي رمزن کان صفا واقف هيو.

عشق جا ڪم ڏس عجب سرڪار آهہ،
تخت بعضي آهي بعضي دار آهہ.

ڪنهن ڇيو ڇپرن کي آهي ڇا سبب،
جو رهو ٿا هن جڳهہ تي روز شب.

هر پکي آزاد آهي شهر ۾،
شاد ۽ آباد آهي شهر ۾.

ڇو وسايو ٿا هي ويرانو وطن،
آهي قبرستان بيگانو وطن.

هي ٻڌي ڇپرن ڇيو اي بيخبر!
ٻڌ اسان جي ڳالهہ ۽ ڪجهہ غور ڪر.

آهي ويرانو برابر هي مڪان،
پر ڪو ديوانو ٿو ڄاڻي ان جو شان.

در حقيقت هي وطن آباد آهه،
جو اچي ٿو هت اهو آزاد آهه.

هت اچي موٽي نٿو ڪو شهر ڏي،
جاءِ جوڙيسون تڏهن هن جاءِ تي.

شهر سارو موت هيڏي ٿو ڪري،
روز ايندو ٿو رهي هن جاءِ تي.

هن جڳهه تان ڪو نٿو واپس وري،
پر هتي هر ڪو اچي ٿو گهر ڪري.

ڪيستائين ڪوئي چاهيندو فنا،
هت فنا ناهي مگر آهي بقا.

هي نصيحت آهي تنهنجي واسطي،
ڪر خبرداري ٻڌي هن ڳالهه کي.

رهه چريائي ۾ سياڻو صاف ٿي،
اصل ۾ آهي اها مردانگي.

جي مڃين مون کي ته ديوانو ٿي رهه،
دوجهان ۾ مرد مستانو ٿي رهه.

سڀ چريائي آهي مستي کان سوا،
چو ته اُن ۾ آهي غفلت برملا.

پاڻ کان آزاد مستي ٿي ڪري،
دور دنيا جي ڪمن کان ٿي رکي.

جلد عاشق ٿي ڇڏي وهم ۽ گمان،
جيئن وٺين دنيا جي ڏنڊن کان امان.

ڪر ڦِٽا دنيا جا ڏنڊا شاد ٿي،
پنهنجي هستي کان صفا آزاد ٿي.

آهي دنيا جو سمورو ڪم خراب،
جي پلو پائين ته ڀڄ ان کان شتاب.

رهه اڪيلو تون يگانو يار ٿي،
دوجهان ۾ صف شڪن سالار ٿي.

ڪم زماني جو پريشان تو ڪري،
خود پڇاڙيءَ ۾ پيشيمان تو ڪري.

حق جي رستي کان جو هوندو باخبر،
سو ڇڏيندو جڳ جي ڏنڊن جي پچر.

پنهنجي هستي کي وساري ڇڏ شتاب،
ورنه ٿيندين سخت رسوا ۽ خراب.

مان صفا ڪولي ٻڌايان تو خبر،
هر طرح سان ڇڏ زماني جي پچر.

ڪر ڦِٽي فتني گڏيل فرزانگي،
جي چڱو چاهين ته وٺ ديوانگي.

جو نه هن رستي ۾ ديوانو ٿيو،
ناهي لائق بادشاهي جو اهو.

جو زماني کان صفا آزاد آهه،
ان جي دل ۾ دلربا آباد آهه.

يار ناهي دور، ويجهو تو وسي،
پر نٿو سمجهي سگهين تون راز کي.

پاڻ کي سمجهين ٿو ڪجهه اي بيخبر!
ڪوڙ تي ناحق ٻڌين ٿو تون ڪمر.

جيڪڏهن ڄاڻين ته سڀ ڪجهه يار آهه،
بيخبر! تنهنجي خودي بيڪار آهه.

پاڻ کي ٻاهر ڪندين جي پاڻ کان،
ذات موليٰ جي نظر ايندي عيان.

شام اندر هڪ وڏو تجار هو،
اُٺ مٿان تنهن کي گهڻو ڪجهه بار هو.

خود ويو تي روم ڏي سودو ڪرڻ،
قيمتي پوشاڪ جو وکرو ڪرڻ.

بس قضا سان اُٺ مري ويو اوچتو،
راهه ۾ جنهن بار ڪيرائي وڌو.

درد مان دانهون ڪرڻ مالڪ لڳو،
منهنجو سهڻو اُٺ مري ويو اوچتو.

قيمتي ڏاڍو هيو ڪم ڪار ۾،
تيز هردم تي رهيو رفتار ۾.

٢،٤٦

ڪيترا پئسا ڏئي ورتم اهو،
تيز تر سهڻو سٺو ۽ سيبتو.

سخت حيرت ۾ چيائين رڙ ڪري،
ڪير آهي جو کڻي هن بار کي.

ڪير کڻندو بار کهڙو بار آهه،
هي اهوئي اُٺ اهوئي بار آهه.

منهنجي اٺ کي ڪين طاقت هئي اُها،
ڪنهن نہ ڪنهن هستي جي قوّت هئي اُها.

اي سڄڻ! ڪاشيءِ نہ مخفي تي رهي،
جا هميشه ڪم سمورا تي ڪري.

آهي سڀ طاقت انهي جي سربسر،
وهم جي هر ڳالهہ ڇڏ، ويساهہ ڪر.

جسم تنهنجو آهي اُن اُٺ جي مثال،
رک نہ اُن ۾ پروسي جهڙو خيال.

ڇڏ فنا جي شيءِ کي، حاصل ڪر بقا،
جيئن ڏسين ظاهر ۾ سورج جو لقا.

تون ٿو سمجهين مان هلان ٿو پنهنجو پاڻ،
خود چوان ٿو خدا ٻڌان ٿو پنهنجو پاڻ.

تون نٿو ٻولين، اهو ٻولي ٿو پاڻ،
تون نٿو ڪولين، اکيون کولي ٿو پاڻ.

هي سموري يار جي رفتار آهه،
هر نموني ۾ سندس گفتار آهه.

روز شب موليٰ جو نالو ياد ڪر،
اُن بنا هر چيز کي برباد ڪر.

ڇڏ وظيفن جي سڄي ڇڪتاڻ تون،
حق جي نالي کي غنيمت ڄاڻ تون.

تون نہ ٿورو ڄاڻ حق جي نام کي،
معرفت جو علم اُن مان تو ملي.

گهر ۾ جيئن هيڪر هيو خواجہ فريد،
التجا ان وٽ اچي ڪئي هڪ مريد.

اي حقيقي رهنما ڪر رهبري،
دوجهان ۾ ٿئي بلندي بخت جي.

اي خدا جا دوست منهنجا مهربان،
ڏس اهو نالو جو هردم پيو وٺان.

التجا ان جي وٽي وئي شيخ کي،
کيس ڄاڻائين مريدن کان مٿي.

ڏس ڏنائين ان کي حق جي راهہ جو،
پاڪ سمجهي اسم پڙهہ الله جو.

صدق سان طالب طلب ورتي تمام،
گهر وڃي هرهر چيائين حق جو نام.

ڪجھ ڏهاڙن بعد هو آيو وري،
با ادب بيهي رهيو ٻانهون ٻڌي.

پير پنهنجي کي چيائين عجز سان،
دل ڪٽي ايس خدا جي نام ڪان.

هي ٻڌي خواجہ چيس منهنجا ٻچا!
ڪافر ۽ مرتد ٿئين ٿو بي خطا.

ڏس تہ تون ڇا جي ڪري مرتد ٿئين،
جو ٿو ناحق ڪفر جو ڪلمو پڙين.

هن چيو حضرت صفا سچ ٿو چوان،
پر ذرا دل سان ٻڌو منهنجو بيان.

هر گهٽيءَ ۾ جابجا جاچي ڏٺم،
هر جڳهہ الله جو نالو ٻڌم.

هر دڪان جاچي ڏٺم بازار جو،
جا بجا نروار هي نالو هيو.

ذڪر هر ڪنهن تي ڪيو الله جو،
هر گلي ڪوچي ۾ هي نالو هيو.

دل سڙي وئي منهنجي سچ پچ ساڙ ڪان،
هر جڳهہ تي اسم هي ايو ڪٿان؟

مون تہ مخفي طور مرشد ڪان ٻڌو،
شهر ۾ اڳوات ڪيئن پڌرو ٿيو.

هي سخن خواجہ جڏهن هن کان ٻڌو،
درد کان هڪ ڏانهن نڪتس اوچتو.

هي چيائين ان کي ٻڌ اي بيخبر!
هڪ سروتو هت کڻي اچ جلد ڪر.

هو سروتو هڪ کڻي آيو سگهو،
پنهنجي مرشد وٽ اچي حاضر ٿيو.

ظاهري سر جو ٽڪر جيڪو هيو،
پاڻ خواجہ پنهنجي هٿ ۾ سو ڪيو،

پنهنجو هٿ پاسي ڪيو خواجہ جڏهن،
ٻي ٻها موتي سروتو ٿيو تڏهن.

بس اتي ان کي چيائين اي ٻچا،
پڇ وڃي بازار ۾ ان جي ٻها.

هي ٻڌي بازار ۾ آيو وري،
سڌ رکيائين ڪين اصلي راز جي.

بس ڪيائين هر دڪان تان هي پڇا،
ڪو ٻڌائي مون کي هن شيءِ جي ٻها.

اڳ ۾ حلوائي وڏي واڪو ڪيو،
ان جي بدران وٽ مٺائي جو ڏرو.

ٻئي چيس: وٽ ٿوم بصرن جي ڏڙي،
ٻـي دعا ان کان سوا وٽ هن گهڙي.

تئين چيس: جي يار آهين هوشمند،
هن عوض ڪر ڪير جو پيالو پسند.

نيٺ هڪڙي جوهري ڪان هن پڇيو،
ڏي خدارا هن جي قيمت جو پتو.

هن ٻڌايس، آهي موتي بي بها،
جو ٻہ ملهہ چوندين اهو ڏيندو ٻجا.

هي وڏي قيمت جو موتي تو لڌي،
سون چاندي ايتري آهي ڪٿي؟

جو چوين هن وقت سو توکي ڏيان،
ڪر ٻها اُن جي تہ مان حاضر ڪيان.

سون سان آهي ڀريل منهنجو مڪان،
جو وٺي توکي اهو ڪڻ تون هتان.

ڪين آهي ايتري مون وٽ مڏي،
پر انهيءَ تان جان پڻ قربان ڪبي.

هي ٻڌي موتي ڪنيائين پاڻ سان،
گهر هليو آيو سڌو بازار مان.

پنهنجي مرشد وٽ وري وينو اچي،
سڌ ڏنائين ڪين ساري ڳالهہ جي.

پير فرمايس تہ اي منهنجا عزيز!
صرف هڪڙي جوهري کي پئي تميز.

قرب سان هن قدر موتي جو ڪيو،
عام ماڻهن کي نہ پيو ان جو پتو.

قدر جوهر جو ڪندو ڪو جوهري،
غير کي ڪهڙي خبر هن راز جي.

جيئن ڏنو تو پاڻ موتي جو مثال،
جاڻ تيئن الله جي نالي جو حال.

عشق سان الله جو نالو اُچار،
چو تہ ان جو قدر ڪن تا قربدار.

جوهري وانگر انهيءَ جو قدر ڪر،
ڇڏ ڪٿي هڪوار ٻن تن جي پچر.

عام ڇا ڄاڻن انهي جو مرتبو،
خاص ماڻهن کي پيلا ڪهڙو پتو.

ورد ڪر هن نام جو تون صبح شام،
ذڪر ۾ رهہ مست ۽ بيخود مدام.

بيخودي ۾ اچ اهو نالو پڪار،
خود پرستي جي وظيفن کي وسار.

ذڪر سان حاصل ڪري وٺ بيخودي،
مهرباني چاڻ موليٰ پاڪ جي.

پاڪ مرسل جڳ سڄي جو ڪارڻي،
مهر جنهن جي ٿي "خدائي" تي گهڻي.

مان سندس ادنيٰ غلامن جو غلام،
هن رسالي کي ڪيم آخر تمام.

هن رسالي کي پڙهي سڀ کو پڙهي،
مون لکيو آهي مريدن واسطي.

هي سخن آهي سمورو مستجاب،
مون هتي پورو ڪيو پنهنجو ڪتاب.